Follow us on: daily pak karachi
ABC CERTIFIED
سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
روزاني
پاڪ
ڪراچي
website:www.dailypak.net
TM-Reg:465078
جلد:27 خميس 27 فيبروري 2025ع بمطابق 28 شعبان المعظم 1446هه قيمت 20 رپيا شمارو: 105

# 26 هين آئيني ترميم اصل صورت ۾ نه پر هڪ ڪمپرومائزڊ شڪل ۾ منظور ڪئي وئي: بلاول ڀٽو

تڪراري پيڪا قانون ان شڪل ۾ منظور نه ٿيو جيئن شروعاتي طور تي تجويز ڪيو ويو هو، پيپلز پارٽي پيڪا قانون ۾ به ڪيترين ئي ترميمن ڪرايون آهن

پيڪا جي ابتدائي صورت ۾ سوشل ميڊيا پوسٽ تي 30 سال قيد جي سزا به شامل هئي، پر پ پ ان قانون جي ترميمي مرحلي ۾ شامل رهي ۽ اهم ترميمون ڪرايون

پيپلزپارٽي 26 هين آئيني ترميم جي منظوري سان جمهوريت کي ڪمزور نه ڪيو، پر حقيقت اها آهي ته پاڪستان ۾ جمهوريت اڃ ئي مستحڪم ناهي

پاڪستان اهو اڪيلو ملڪ ناهي، جيڪو جمهوريت جي عدم استحڪام جي منهن ڏئي رهيو آهي: لنڊن جي آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ ڊنل انٽرويو

لنڊن (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته 26 هين آئيني ترميم پنهنجي اصل صورت ۾ نه پر هڪ ڪمپرومائزڊ شڪل ۾ منظور ڪئي وئي، جڏهن ته پيپلزپارٽي پيڪا قانون ۾ به ڪيترين ئي ترميمن ڪرايون آهن. آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري وضاحت ڪئي ته تڪراري پيڪا قانون ان شڪل ۾ منظور نه ٿيو جيئن شروعاتي طور/ڏسو صفحو 3 بقايا 19

بزنس فيسيليٽيشن اينڊ ڪو آرڊينيشن ڪميٽي جي ٽرانسپورٽ بابت سب ڪميٽي جي جو اجلاس شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٿيو

## سنڌ سرڪار، صنعتڪارن ۽ واپارين ۾ ٽرانسپورٽ انفرا اسٽرڪچر کي بهتر ڪرڻ تي اتفاق

ڏرين قانون جي نفاذ کي يقيني بڻائڻ ۽ ڪاروباري برداري جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ به گڏيل ڪاوشن جو به فيصلو ڪيو ويو

جلد اليڪٽرڪ وهيڪل پاليسي متعارف ڪرائبي، پرڏيهي ڪمپنيون سيڙپڪاري ۾ دلچسپي رکن ٿيون: سنڌ جو سينيئر صوبائي وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ سرڪار ۽ صنعتڪارن ۽ ڪاروباري شخصيتن ان ڳاله تي اتفاق ڪري ورتو آهي ته سمورا لاڳاپيل ادارا ڪراچي جي ٽرانسپورٽ انفرااسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ لاءِ گڏيل طور تي ڪم ڪندا، ڏرين قانون جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 1

## سنڌ ۽ پنجاب پاران سماجي تحفظ جي شعبي ۾ سهڪار بابت معاهدي تي صحيحون

معاهدي واري تقريب ۾ پسپا وائيس چيئر پرسن، جهان آرا منظور وٽو، وڏي وزير جي صلاحڪار جي شرڪت

سنڌ ۽ پنجاب ۾ هي معاهدو سماجي تحفظ جي ميدان ۾ هڪ وڏي اڳڀرائي آهي: ناصر شاهه/ روبينه خالد

سماجي تحفظ جي نظام کي مضبوط ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ بين الصوبائي پائيواري ضروري آهي: سرفراز راڄڙ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ ۽ پنجاب هڪ اهم سنگ ميل عبور ڪندي سماجي تحفظ جي شعبي/ڏسو صفحو 3 بقايا 2

2nd National Social Protection Conference
24th – 26th February 2025

ڪراچي: سنڌ حڪومت ۽ پنجاب ۾ سماجي تحفظ جي شعبي ۾ سهڪار بابت معاهدو ٿي رهيو آهي

## بداڻي ۾ سڱاوتي تڪرار تان زخمي ٿيل نوجوان فوت، ڏرين مورچا بند، چڪتاڻ جو خدشو

هڪ هفتو اڳ جهيڙي ۾ ٽيهن سالن جو گلشير گولاڻو زخمي ٿيو هو، لاڙڪاڻي ۾ دم ڏنائين

مڙهه گهر آڻڻ تي ڪهرام، علائقي ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو، ڏرين مورچابند ٿي ويون

سڱاوتي تڪرار تان ٻنهي ڌرين جا ٻه ماڻهو قتل ٿي چڪا، ڪنهن به وقت خونريزي ٿيڻ جو خدشو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) بخشاپور لڳ بداڻي پرسان ڳوٺ گل بهادر گولاڻو ۾ گولاڻا برادري جو پراڻي سڱاوتي تڪرار تان/ڏسو صفحو 3 بقايا 3

ڪنڌڪوٽ: فوت ٿيل نوجوان، ٻي پاسي حياتي جي تصوير

ايس ايس پي پاران عوامي شڪايتن تي نوٽيس، ايس ايڇ او تبديل

## ڏهرڪي شهر ڌاڙيلن حوالي، 15 ڏينهن ۾ 20 موٽرسائيڪل چوري ۽ ڦر

شهر ۽ ڀرپاسي بدامني وڌي وئي، پوليس غائب، روزانو وارداتون ٿيڻ لڳيون

ڏهرڪي (رپورٽ وجي ڪمارچاولا) ڏهرڪي پوليس جي نااهلي سبب شهر ۽ ڀرپاسي ۾ بدامني جو راڄ وڌي ويو آهي جنهن جي نامعلوم چورن ۽/ڏسو صفحو 3 بقايا 4

## نوشهروفيروز ۾ 12 ورهين جي شاگردياڻي سان مبينا جنسي ڏاڍائي، جوابدار گرفتار

اسڪول مان واپس گهر پئي ويس ته صدام ڪوسو زبردستي فصل ۾ وٺي ويو زيادتي ڪئي: نينگري آمنہ

جاچ ڪريون پيا، نينگري آمنہ رند ۽ جوابدار صدام ڪوسو جو به ميڊيڪل ڪرايو ويو آهي: جاچ آفيسر جي دعوي

شاگرديائي جي والد جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو آهي، رپورٽ اچڻ بعد وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي: ڳالهيون

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ چٽل راڄپر جي رهواسڻ 12 سالن جي شاگرديائي آمنہ سان مبينا جنسي زيادتي جو شڪار/ڏسو صفحو 3 بقايا 5

نوشهروفيروز: مبينا زيادتي جو نشانو بڻيل ناري ڏانهي رهي آهي، ٻي پاسي گرفتار ٿيل جوابدار

## ڪوٽڙي ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون، عورت سميت 5 ڄڻا گرفتار

مختلف علائقن ۾ پوليس ڇاپا هڻي پنجن ڄڻن جي گرفتاري عمل ۾ آندي

منشيات فروشن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي: ڊي ايس پي

ڪوٽڙي (رپورٽ عبدالخالق چانڊيو)/ ڪوٽڙي ۽ سائيٽ پوليس جون منشيات فروشن خلاف ڪارروايون هڪ عورت سميت پنج ڄڻا گرفتار/ڏسو صفحو 3 بقايا 6

موروباءِ پاس تي لڳايل جيئي سنڌ متحده محاذ جي ڌرڻي جو ڪيس گرفتار ٿيل 83 ڪارڪنن مٿان داخل

## جسمر جا 83 ڪارڪن عدالت ۾ پيش، رمانڊ جي درخواست رد، هڪ ڏينهن لاءِ جيل حوالي

پوليس گذريل ڏينهن فائرنگ ۽ لٺبازي ڪري گرفتار ڪيل جسمر ڪارڪنن کي دهشتگردي ڪورٽ عدالت آڏو پيش ڪيو

پوليس رمانڊ جي درخواست ڪئي، عدالت رمانڊ جي استدعا رد ڪندي ڪارڪنن کي هڪ ڏينهن لاءِ جيل حوالي ڪري ڇڏيو

ڪارڪنن کي اڪيلو نه ڇڏينداسين (تاج جويو/سورهيه سنڌي)، نوشهروفيروز ۽ مورو جي وڪيلن گرفتاري خلاف مظاهرو پڻ ڪيو

نوشهرو فيروز (ڊ ر) مورو ۾ ڪئنالن خلاف احتجاج ڪرڻ تي قومپرست تنظيم جيئي سنڌ متحدا/ڏسو صفحو 3 بقايا 7

## ضلعي ۾ عوامي مفادن وارن ترقياتي اسڪيمون منظور ڪيون وينديون: عبدالباري پتافي

سنڌ حڪومت جي هدايتن مطابق ڪوشش ڪريون پيا ته عوام کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪريون

آر او پلانٽ پبلڪ هيلٿ، لوڪل ڪائونسلن ۽ ماڙي پيٽروليم ڪمپني حوالي ڪيا ويندا ته جيئن سمورا آر او پلانٽ فعال ٿي سگهن

ڪاميٽي پاران صحت کاتي کي جيڪي ايمبولنسون ۽ مشينري فراهم ڪئي وئي آهي انهن کي استعمال ۾ آندو وڃي: صحافين سان ڳالهيون

ڏهرڪي (رپورٽ وجي ڪمارچاولا) پيٽروليم/ڏسو صفحو 3 بقايا 8

ڏهرڪي: محمد بخش مهر ۽ عبدالباري پتافي جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

### پاڪستان مسلم ليگ ن جو 28 فيبروري تي سکر ۾ ٿيندڙ ورڪرز ڪنوينشن جون تياريون عروج تي

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ ن جو 28 فيبروري تي سکر ۾ ٿيندڙ ورڪرز ڪنوينشن جون تياريون عروج تي پهتل ڪنوينشن جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 9

## الوداع سنڌ، ڪنڌڪوٽ مان هندو خاندان لڏي لاڏي ڀارت روانو

سنڌ ڇڏڻ لاءِ دل نه ٿي چوي، بدامني ڇڏڻ تي مجبور ڪيو آهي: بابو لعل

حڪومت اسان کي تحفظ نه ڏئي سگهي آهي، ٻي يار و مددگار آهيون: ڳالهيون

ڪنڌڪوٽ رپورٽ (ذوالفقار علي سومرو) ڪشمور ضلعي مان لڏپلاڻ جو سلسلو رڪجي نه سگهيو وڌيڪ هڪ خاندان لڏ لاڏيندي جنم ڀومي کي ڇڏي انڊيا روانو ٿي ويو، تفصيل موجب ڪشمور ضلعي ۾ وڌندڙ بدامنيءَ کان پريشان ٿي/ڏسو صفحو 3 بقايا 21

## ٽرمپ جي غزه تي قبضي ۽ منظرڪشي بعد آءِ اي پاران تيار ڪيل وڊيو جاري

ٽرمپ اها وڊيو سندس سوشل ميڊيا پليٽ فارم "ٽرٿ سوشل" تي شيئر ڪئي

وڊيو ۾ موجوده غزه کي هڪ نئين شڪل ۾ ڊيڪاريو ويو آهي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ غزه تي قبضي ڪانپوءِ جي منظرڪشي بابت هٿرادو ذهانت واري ٽيڪنالاجي (آءِ اي) طرفان تيار ڪيل وڊيو جاري ڪئي، جيڪا بحث جو موضوع بڻجي وئي آهي. ٽرمپ طرفان اها وڊيو سندس سوشل/ڏسو صفحو 3 بقايا 20

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل ميمڻ جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

## احترام رمضان آرڊيننس تي عمل ڪيو وڃي: اسد الله ڀٽو

سحري ۽ افطاري ۾ بجلي ۽ گيس جي لوڊشيڊنگ ختم ڪئي وڃي

سنڌ ۾ ڏاڙيل راڄ جو خاتمو ۽ ڊاڪٽر عافيه جي رهائي لاءِ حڪومت عملي قدم کڻي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ملي يڪجهتي ڪائونسل سنڌ مطالبو ڪيو آهي ته احترام رمضان آرڊيننس تي عمل ڪيو وڃي، قيمتون ڪنٽرول ڪندڙ/ڏسو صفحو 3 بقايا 18

## ميڊيا جي آزادي جي دفاع ۽ صحافين جي تحفظ لاءِ پي ايف يو جي منصوبو جوڙي ورتو

عيد کان پوءِ پيڪا خلاف ڀرپور احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي: جاري ڪيل ڊڪليئريشن

عدليه ۽ ميڊيا کي ڪنٽرول ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن جيڪو جمهوريت تي سواليه نشان بڻيل آهي

حڪومت اشتهارن کي هٿيار طور استعمال ڪري رهي آهي، آزاد صحافت تي حملا ناقابل قبول آهن

صحافت جي آزادي جي دفاع لاءِ عالمي سطح تي قانوني جنگ وڙهڻ جو فيصلو ڪندي ميڊيا ڪوڊ آف ڪنڊيڪٽ لاڳو ڪرڻ جو به اعلان

سکر/اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ميڊيا جي آزادي جي دفاع ۽ صحافين جي تحفظ لاءِ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جامع منصوبو تيار ڪري ورتو آهي، عيد کان پوءِ پيڪا خلاف ڀرپور احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي. پي/ڏسو صفحو 3 بقايا 17

## مورو ۾ ريلي تي تشدد خلاف قاضي احمد ۾ احتجاج

پرامن تي احتجاج تي تشدد ۽ ڪيس داخل ڪرڻ مذمت جوڳو عمل آهي: سجاد انڙ

ڪنيي گر ڪيل عامر عمراڻي کي به هن مهل تائين ظاهر ناهي ڪيو ويو: ساجن ڪنير

قاضي احمد (رپوٽ غلام حسين راهو) قاضي احمد 6 ڏينهن اڳ سڪرنڊ مان ڪنيي گر ڪيل عامر عمراڻي ۽ مورو ۾ سنڌو درياهه مان غيرقانوني/ڏسو صفحو 3 بقايا 16

## ميهڙ پرسان ٽرڪ جي ٽڪر ۾ نينگر فوت، مڇريل ماڻهن پاران پٿراءُ

انڊس هاءِ وي تي روڊ ڪراس ڪندڙ شاهزيب ڪوسو حادثي ۾ فوت ٿيو

ڊرائيور فرار ٿي ويو، مڇريل ماڻهن ٽرڪ تي پٿراءُ ڪري شيشا ٽوڙي ڇڏيا

ميهڙ (رپورٽ عظيم جانوري) ميهڙ انڊس هاءِ وي تي ڊگري ڪاليج وٽ روڊ ڪراس ڪندڙ 7 ورهين جي نينگر شاهزيب ڪوسو کي تيز رفتار ٽرڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا 15

## اي جي سنڌ جي آفيس ۾ سافٽ ويئر ٽريننگ جي حوالي سان ورڪشاپ

نئون سافٽ ويئر ذريعي ڊي ڊي اوز لاءِ آن لائن سهولت فراهم ڪئي وئي آهي: مقررين

پروجيڪٽ سهل جي انتظام هيٺ هلندڙ ورڪشاپ 28 فيبروري تائين جاري رهندو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪنٽرولر جنرل آف اڪائونٽس، گورنمينٽ آف پاڪستان جي انتظام هيٺ آن لائن بلنگ سلوشن (OLBS) ڪي/ڏسو صفحو 3 بقايا 14

Online Billing Solution (OLBS) - Project
OLBS
Training
to DDOs of Sindh Govt @ Karachi
Organised By : AG Sindh
In Collaboration with Directorate of FAB
O/o Controller General of Accoun

ڪراچي: اي جي آفيس ۾ ٽريننگ بابت ٿيل ورڪشاپ جو ڏيک، ٻي پاسي ورتل گروپ فوٽو

## لاڙڪاڻي پرسان نينگر ٽريڪٽر هيٺيان اچي فوت، وارثن جو ڌرڻو

ڳوٺ شير محمد بروهي واسي احمد بروهي روڊ حادثي ۾ فوت ٿيو

ڊرائيور گرفتار، روڊ حادثا وڌي ويا آهن، روڪٽو پوندو: فوتي جا وارث

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڪنگا ٽائي جي ميروخان روڊ تي ڳوٺ شير محمد بروهي واسي 8 سالن جو نينگر احمد رضا پٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا 13

## بدين ۾ بجليءَ جي ٿنڀي تان خانگي لائن مين ڪري فوت

مبينا طور بيلٽ ٽٽڻ سبب عبدالغفار چانڊيو بجليءَ جي پول تان ڪري پيو

عبدالغفار چانڊيو کي زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هن دم ڏنو

بدين (ڊ ر) بدين شهر جي مهراڻ چوڪ واري پاڙي جو رهواسي ميونسپل ڪميٽي بدين جي اليڪٽريشن جبار چانڊيو جو پاءُ خانگي لائن مين عبدالغفار/ڏسو صفحو 3 بقايا 12

## 12 هنڌن تي ليڪيجز ختم، پاڻي فراهمي شروع ڪئي آهي: واٽر بورڊ

ماروئڙا، ڪرن اسپتال، الازهر گارڊن، سپارڪو ۽ ٻين هنڌن تي ليڪيجز ختم ڪئي

مرمتي ڪم مڪمل ٿيڻ بعد سموري شهر ۾ پاڻي جي فراهمي شروع ڪئي آهي: پڌرائي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ترجمان واٽر ڪارپوريشن پنهنجي پڌرائي ۾ ٻڌايو ته واٽر ڪارپوريشن شهر جي 12 مختلف هنڌن تي پاڻي جي لائينن/ڏسو صفحو 3 بقايا 11

## ايس ايس پي حيدرآباد خلاف ميهڙ جي وڪيلن جو احتجاجي مظاهرو

وڪيلن عدالت وهنوار جو بائيڪاٽ ڪري اصغر پتوجو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ايس ايس پي کي هٽائڻ تائين احتجاج جو سلسلو جاري رهندو: اصغر

ميهڙ (رپورٽ عظيم جانوري) ايس ايس پي حيدرآباد کي هٽائڻ ۽ حيدرآباد جي وڪيلن جي مطالبن جي حمايت لاءِ ميهڙ ۾ وڪيلن پاران عدالتي/ڏسو صفحو 3 بقايا 10

## افغان سرڪار پنهنجي سرزمين پاڪستان خلاف استعمال ٿيڻ کان روڪي: وزيراعظم

پاڪ، ازبڪ خوشحالي ۽ ترقي اسان جو گڏيل عزم آهي، پنهنجي ٽيم سان گڏ ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي نين بلندين تائين وٺي ويندا سين

هڪ سال ۾ ملڪي معيشت کي پنهنجي پيرن تي بيهاريو، پاليسي ريٽ ۾ گهٽتائي سان سيڙپڪارن جو اعتماد وڌيو آهي

سياحت جي شعبي ۾ به گڏجي ڪم ڪنداسين، ازبڪستان کي ڪراچي ۽ لاهور سان جوڙينداسين: تاشقند ۾ تقريب کي خطاب

تاشقند (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف هڪ ڀيرو ڀرپور زور ڏنو آهي ته افغان عبوري حڪومت پنهنجي سرزمين پاڪستان خلاف استعمال ٿيڻ کان/ڏسو صفحو 3 بقايا 22

تاشقند: ازبڪستان وزيراعظم ۽ شهباز شريف معاهدي وارا فائيل کڻي بيٺل آهن

## زرعي ٽيوب ويل ۽ 300 يونٽ تائين بجلي کپائيندڙن کي مهيني وار رليف ڏيڻ جو فيصلو

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي حڪومت زرعي ٽيوب ويل واهپيدارن ۽ 300 يونٽ تائين بجلي استعمال ڪندڙ واهپيدارن لاءِ وڏي رليف جو/ڏسو صفحو 3 بقايا 23

صدر سان پ پ پنجاب جي پارلياماني وفد ۽ تنظيمي اڳواڻن جي ملاقات، شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا

## اتحادي حڪومت سان هلڻ مجبوري آهي، ايندڙ بجيٽ تائين انتظار ڪيو: آصف زرداري

وزيراعظم سان ميمبرن جي مسئلن بابت ڳالهائيندس، خبر آهي معاهدي تي عمل نه ٿي رهيو آهي

صدر سان گورنر پنجاب، سليم حيدر، مخدوم احمد محمود، ممتاز چانگ ۽ ٻين اڳواڻن ملاقات ڪئي

لاهور (م ڊ) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته اتحادي حڪومت سان گڏ هلڻ سندن مجبوري/ڏسو صفحو 3 بقايا 24

## ڪيواڙي ٽي جو مارچ گهارو پهتو، شهرين پاران شاندار آجيان، سپاڻي ٺٽي پهچندو

اشرف پليجو، ياسر پليجو، ممتاز شيخ سميت ٻين جي سياسي سماجي تنظيمن آجيان ڪئي

جيڪڏهن ڪئنال تيار ٿي ويا آهن ته سنڌ جي زراعت جو وجود ختم ٿي ويندو: اشرف پليجو/ پليجو

سنڌ دشمن منصوبن تان ڪنهن به صورت ۾ هٿ نه ڪنيو ويندو، جدوجهد جو سلسلو جاري رکيو ويندو

گهارو (سليمان جوکيو) سنڌو تي ڏاڙي، 6 ڪئنال، ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ گرين پاڪستان/ڏسو صفحو 3 بقايا 25

سنڌ دشمن 6 ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف
سنڌ بچايو درياءَ بچايو پيادل مارچ
25 فيبروري کان 28 فيبروري ميرپورساڪرو کان ٺٽو تائين

گهارو: ڪيواڙي ٽي جي سنڌ بچايو درياهه بچايو پيادل مارچ کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

وڏي وزير سان ڏکڻ ڪوريا جي سفير جي ملاقات، اقتصادي سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

## سنڌ حڪومت پاران ڏکڻ ڪوريا کي ڍاڀيجي اقتصادي زون ۾ صنعتون لڳائڻ جي آڇ

ملاقات دوران سفير ڪوريا پاران آئي ٽي ۽ آٽوموبائل ۾ سيڙپڪاري ۾ دلچسپي ظاهر

سنڌ ۾ ڪورين سيڙپڪارن کي سيڪورٽي سميت هر ممڪن سهڪار ڪنداسين: وڏو وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڏکڻ ڪوريا کي ڍاڀيجي اسپيشل/ڏسو صفحو 3 بقايا 26

## سنڌ سرڪار پوليس کي مسجدن ۽ امام بارگاهن جي سيڪيورٽي پلان جوڙڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

سيڪيورٽي پلان ۾ رينجرز سنڌ ۽ ٻين سيني اسٽيڪ هولڊرز جي تعاون ۽ مشاورت جي عمل کي يقيني بڻايو وڃي: لنجار

رمضان المبارڪ جي ٿنهي ڏهاڪن ۾ اضافي پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪرڻ لاءِ به قدم کنيا وڃن: هدايت

پوليس ڪمانڊوز کي ممڪن طور تي حساس علائقن ۾ خاص ذميواريون سونپيون وڃن: صوبائي گهرو وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار پوليس کي هدايتون جاري ڪيون/ڏسو صفحو 3 بقايا 27

لاڙڪاڻي جي صحافين پاران پيپلزپارٽي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر سان ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

## انڊسٽريل ٽئڪس فري زون ڪرائڻ ۽ گئس سپلائي لاءِ وفاق سان ڳالهايو آهي: فريال ٽالپر

عوام سماجي برائين خلاف پوليس کي اطلاع ڪري جيئن اهڙن ناسورن جو خاتمو ٿي سگهي

لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڪافي حد تائين ڏوهن تي ضابطو اچي ويو آهي: صحافين جي وفد سان ڳالهيون

لاڙڪاڻو (رابيل جاگيراڻي) پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيزونگ جي مرڪزي صدر ايم پي اي فريال/ڏسو صفحو 3 بقايا 28

## جسمر سربراهه درياهه تي ڏاڙي خلاف نواب شاهه ڊويزن ۾ اڄ هڙتال جو سڏ ڏئي ڇڏيو

ڪئنال سنڌ جي جياپي تي ڏاڙو ۽ 6 ڪروڙ ماڻهن کان جياپو کسڻ جي سازش آهي: رياض چانڊيو

سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڄ، سياسي انتقامي ڪارروائي ۽ جبري گمشدگين جي ورچڙهيل آهي

سنڌ حڪومت سنڌ جي ماڻهن کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي: پريس ڪانفرنس

شهدادپور: جسمر سربراهه رياض چانڊيو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

شهدادپور (رپورٽ رئوف جان باگراڻي) جيئي سنڌ محاذ چيئرمين رياض چانڊيو پاران اڄ 27 فيبروري تي/ڏسو صفحو 3 بقايا 29

### ٽنڊو پرسان ٽرڪول روڊ انڊس اسپتال جي ملازم کان موٽر سائيڪل ڦر، رپورٽ داخل

بدين (ڊ ر) ٽنڊو شهر پرسان ٽرڪول روڊ انڊس اسپتال جي ملازم کان موٽر سائيڪل ڦر تفصيل موجب گذريل رات دير سان ٽرڪول روڊ تي ٽنڊو/ڏسو صفحو 3 بقايا 30

سنڌ يونيورسٽي ۾ ٽن ڏينهن وارو ڪتابي ميلو شروع، عاجز ڌامراهه افتتاح ڪيو، ڏيهي، پرڏيهي پبلشرن 50 کان وڌيڪ اسٽال لڳايا

## سپريم ڪورٽ فيصلي تي نظر ثاني ڪري شاگرد يونين تان پابندي هٽائي: سينيٽر عاجز ڌامراهه

ميلي ۾ ڪتاب خريد ڪيا، جنهن سان مون کي پنهنجي شاگردي وارو دور ياد اچي ويو آهي: پ پ سينيٽر جون ڳالهيون

سنڌ يونيورسٽي جي ٻين ڪيمپسن ۾ پڻ هن قسم جا ڪتابي ميلا لڳايا ويندا: وي سي خليل الرحمان کنڀاٽي جو اعلان

ڄامشورو (ڊ ر) مادر علمي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾/ڏسو صفحو 3 بقايا 31

چيف سيڪريٽري پاران سيتا اسڪول جي پرنسپال الياس ابڙو جي فوري بدلي جو حڪم

## سيتا ٽائون چيئرمين جي وفد سان گڏ چيف سيڪريٽري سان ملاقات

قمبر خان لغاري چيف سيڪريٽري سان ملاقات ڪري شهر جي مسئلن بابت آگاهي ڏني

هن رليف پئڪيج، ڪٽڪ جي اگهه، اسپتال ۽ ليڊي ڊاڪٽر جي مقرري لاءِ درخواست ڪئي

سيتا روڊ (رپورٽ: منور اڪبر سولنگي) سيتا روڊ جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 32

سيتاروڊ: ٽائون چيئرمين جو چيف سيڪريٽري سان ملاقات کان پوءِ ورتل گروپ فوٽو

## سنڌو جي بقا خاطر جدوجهد ڪندڙن جو رت وهايو پيو وڃي: جماعت اسلامي سنڌ

سنڌ جي ماڻهن کي هاڻي ميرن، پيرن، وڏيرن ۽ بدمعاش حڪمرانن کي رد ڪرڻ پوندو: ڪاشف سعيد شيخ

سنڌ سرڪار ڪئنالن خلاف جدوجهد ڪندڙ سياسي ڪارڪنن کي زبردستي دهشتگرد بڻائي رهي آهي

سرڪار جي اهڙين حرڪتن سان جمهوريت، عوام ۽ ملڪ لاءِ چڱا نتيجا ثابت نه ٿيندا: اجلاس کي خطاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ۽ "بحالي امن ايڪشن ڪميٽي" جي صوبائي ڪنوينر ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته سنڌ جي روڊن تي وهندڙ رت ڏاڙيلن، دهشتگردن جو نه، پر سنڌ جي وجود جي بقا لاءِ جدوجهد/ڏسو صفحو 3 بقايا 33

احتجاج
پاڪستان ورڪرز فيڊريشن سنڌ زون سکر
فوتي ڪوٽا بحال ڪيو، ملازمن لاءِ ڪارو قانون نامنظور نامنظور

سکر: پاڪستان ورڪرز فيڊريشن پاران مطالبن جي مڃتا جي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ABC CERTIFIED
سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، اٺين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي۔ فون نمبر:3۔021_35655872 فيڪس نمبر:021_35655874
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net
خميس 27 فيبروري 2025ع بمطابق 28 شعبان المعظم 1446هه

EDITORIAL

# سنڌ سرڪار ۽ صنعتڪارن ۾ اتفاق.....

سنڌ سرڪار ۽ صنعتڪارن ۽ ڪاروباري شخصيتن ان ڳالهه تي اتفاق ڪري ورتو آهي ته سمورا لاڳاپيل ادارا ڪراچي جي ٽرانسپورٽ انفرااسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ لاءِ گڏيل طور تي ڪم ڪندا. ٽرين قانون جي نفاذ کي يقيني بڻائڻ ۽ ڪاروباري برادري جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ به گڏيل ڪاوشن جو فيصلو ڪيو آهي. بزنس فيسٽليشن اينڊ ڪو آرڊينيشن ڪميٽي جي ٽرانسپورٽ بابت سب ڪميٽي جي جو اجلاس سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ٿيو. اجلاس ۾ ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، مڪاني ادارن واري سيڪريٽري خالد حيدر شاهه، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ڪمال دايو، ٽرانس ڪراچي جي سي اي او طارق منظور چانڊيو، ڊي آءِ جي ٽريفڪ پير محمد شاهه ۽ ٻين اختيارين شرڪت ڪئي. جڏهن ته اجلاس ۾ مشهور واپاري ۽ صنعتڪار عارف حبيب، ڪاٽي جو صدر جنيد نقي، ديوان گروپ جي دانش ديوان، زبيرچاپا، زبير موتي والا، جاويد بلواني ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڳالهائيندي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته حڪومت جلد ئي امپورٽرز ۽ ايڪسپورٽرز بابت مسئلا حل ڪندي، پوري صوبي ۾ غير قانوني طور تي قابض ٽرانسپورٽ ڪاٽي جون زمينون هڪ مهيني اندر خالي ڪرايون وينديون ته جيئن بس ٽرمينلز جا مسئلا حل ڪري سگهجن. هن چيو ته حڪومت جلد ئي هڪ نئين اليڪٽرڪ وهيڪل (اي وي) پاليسي متعارف ڪرائڻ واري آهن. جنهن ۾ غير ملڪي ڪمپنيون سيڙپڪاري ۾ دلچسپي رکن ٿيون. مستقبل بجلي تي هلندڙ گاڏين جو آهي. ان سلسلي ۾ اسان ڪان هاڻي کان ئي قدم کڻڻا پوندا. سنڌ سرڪار جلد اي وي ٽيڪسي شروع ڪرڻ وڃي رهي آهي، جنهن سان نه رڳو ماڻهن کي روزگار ملي سگهندو، پر ماحوليات جو به تحفظ ٿي سگهندو. اجلاس ۾ ڳالهائيندي ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو ته رياست جي رٽ تي ڪا به سوديبازي نه ڪئي ويندي، حڪومت ٽرانسپورٽ جا قانون سختي سان لاڳو ڪرڻ کي يقيني بڻائيندي. اجلاس ۾ سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي ايم ڊي ڪمال دايو ماس ٽرانزٽ سسٽم بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ شهر ۾ ٽرانسپورٽ جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي لاءِ امڪاني قدم پيش ڪيا. اجلاس ۾ موٽر وهيڪل انسپيڪشن واري نظام ۽ انفرا اسٽرڪچر ۾ بهتري ۽ ڪاروباري ٽرانسپورٽ بابت مسئلن تي غور ويچار ڪيو ويو. اجلاس ۾ صنعتڪارن ۽ ڪاروباري شخصيتن سنڌ سرڪار جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ تحت جاري منصوبن جي تعريف ڪئي ۽ ٻيا منصوبا پڻ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ تحت شروع ڪرڻ تي زور ڀريو. ڪاروباري شخصيتن جو چوڻ هو ته ٽرانسپورٽ جي شعبي کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ تحت هلائڻ سنڌ سرڪار جو تاريخي ۽ تحسين جوڳو ڪم آهي. سنڌ سرڪار کي مختلف شعبن ۾ وڌيڪ منصوبا پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ تحت شروع ڪرڻ گهرجن. اجلاس ۾ مشهور ڪاروباري شخصيت ۽ صنعتڪار عارف حبيب امپورٽرز ۽ ايڪسپورٽرز جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ حڪومت ۽ ڪاروباري برادري جي وچ ۾ سهڪار وڌائڻ تي زور ڀريو ۽ چيو ته امپورٽرز ۽ ايڪسپورٽرز جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ حڪومت ۽ ڪاروباري برادري ۾ مضبوط سهڪار اٿر آهي. قانون جي پاسداري هر طبقي تي لازم آهي ته جيئن هڪ منصفاڻي ۽ قانون طريقي سان واپار ۽ ٽرانسپورٽ جا مسئلا حل ڪري سگهجن. اجلاس ۾ آن لائن شرڪت ڪندي مشهور واپاري زبير موتي والا تجويز ڏني ته انفرا اسٽرڪچر جي لاءِ سيس فنڊ جي استعمال جي نگراني لاءِ هڪ خاص ڪميٽي جوڙي وڃي. هن چيو ته فنڊز جي شفاف ۽ اثرائتي استعمال کي يقيني بڻائڻ لاءِ هڪ واضح طريقيڪار هجڻ گهرجي ته جيئن ٽرانسپورٽ جي سهولتن ۽ روڊن جي نظام ۾ بهتري آڻي سگهجي. ڪورنگي ايسوسي ايشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽريز جي صدر جنيد نقي چيو ته عوام ۽ ڪاروباري برادري کي ٽريفڪ ۽ ٽرانسپورٽ جي قانون بابت آگاهي ڪرڻ لاءِ شعور بيدار ڪرڻ جي مهم هلائي وڃي، بهتر آگاهي سان ٽرانسپورٽ جي نظام ۾ ڊسپلين ايندو، جنهن سان ٽريفڪ جام ۽ روڊ سيفٽي جي مسئلا گهٽجي ويندا.

# خطي جي سيڪيورٽي خطري ۾

رياض ابڙو

ماضيءَ جو وڏو سوال اهو هيو ته ڇا پاڪستان آمريڪا کي اڏا ڏيندو ته اهي وري طالبان سان حملن جي اڪ بوٽ ڪيڏن ۽ هاڻي وڏو سوال اهو آهي ته ڇا پاڪستان افغانستان تي حملا ڪندو ته جيئن اهي طالبان کي منهن ڏئي سگهن؟ ۽ نئون وڏو سوال اهو به آهي ته جيڪڏهن تاريخ تي نظر ٻوڙائينداسين ته خبر پوندي ته جنرل ايوب کان وٺي هاڻي جي سياسي بيانن تائين ڪهڙا حڪمران وهي ڳڻيون. جن آمريڪا کي اڏن ڏيڻ جي آڇ نه ڪئي هجي. پر اهو به ذهن ۾ رکون ته آمريڪا کي انڪار سولو ڪم ناهي ۽ وري ملڪي صورتحال بگاڙڻ به ڪا چڱائي ڳالهه ناهي. 83 هزار ماڻهو ضرب عضب، ردالفساد (۽ هاڻي عزم استحڪام) آپريشنز ۾ مارائڻ. وري اهڙي نموني 126 بلين رڳو هٿيارن جي ٻوڙ، بمن بارودن جي لاءِ خرچ ۽ وقف ڪرڻ ڪا مذاق ناهي. جي 20 سالن ۾ افغانستان ۾ آمريڪا جهڙا جنگجو ڪجهه نه ڪري سگهيا ته پوءِ هاڻي ڇا ڪندا؟ جي ٽرمپ، اوباما ۽ جونيئر بش به پيرا اوساما بن لادن کي ماري به ڪجهه حاصل نه ڪري سگهيا ته پوءِ هاڻي آمريڪا افغانستان ۾ اچي به ڇا ڪري سگهندو؟ سوال اهو به آهي ته ڇا ويٽو ملڪ آمريڪا جو ساٿ ڏيندا؟ جن جي آڏو هي (آمريڪي) جيڪڏهن ايجنڊا رکن يا جواز پيدا ڪن ته پوءِ حملن ڪرڻ جي صورت ڇا هوندي يا بهانو ڪهڙو هوندي؟ هي رياست به "پرو طالبان" آهي، ڪٿي "پرو آمريڪي" نه به هجن، پر اهي به اسٽيبلشمينٽ جي زور تي ٿي ويندا. چو ته ماضيءَ ۾ عمران خان اسيمبلي جي فلور تي اهو چئي چڪو آهي ته اساما بن لادن (او بي ايل) شهيد آهي. جن جي وضاحت ۾ هنن جي وزيرن جي خلق ترديد ڪري چڪي هئي ته خان جي سنڌائين وانگي "سلپ آف ٽنگ" ٿي وئي هئي، ٻيو ڪجهه به ناهي. ساڳي ڳالهه ته اسان جي اڳوڻي خارجي وزير شاهه محمود قريشيءَ به چئي هئي جيڪي رڳو آمريڪي انڪار ۾ بدل هيا. باقي چين جي پروئنيون بينا هيا، چو ته ڪرنٽ اڪائونٽ جي خسارن ۾ سعودي جي ڏنل پئسين جي زور واري واپسي تي چين هنن کي اهي پئسيا 14 سيڪڙو وياج تي ڏنا هيا ته پاڪستان پلي سعودي جي قرض جي ڏانهن لاهي، پر اڳتي وري سڄي جو سڄو چين جي پاسي ٿي ٻيهي. هاڻي واري تناظر ۾ ته پاڪستان ته سوني جهرڪي آهي جو شين جي گروي رکڻ جي ڪري چين کي گوادر سميت ٻين هوائي اڏن جي آڇ به ڪندو. "سڪوڪ بانڊ" جيڪي ورلڊ بئينڪ جاري ڪندي، انهن جي وٺڻ ڪانپوءِ چين جو انٽريسٽ وڌي ويندو. ان ڪري چين هنن مان هٿ نه ڪيندو. پر هي ڊالرن کي ڏسي وري ترڪي پون ته ٻي ڳالهه آهي. ماضيءَ ۾ ايوب خان آمريڪا کي اڏا آڇيا هئا. جڏهن آمريڪي طالبان روس تي چڙهايون ڪندا هيا، ۽ 1959 ۾ ايوب خان جي آڇ وري به آمريڪي حصي ۾ هئي. وري ساڳي روايت ضياءَ جي دور ۾ به هئي جو آمريڪا کي هرڪٽي (حرفتي ۽ چالاڪي واري) دور ۾ پاڪستان ٿي ڪم آيو هيو هنن ته ضياءَ جي دور ۾ اسپيشل طريقي سان مجاهدين جي ٽريننگ جي لاءِ اڏا هلايا هئا، ان ڪري اهو الزام ضياءَ تي سڪٿو ناهي، پر هنن زبردست فنامنا هئي. حساب ڪتاب ڪري آمريڪي پنيرائي سان اهي مدرسا، اهي مجاهدين جا اڏا، اهي تربيت گاهون ناهيون هيون ته جيئن اهڙي مائنڊ سيٽ ۾ اها ڳالهه پختي ڪري سگهجي ته روس سان هر صورت ۾ وڙهڻو آهي. طالبان خالصتن لوڪل ايجنسين جا پاليل هئا، جيڪي افغانستان مان اچي تربيت به حاصل ڪندا هيا. انهن جي دماغ ۾ هڪ ٿي ڳالهه فٽ هوندي هئي ته روسي فوجين کي ماري ڀڄائڻو آهي. انهن کي اڳتي افغانستان مان پاڪستان اچڻ ناهي ڏيڻو چو ته ان سان جي روس جي "انويجن" وڌي وئي ته آمريڪا ۽ چين جي ساخت کي نقصان پڄندو. ان ڪري ضياءَ پنهنجي مرضي ۽ ڊوز تي ايترو ته ڀرپور آمريڪا جو ساٿ ڏنو جو اهي طالبان ويڙها افغانستان مان روسي فوجين کي ڀڄائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

ابتو وري 1979 وارو ايراني انقلاب ۽ 1991 واري روسي "ڊس انٽيگريشن" آمريڪا جي ڪاميابي جو جشن ڪٿي آئي جو هنن ڀهرين دنيا معني رڳو آمريڪا ۽ ان جا اتحادي وري ٻي دنيا معني روس ۽ چين جا اتحادي، ائين ٿي ٽين دنيا معني اسان سڀ (جن ۾ ڏٽريل ملڪ اچي ٿا وڃن) اهي ڀهرين ۽ ٻين دنيا جون جنگيون ائين ٿي وڙهي ويا (۽ وڙهندا رهندا). روسي فوجن کي ڀڄائڻ ڪانپوءِ جڏهن آمريڪا جا مقصد پورا ٿي ويا، تڏهن هنن وري طالبان تي ڏنبو ڪٽيو، جو هنن جي ڳچيءَ ۾ اسلامي انقلاب جا نظريا پوڙ وارا هيا. وري ايراني انقلاب يورپ جو اکيون کولي ڇڏيون هيون. ان ڪري پاڪستان سميت افغانستان ۽ آمريڪا کي به اهو فڪر ويڙهي ويو هيو ته جي پاڪستان ۾ اسلامي انقلاب اچي ويو ته پوءِ ايٽمي هٿيارن جو خير ناهي. ان ڪري اسلامي انقلاب جا سرغنا ته طالبان، مدرسا، اسلامي مائينڊ سيٽ، مذهبي جنونيت، شدت پسندي ۽ ملائيت ٿي هئي. وري ان جي پرتون ۾ تخريبڪاري، انتهاپسندي ۽ اسلامي ڦهلاءُ ڪيئن روڪجي وارو سخت سوال به هيو؟ ان تناظر ۾ اها ڳالهه سمجهڻ ڏاڍي سولي هئي ته آمريڪا جا جيڪي به ارادا هيا (۽ آهن) معني ته هو روسي فوج کي افغانستان مان ڪيڻ سان گڏ پاڪستان ۾ اچڻ جي راهه هموار نه ڪن.

يا جي ائين ٿي روسي فوج اڳتي وڌندي وئي ته پوءِ ڀارت ۽ چين جو به خير ناهي. اسان اها ڳالهه سمجهي سين ته روس کي ٻنجو ڏيڻ جي لاءِ هنن طالبان فورس ناهيو ۽ روس کي ڀڄائي ڪڍين، وري هنن روس کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو جيڪي به بالٽڪ رياستون هيون اهي الڳ الڳ ملڪ نمودار ٿيا، توڙي جو اهي سڀ رياستون مسلمان ملڪ هيا. پر هاڻي 25 سال گذارڻ ڪانپوءِ افغانين سان گڏ اسان جي ملڪ جي ماڻهن، مذهبي اڳوائن، مدرسن ۽ مولوين جا هٿي لاهي ڪيئي ڇڏين. پر ورين ڪجهه به نه. پوءِ هاڻي ڇا ڪندا؟ يا پاڪستان ۾ رڳو اهڙيون حالتون پيدا ڪندا جو پاڪستان جيڪو ايف اي ٽي ايف ۾ ڪٿي هڪ سال "بلي" ٿي ويو آهي، اهو هاڻي بليڪ لسٽ به ٿئي، هن ملڪ جو ڏيوالو نڪري، ادارا، اڏا، پبلڪ پراپرٽيز ته هنن گروي رکڻ شروع ڪيون آهن. آءِ ايم ايف کي قرض جي هڪڙي قسط به نه ٿا ڏئي سگهن. وري گروي رکي سڪوڪ بانڊ وٺي هي ادارا، هوائي ۽ بحري اڏا، پبلڪ پليسز گروي رکندا رکندا، ائين ئي پاڻ کي نيست ۽ نابود ڪندا ويندا. جنهن جو مثال وري تاريخ ۾ نه ملندو. معني اها الجبرا ائين سمجهون ته افغانستان تي يا طالبان تي حملو ناهي، حملو ته وري به پاڪستان تي آهي. جو هي ملڪ رڳو ڏريءَ ۽ گنيءَ تي بيٺو آهي. رڳو هڪڙي ڌڪي جي دير آهي، وڃي ڦڙ ڪندو.

پوءِ ايران آمريڪا جي لاءِ گوڏي جو گاهه آهي. ڳالهه رڳو ايٽمي هٿيارن جي ٻوڙ جي آ. ته اهي ٻئي ملڪ (پاڪستان ۽ ايران) "رول بيڪ" ٿين. عمران خان جو ماضيءَ جو سياسي بيان ٿورو گهڻو ڪم جوان ڪري به هيو ته هي ايٽمي هٿيارن کي سوڙهو ڪندا. پر ڪشمير جي به ٽڪر ٿي هڪ حصو انڊيا کي ۽ هڪ ڀاڱو پاڪستان جي حصي ۾ اچي ته پوءِ هنن جي هٿن مان ته ايٽمي طاقت ته قسطن ۾ ۽ آهستي آهستي هلي ويندي. پر اها پاڪستان جي ايٽمي طاقت وڃڻ وري چين جي حق ۾ ناهي، چو ته اسان چين جي ڊال آهيون. اسان انهن جا سرڪاري گارڊ به آهيون. جنگ پلي هي چيني آمريڪا سان وڙهن پر اسان چين جي پاسي آهيون. دنيا ته اهو به ڏسي ٿي ته روس جي اسان تي طالبان جي چمڻ جي ڪري حملو نه ڪيو. يا اسان تي قابض نه ٿي سگهيو. ته چين ته اسان کي قسطن ۾ وٺي ويندو. هانگ ڪانگ 100 سالن تائين پنهنجي قبضي ۾ رکي سگهي ٿو ته اسان پوچاهيون؟ "جمي ڪارٽر" (آمريڪي صدر) توڙي جو ضياءَ جي حڪومت کي وڌو نه ڏيو هيو ضياءَ کي مڃڻ لاءِ تيار ٿي نه هيو. پر "رونالڊ ريگن" هن کي مڃي ورتو هو. اها هڪ حقيقت آهي ته فوجي ڊڪٽيٽرن کي آءِ ايم ايف قرض پڪا ناهي ڏيندي. پر آمريڪي حڪومت انهن جي فوجي امداد ناهي روڪيندي. ائين ئي رونالڊ ريگن ضياءَ جي وڏي پٺ ڀرائي ڪئي هئي. هنن جي فوجي امداد ان ڪري به جاري رکي هين، جو آمريڪي اختيارين کي اهڙي ڪمن ۾ مزو ايندو آهي، جنهن ۾ هنن جي جنگ هيو وڙهي ۽ هنن جا مخالف خاص جيڪي سپر پاور جي ٻوڙ ۾ هجن سي ڊوڙ ٿي وڃن (جيئن روس) ۽ سي آءِ اي وري ناچ گانا ڳائي. پر هتي جا مقصد وري نرالا اٿن. چو ته هنن جي ٿنڪ ٽئينڪ ۾ اسرائيلي (زيونسٽ) قدامت پسند جيڪي پاڪستان جي مورڳوئي خلاف آهن، هنن جي لاءِ جيتري پاڪستاني عوام ۾ نفرت آهي، اوتري ٿي نفرت اهي به رکن ٿا. ان ڪري آمريڪا جي پاسي نه بيهڻ پلوڪر ته آهي. پر اهو به تڏهن جڏهن بارڊر سيل ٿين. هتان جا افغاني واپس پنهنجي ملڪ وڃن ۽ اتان هيڏي نه اچي سگهن. نه ته اهو ڏچو ڪڏهن ختم ٿيڻو ناهي. چو ته اسان جي خطي جي بيهڪ باءِ چانس ناهي پر باءِ ڊفالٽ اهڙي آهي جنهن جي ڪري طالبان، شدت پسندي، تخريب ڪاري، اسلاموفوبيا جهڙيون شيون اُٿر آهن. جيڪي رڳو مغرب سمجهي ٿو ۽ انهن کي پسند ناهن.

# پاڪستان جي وزيراعظم جو ڀارت کان اڳتي وڌڻ جو عزم

اعجاز ممنائي

پاڪستان جي وزيراعظم ميان شهباز شريف گذريل ڏينهن ڊيره غازي خان ۾ جلسي کي خطاب ڪندي ڪيترين ئي ڳالهيون ڪيون پر سڀ کان سٺي ڳالهه اها هئي ته ڀارت ترقي جي حوالي سان پوئتي رهجي ويندو. ان عزم جو اظهار ڪندي هن چيو ته ترقي پاڪستان جو مقدر بڻجي چڪي آهي. ان حقيقت کان ڪو به انڪار نه آهي ته پاڪستان ڪيترن ئي مسئلن جو شڪار رهيو آهي. اهڙا مسئلا آهن جيڪي ختم نه ٿيا پر وڌي رهيا آهن. ڀارت سان مقابلو بهترين عمل آهي. پر مقابلو رڳو تقريرن يا دعوائن سان نه پر ڪارڪردگيءَ سان ٿيندو آهي. هندستان جي ترقيءَ جو جيڪڏهن جائزو ورتو وڃي ته اهو چوڻو پوندو ته ان جي ترقي تمام تيزيءَ سان ٿي رهي آهي. تازو ئي ڀارت ۽ آمريڪا وچ ۾ ڪيترائي واپاري معاهدا ٿيا آهن ۽ خاص هٿيارن جا معاهدا به اهميت جوڳا آهن ۽ جديد جهاز خريد ڪرڻ جي ڳالهه به ٿي آهي. اهو معاهدو پاڪستان جي پريشاني ۾ اضافو ڪري رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ صورتحال اڪثر ڪري ڳنڀير رهي ٿي. اسلام آباد کي خدشو آهي ته آمريڪا کان خريد ڪيل هٿيار پاڪستان خلاف استعمال ٿي سگهن ٿا. جيتوڻيڪ پاڪستان معاشي ڪمزوريءَ سبب ڳري هٿيار خريد ڪرڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي هن وقت توازن برقرار رکڻ لاءِ پاڪستان کي به انهن هٿيارن جي ضرورت آهي. پاڪستان ايٽمي طاقت جو مالڪ آهي پر ان کي روايتي ۽ جديد هٿيارن سان به وڙهڻو آهي. ڀارت صنعت تي به خاص ڌيان ڏئي رهيو آهي ۽ ٻين شعبن ۾ پڻ جدت آڻي رهيو آهي. جنهن سان ڀارت اڳتي وڌي رهيو آهي. جيتوڻيڪ هندستان جي آبادي جو هڪ وڏو حصو غربت جو شڪار آهي، پر سچي هندستان کي غريب نٿو چئي سگهجي. هندستان ۾ اقليتن کي سنگين مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هر روز اقليتن تي هر قسم جا ظلم ڪيا پيا وڃن. اقليتن خاص ڪري مسلمانن جي عزت کي به چيهو رسايو وڃي ٿو ۽ انهن کي ڪاروبار جي حوالي سان به نقصان پهچايو وڃي ٿو هن وقت انتشار وارو ماحول هندستان لاءِ نقصانڪار آهي. پر اها دعويٰ پوريءَ طرح سان نه ٿي ڪري سگهجي ته هندستان به ترقيءَ جي حوالي سان هيٺاهين طرف وڃي رهيو آهي. هندستان ۾ صنعتون پنهنجون شيون ناهي رهيون آهن ۽ عالمي مارڪيٽ تائين رسائي پڻ حاصل ڪري رهيا آهن. جڏهن ته حڪومت جي پاليسين تحت پاڪستاني صنعتن کي نقصان ٿي رهيو آهي ۽ ڪيترين ئي صنعتون بند ٿي چڪيون آهن. جيڪڏهن اسان هندستان سان مقابلو ڪرڻ چاهيون ٿا ته ملڪ کي صنعتن جي حوالي سان بهتر ڪرڻو پوندو ۽ ان لاءِ اسان کي انقلابي قدم کڻڻا پوندا. موجوده وقت ۾ بجليءَ جو بحران ۽ مهانگي ٿيڻ سبب صنعتون ڪمزور ٿي چڪيون آهن. وزيراعظم پاڪستان کي چڱي ريت خبر آهي ته بجلي مهانگي آهي ۽ اهو به چيو هو ته بجلي سستي ڪئي ويندي. مهانگي بجلي به صنعتن کي سخت متاثر ڪري رهي آهي ۽ ٻيا شعبا به مهانگي بجلي جي اثرن کان محفوظ ناهن. انڪري بجلي تي خاص ڌيان ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ ته بجلي کي سستي بڻائڻ کان سواءِ ترقي ناممڪن آهي. هاڻي صورتحال اها ٿي وئي آهي ته پاڪستان جو هر شعبو بهترين ڪارڪردگي ڏيکارڻ کان معذور ٿي ويو آهي. زراعت، بئنڪون، صنعتون ۽ ٻيا شعبا جيڪي معاشي ترقي ۾ واڌارو ڪن ٿا سخت ڊپريشن جو شڪار آهن. انڪري سمورن شعبن تي خصوصي توجه ڏيڻي انهن کي اڳتي آڻڻو پوندو ته پوءِ ئي ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي. پاڪستان جي وزيراعظم قرضن جي به ڳالهه ڪئي. قرضن ملڪ جي معيشت کي ڏوڙي ڇڏيو آهي. وڏي سود تي حاصل ڪيل قرض ملڪ کي مشڪلاتن جي دلدل ۾ ڌڪي رهيا آهن. هينئر قرضن تي سود ادا ڪرڻ پڻ ڏکيو آهي. بدقسمتي سان، قرضن کي اڪثر ڪري بدعنواني طور ڏنو ويندو آهي ۽ قرض حاصل ڪرڻ جو مقصد اڪثر پورو نه ٿيندو آهي. قرضن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪرپشن تي ضابطو آڻڻو پوندو. پاڪستان ڪرپشن جي خاتمي کانسواءِ اڳتي نٿو وڌي سگهي، ان کانسواءِ دهشتگرديءَ جي وڌندڙ وارداتن سبب هر طرف افراتفري وارو ماحول آهي، ان کي پاڙان ختم ڪرڻو آهي ته پوءِ ئي اڳتي وڌڻ ممڪن آهي. دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پوري قوم کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو چو ته سيڪيورٽي جا ذميوار ادارا ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا عوام جي سهڪار کانسواءِ دهشتگردي تي ضابطو نٿا آڻي سگهن. دهشتگردي پاڪستان جي سلامتي کي به سخت خطرو بڻائي ڇڏيو آهي. ميان شهباز شريف اهو به اعلان ڪيو ته ڊيره غازي خان ۾ ڪينسر اسپتال ۽ راجن پور ۾ يونيورسٽي ناهي ويندي. صحت ۽ تعليم جي شعبن تي خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي، پر ڪجهه قدم اڳ ئي کنيا پيا وڃن. جيڪي تعليم ۽ صحت جي شعبن کي متاثر ڪري رهيا آهن. ايران جي مسئلن کي فوري طور تي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي. پاڪستان جي وزيراعظم ٻين معاملن جو به ذڪر ڪيو سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي ته پاڪستان کي هندستان کان اڳتي وٺي وڃڻ جو عزم ڏيکاريو وڃي. اميد آهي ته پاڪستان ڀارت کان اڳتي نه ته بهتر ڪارڪردگيءَ جي پوزيشن ۾ هوندو. قوم جي نااميدي تڏهن ختم ٿي ويندي جڏهن ڪجهه ڪري ڏيکاريو ويندو. جذباتي تقريرون ماڻهن ۾ عارضي حوصلا پيدا ڪن ٿيون پر مستقل حل جي ضرورت آهي. سياسي عدم استحڪام پڻ ڪيترائي مسئلا پيدا ڪري رهيو آهي. ڪيترائي پيرا ڳالهيون ٿيون آهن. پر معاهدو پڄاڻي تي نه ٿو پهچي. جهڙي طرح حڪومت جعلي خبرن خلاف قانون سازي ڪري ڪم ڪري رهي آهي، ان کي ٻين معاملن تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي. حڪمرانن جي خاص مراعات ۽ وڏي تعداد ۾ پگهارن تي به ضابطو آڻڻ جي ضرورت آهي. چوته هڪ طرف غربت ۽ مجبوري آهي ته ٻئي طرف اشرافيه جا ڪارناما ڏسي قوم ۾ مايوسي وڌي رهي آهي. تنهن هوندي به مايوس نه ٿيڻ گهرجي ۽ اميد رکڻ گهرجي ته پاڪستان ڀارت کي ڪيترائي پيرا اڳتي وڌندو ۽ هڪ ڏينهن هندستان جو وزيراعظم قوم جي سامهون ان قسم جو اعلان ڪندي نظر ايندو ته هو پاڪستان جي ترقيءَ جو مقابلو ڪندو ۾ جيڪڏهن 78 سالن وانگر رڳو تقريرون ڪري عوام کي بيوقوف بڻائي وقت پاس ڪيو ويو ۽ سنجيدگي اختيار نه ڪئي وئي ته هڪ ڀيرو وري ڀارت جي غلاميءَ ۾ واپس هليا وينداسين چوته موجوده وقت ۾ سنڌ جو پاڻي ڪسيو پيو وڃي، بلوچستان جي نوجوانن کي ڪنهن گهر ڪري دهشتگرد قرار ڏنو پيو وڃي ۽ ڪي پي ڪي جي صوبائي حڪومت جي خاتمي لاءِ وفاق جنگ جوٽيو ويٺو آهي جنهنڪري ٽي صوبا اسلام آباد کان خفا ٿي رهيا آهن باقي شريف خاندان پنهنجي صوبي پنجاب ۽ ملڪ جي حاڪميت جون دعوائون ڪري اندر ئي اندر ۾ خوش ٿي رهيو آهي جنهن سان ترقي ۽ خوشحالي وارو عزم هڪ خواب مثل رهجي ويندو ۽ خواب ڏسڻ تي ڪوبه پابندي نه ٿو هٽي سگهي.

بقايا 01

لڳ ڳوٺ جاني جوڻيجو پرسان لونگهٽو ڏنڊ کي سوين فٽ ڳهارو آس پاس جون زمينون ۽ ڳوٺن جا رستا ٻڏي ويا ڳوٺ جاني جوڻيجو جي ڏڙي تي وينل جوڻيجا برادري جي ڳهرن جو رستو ٻڏي ويو جنهن بعد ڳهاري جو پاڻي پنهيل ڏنڊ مان گزرندي اچڙو تر وارو روڊ ٽوڙي اتر طرف کان ڪوريءَ واري ڳهٽي مان ڪراس ڪري سانگهراڙو ڏنڊ ۾ داخل ٿي ويو جتان سيد برادري جي ماڻهن جون زمينون ٻوڙي ڳهاري جو پاڻي راڙ ڏنڊ مان ڪراس ڪري رهيو آهي ڏيري ۽ سانگهراڙو جي راڄڙ برادري ۽ سيد برادري مختلف ڳوٺن ۽ ڳوٺائن جي فصلن طرف تيزي سان وڌي رهيو آهي ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت مختلف جڳهين تان ڪٽون ڏئي ۽ سانگهراڙو وٽان ٽنل روڊ وٽان ڳهارو بند ڪرڻ جون ڪوششون جاري رکيو اچن انتظاميه مان ڪوڙي به ناهي آيو ڳوٺاڻن صحافين سان ڳالهائيندي وس وارن ۽ ڊي سي سانگهڙ کان مطالبو ڪيو آهي ته هن معاملي جو نوٽيس وٺي ڳوٺاڻن جي مدد ڪئي وڃي.

بقايا 02

هڪ ٿي ايس ايڇ مقرر هئڻ جي باوجود شهر ۾ موٽر سائيڪل جي چوري جو سلسلو رڪجي نه سگهيو آهي ان ڏس نامعلوم چور ڏينهن ڏٺي جو ستي ٿاڻي سامهون وينجهر ميمڻ پاڙي مان شوروم مالڪ فدا پنهور جي موٽر سائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا جنهن جي رپورٽ ستي ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي ياد رهي ته هڪ مهينو ڪوسڪي روڊ تي نادرا آفيس ٻاهران شاگرد راجا پنهور جي سي ڊي موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي آهي جنهن هن مهل تائين پتو نه پئجي سگهيو آهي ان ڏس متاثر شهرين فدا پنهور راجا پنهور نئين مقرر ايس ايس پي قمر رضا جسڪاڻي کان مطالبو ڪيو ته چوري ٿيل موٽر رڪور ڪرائي ڏنيون وڃن

بقايا 03

جالي جي اعليٰ اختيارين کي اپيل ان سلسلي ۾ پرائي سکر جي رهواسي ريحان راجپوت ولد سلطان راجپوت جي سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل وڊيو ۾ هن چلڊرن اسپتال سکر انتظاميه ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف مٿان غفلت جو الزام هڻندي فوت ٿي ويل معصوم ٻارڙي جو لاش کڻي چيو آهي ته چلڊرن اسپتال سکر ۾ نئين ڄاول ٻارڙي کي ايمبولنس ذريعي ڪٽي آيس ته اسٽاف ٻارڙي کي ايمبولنس مان لاهڻ تي 24 منٽ لڳائي ڇڏيا جنهن بعد نياڻي جي فوت ٿيڻ جو اطلاع 12 ڪلاڪن کان وڌيڪ ٽائم گذرڻ بعد ڏنو ويو جڏهن ته اسپتال جو نرسنگ ۽ سيڪورٽي اسٽاف به بد تميزي سان پيش آيو ڊاڪٽرن ۽ نرسنگ اسٽاف جي لاپرواهي سبب منهنجي ٻارڙي فوت ٿي وئي آهي منهنجي ٻارڙي جي موت جي ذميوار اسٽاف خلاف جاچ ڪئي وڃي. ريحان راجپوت چيف جسٽس آف پاڪستان، ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ کان اپيل ڪئي آهي ته ان معاملي تي فوري طور تي ايڪشن وٺي ملوث عملي ۽ ڊاڪٽر خلاف ڪاروائي ڪرائي انصاف ڏنو وڃي

بقايا 04

احمد هر سال جيان هن سال به قاضي احمد جي مختلف اسڪولن ۾ بهترين ڪارگردي بهترين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائي کي ايوارڊ ڏنا ويا مهراڻ پبلڪ اسڪول ۾ هڪ پرنسپال عطا الله ڪلوئي طرفان هڪ شاندار پروگرام منقد ڪيو ويو پروگرام جو شروعات الله جي نالي ڪئي وئي جنهن کان پوءِ آيل مهمانن کي اجرڪن تعفا ڏنا ويا جنهن بعد بهترين پوزيشن ۽ ڪارگردي ڏيکاريندڙ شاگرد ۽ شاگرديائين کي ايوارڊ ڏنا ويا آخر ۾ شاگردن رقص ڪري سيني کي جهومائي ڇڏيو اسڪول جي پرنسپال عطا الله ڪلوئي ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان پنهنجي اسڪول ۾ هر سال ايوارڊ جي تقريب رکندا آهيون ان سان ٻارن کي سٺي تربيت ملي ٿي ۽ ٻار پنهنجي محنت ڪري ٿو ٻئي طرف بي ڊي ايس اسڪول ۾ بهترين ڪارگردي ڏيکاڻڊڙ معصوم شاگرد ۽ شاگرديائيون کي ايورڊ ۽ ميڊل ڏنا ويا

بقايا 05

رپورٽ) اسپورٽس اينڊ افيئرز ڪاتي جي صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر ۽ سيڪريٽري عبدالعليم لاشاري جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر لاڙڪاڻو محمد محفوظ مڪاني جي نگرانيءَ ۾ شهر جي پي ٽي ايس ڪرڪيٽ گرائونڊ تي جاري ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو فائنل ميچ الشهباز ڪرڪيٽ ڪلب لاڙڪاڻو ۽ گلوبل ڪرڪيٽ ڪلب لاڙڪاڻو جي ٽيم وچ ۾ ٿيو جنهن ۾ سخت مقابلي بعد الشهباز ڪرڪيٽ ڪلب لاڙڪاڻو جي ٽيم 184 رنسون اسڪور ڪري پنهنجي مخالف گلوبل ڪرڪيٽ ڪلب جي ٽيم کي شڪست ڏئي فائنل جو اعزاز پنهنجي نالي ڪري ورتو اهڙي طرح گلوبل ڪرڪيٽ ڪلب جي ٽيم رنر اپ رهي.

بقايا 06

ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو ڪهاڙين ڏنڊن جي استعمال دوران هڪ عورت سميت 10 ڄڻا زخمي ٿي پيا جن ۾ ٻهرجي ڌر جا علي اصغر، صداقت، اظهر، اسلم، سرفراز، يوسف، مسمات شمشاد بيگم ۽ جوڻيجو جي ڌر جا ساجد ۽ نواب شامل آهن سمورا زخمي رکڻ ٿاڻي تي پهچي علاج جوليٽر وٺي دادو اسپتال منتقل ٿي ويا آهن ٻي طرف ڪڪڙ جي ڪيڙي جي دڪاندار محمد اسماعيل ٻهرچيو آهي ت منهنجي گهر ٻاهران منهنجي خالي پلاٽ گذريل ڪيترن سالن کان پيل آهي جن تي بااثر نورحسين زبردستي طور قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي منع ڪرڻ تي ڪالهه منهنجي گهر تي بنا جواز نورحسين جي ڌر حملو ڪري چارجوديوار جو تقدس پائمال ڪندي 8 ڪان ڄڻن کي رتورت ڪري زخمي ڪيو جنهن ۾ منهنجي پيڻ، پائر، پائيتيا ۽ ٻيا عزيز شامل آهن پوليس جوابدار گرفتار ڪرڻ لاءِ تياري ناهي ڪيس انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي طرف جوڻيجي جي ڌر نورحسين چيو آهي ت معزز ماڻهن جي مداخلت دوران اسماعيل ٻهر پلاٽ جي دعوي ختم ڪري مون کي واپس پلاٽ ڏنو هو هاڻي پلاٽ ڏيڻ لاءِ تيار ناهي پلاٽ جي مسئلي تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿيو آهي، پلاٽ منهنجو آهي فيصلو ڏيڻ لاءِ تيار آهيان هوڏانهن ڌرين ۾ جهيڙو ٿيڻ ڪانپوءِ علائقي ۾ ڇڪتان تيز ٿي وئي آهي رکڻ پوليس ڪوب تحرڪ ن ورتو آهي

بقايا 07

بابا جمنداس اداسين ۾ ملهايو پيو وڃي. جنهن ۾ پوري سنڌ کان آيل پريمي وڏي تعداد ۾ شريڪ آهن شوميلي جو افتتاح دربار جي گادي نشين سائين رام داس شولنگ تي ڪير ۽ ڦل فروٽ چاڙهي ۽ خصوصي پوڄا پاٺ سان ڪيو. ان موقعي تي سائين رام داس چيو ته ماگهه جي هن مهيني ۾ شوپاروتي جي شادي ٿي هئي تنهن ڪري هي رات اسان لاءِ وڏي خوشي واري مهان رات آهي. هن چيو ته شو جو هيءُ ميلو اسان جي ساهتي پرڳڻي ۾ وڏي ڌام ڌوم سان هلندو آهي ۽ عقيدتمند اچي دربار صاحب تي سيوا ڪندا آهن. هن راتين ۾ پوڄا ارتي ڪان پوءِ ڪيرتن ڪيو ويندو آهي

بقايا 08

ٿي وئي آهي، پاڻي سپلائي ڪرڻ لاءِ پائيپ ڪجهه شهر جي گهٽين ۾ لڳائي ڪجهه پائيپ وري مختلف گهٽين ۾ ڦٽو ڪري ۽ ڪجهه پائيپ وري واٽر سپلاءِ جي ٽلاٽن تي اڇلائي ٺيڪيدار گم ٿي ويو. جنهن سبب اسڪيم جي مڪمل ٿيڻ جو پري پري تائين ڪو اتو پتو نه آهي، ٽلاٽن تي پيل پائيپ ۽ گهٽين ۾ پيل پائيپ خراب ٿيڻ لڳا آهن. ٺيڪيدار جي اهڙي عمل خلاف بلڙي شاهه ڪريم جي شهرين ۾ تاءُ پکڙيل آهي ته ٻئي پاسي واري چونڊيل نمائندا به مڪمل طور خاموشي اختيار ڪري ورتي آهي، هر گهٽي ۾ گندگي ۽ گٽرن اندر پائيپ پيل آهن انهيءَ کان علاوه ٽلاٽن جي رپيئرنگ جو ڪم ٽلاٽن تي فلٽر پلانٽ ۽ سولر سسٽم جو ڪم به رولڙي جو شڪار ٿي ويو آهي، جڏهن ته سولر سسٽم لاءِ لوهي فريم سڙڻ لڳو آهي ٽلاٽن کي لڳل لوهي گيٽ گم ۽ ٽلاٽن تي چوڪيدار لاءِ ٺاهيل ڪمرو جنهن جا در دريون ۽ لوهي سريا ۽ ديوارن جون سرون به آهستي آهستي گم ٿيڻ لڳيون آهن. هتي جي شهرين مطالبو ڪيو آهي ته ٺيڪيدار کي هٽ ڪري رهيل ڪم مڪمل ڪرايو وڃي جيئن شهرين مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 09

ڪي رائيس مل مالڪ راجيش ڪمار کي 4 مهينا اڳ گبو ٿاڻي جي حد ڊيرا موڙ رائيس مل مان ڌوهارين اغوا ڪري ويا هئا ۽ هاڻ ڌوهاري سندس آزادي عيوض پنگ جي وڏي رقم طلب ڪئي وئي آهي وائرل ويڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ڌوهارين مغوي کي زنجيرن سان ٻڌي سخت جسماني تشدد جو نشانو بڻائي رهيا آهن جڏهن ته سندس وارث سخت پريشاني جو شڪار آهن واضح رهي ته ڪشمور ۽ ان جي ڀرپاسي جي علائقن ۾ ڌوهارين خوف واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏيو آهي ٻئي پاسي هندو نوجوان راجيش ڪمار جي وڊيو وائرل ٿيڻ کان پوءِ سندس جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي انهن ايس ايس پي ڪشمور ۽ حد جي ايس ايڇ او کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان جي نوجوان کي ڌوهارين جي چنبي مان آزاد ڪرايو وڃي.

بقايا 10

آمد ڪانپوءِ پ پ پ سنڌ ڪائونسل ميمبر امتياز پاشا ٻٽ پاران وڻڪاري مهم جو افتتاح ڪيو ويو، ميهڙ جي شمس الدين بلبل هاءِ اسڪول ۾ تقريب ٿي، جنهن ۾ پ پ پ سنڌ ڪائونسل ميمبر امتياز پاشا ٻٽ، مارڪيٽ ڪاميٽي جي چيئرمين علي بخش ڪوسو، يوسي چيئرمين بابر اعجاز سهول، اسڪول هيڊ ماستر نياز علي ڪوسو، ڪائونسلر ايوب شيخ، آزاد انور ڪانڌڙو، ميهڙ پريس ڪلب جي صدر بدر سهول، ظهير عباس پنهور، خالد ميمڻ، محمد حنيف چانڊيو، امتياز شيخ، شير محمد ابڙو، عرفان بدر سهول، ميرڻ غازي سهول ۽ ٻين نم جا 50 ٻوٽا لڳايا، جڏهن ته وڻ پوکيو، وڻڪاري مهم لاءِ جاڳرتا ريلي به ڪڍي وئي.

بقايا 11

تي سنڌو ڪرڪيٽ ڪلب نصيرآباد ۽ سنڌڙي ڪرڪيٽ ڪلب لاڙڪاڻي وچ ۾ ڪيڏيو ويو، ٽاس کٽي سنڌو ڪرڪيٽ ڪلب ٽيم پهريان بئٽنگ ڪندي ويهه اورن ۾ 219 رنسون آهيون، جنهن ۾ عرفان پنهور بهترين راند ڪندي 60 رنس ناهيون. جڏهن ته محمد سليم لودرو 16 بالن ۾ 50* اسڪور ناهيو. سرتاج سٺي باولنگ ڪندي 3 وڪيٽون ورتيون. بعد ۾ بئٽنگ ڪندي سنڌڙي لاڙڪاڻي طرفان عبدالوهاب 63 رنسن جو اسڪور ڪيو جڏهن ته سرتاج 49 رنس ناهي آئوٽ ٿي ويو. سڄي ٽيم 16 اوور ۾ 163 رنسون ناهي آل آئوٽ ٿي وئي. سنڌو نصيرآباد طرفان حسين پتوجو بهترين باولنگ ڪندي چار وڪيٽون ورتيون. ۽ مين آف دي ميچ جو پڻ انعام حاصل ڪيو. پليئر آف دي ٽورنامنٽ جو ايوارڊ شيراز احمد پنهور حاصل ڪيو جڏهن ته مهمانن ۾ ٽائون ڪميٽي نصيرآباد جي چيئرمين يوسف عزيز چتو، شهري اتحاد صدرجي صدر معشوق علي ڦلپوٽو، سينئر ڪرڪيٽر سائين روشن علي گنواس، عمر عزيز چتو، شبير احمد جهتيال، عبدالجبار تنيو، جاويد چنا، جن رانديگرن ۾ انعام تقسيم ڪيا. آخر ۾ ٽائون ڪميٽي نصيرآباد جي چيئرمين رمضان شريف م هارڊ بال جي نائيٽ ٽورنامنٽ ڪرائڻ جو پڻ اعلان ڪيو.

بقايا 12

ڪري ورتو. ان حوالي سان ڊي ايس پي بن قاسم آصف، ايس ايڇ او اسٽيل ٽائون طاهرالقادري، ايس آءِ او نظر محمد منگريو سان گڏ اسٽيل ٽائون ٿاڻي تي پريس ڪانفرنس ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته پوليس مسلسل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪم ڪري رهي هئي جنهن سبب ڳجهي اطلاع تي گهگهر جي پنيو ڳوٺ مان ڇاپو هڻي ڪارروائي ڪندي ڏيڍ مهينو اڳ قتل ٿيل عارف اوٽيرو جي قتل ۾ ملوث مک جوابدار سڪندر ڪوسو کي گرفتار ڪيو ويو آهي، هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته عارف اوٽيرو جي قتل جي ايف آءِ آر ۾ 3 جوابدار نامزد آهن جن مان مک جوابدار سڪندر ڪوسو سميت 2 جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن جڏهن ته ٻچيل هڪ جوابدار کي به جلد گرفتار ڪيو ويندو، هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڪيس ۾ نامزد جوابدار وارداتن بعد شڪارپور ۽ ڪنڌڪوٽ طرف فرار ٿي ويندا هئا جوابدار مٿان ڪراچي جي مختلف ٿاڻن تي 11 کان وڌيڪ ڪيس پڻ داخل آهن. ڊي ايس پي آصف جو وڌيڪ چيو ته پوليس پنهنجو ڪم بهتر نموني ڪري رهي آهي اسٽيل ٽائون ۾ قتل ٿيندڙ پوليس اهلڪار خميسو جوکيو جي قتل ۾ ملوث جوابدار ثاقب جوکيو کي اڳ ئي گرفتار ڪري چڪا آهيون جڏهن ته زاهد ميرائي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا 13

هوٽل واري علائقي مان 8 ورهين جي نينگري ماڻر ڏيءُ معشوق پٽي گهران نڪرڻ بعد پراسرار نموني لاپتا، ڳولا باوجود پتو نه پيو. عورتن جو نينگري ماڻر پٽي جي بازيابي لاءِ احتجاج خبر موجب ميهڙ جي بخاري هوٽل واري علائقي مان 8 ورهين جي نينگري ماڻر ڏيءُ معشوق پٽي گهران نڪرڻ بعد پراسرار نموني لاپتا ٿي وئي آهي، ڳولا باوجود سندس پتو ناهي پيو نينگري ماڻر پٽي جي بازيابي لاءِ سندس ماسي سلمي پٽي، ناني درناز پٽي، مامي عامر پٽي احتجاج ڪندي 8 ورهين جي نينگري ماڻر ڏيءُ معشوق پٽي جي بازيابي جي ميهڙ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو هنن گهر ڪئي ته نينگري ماڻر پٽي کي بازياب ڪرايو وڃي.

بقايا 14

ٻاٽي جي رهائشي جام خان ٻهوڙ ڳوٺ جي معزز محمد عمر سوهو سان گڏ متياري پريس ڪلب تي داتهيندي چيو آهي ته ٽي ڏينهن پهريان منهنجو ڀائيٽيو ذاڪر حسين ٻهوڙ پليجاڻي ريلوي اسٽيشن تي ويٺو هو ته سياسي اڳواڻ جي ٻچ تي ڳوٺ جي اوباش شهزاد ٻهوڙ مٿس ڪهاڙي سان حملو ڪري کيس شديد زخمي ڪري ڇڏيو جيڪو اسپتال ۾ داخل آهي اسان نوجوان کي اسپتال ۾ داخل ڪري شاهپور ڏرپور ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائڻ وياسين ته شاهپور پوليس ٽال مٽول ڪان ڪم وٺندي اسان جو ڪيس داخل نه ڪيو ان بعد اسان ايس ايڇ او شاهپور ڏرپور سان ملياسين پر ايس ايڇ او به ٽال مٽول ڪيو هن چيو ته شاهپور ڏرپور پوليس مخالفن سان ٻٽ بٺيل آهي اسان آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي متياري کان مطالبو ڪيو ته اسان جي نوجوان تي حملي جو ڪيس داخل ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ وڌيڪ ڪو نقصان ٿيو ته ان جي ذميوار پوليس هوندي.

بقايا 15

جي وسين وٽ سکر کان ڪراچي ويندڙ وين جو موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار نالي مينگل مري هڪ عورت تي معصوم ٻار سخت زخمي ٿي پيا جن کي فوري طور تعلقه اسپتال متياري پهچايو ويو جن مان هڪ نينگري 6 سالا زخمن جا سور نه سهندي رستي ۾ فوت ٿي وئي زخمين جو تعلق متياري لڳ ڳوٺ سليم مري سان هو. جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا 16

ڪندڙ زميندار کي پيتا پيش ڪئي وئي تفصيل موجب نندو شهر جي هائر سيڪينڊري اسڪول جي قيام وقت اسڪول کي لکين رپين جي مهانگي ڪمرشل 3 ايڪڙ زمين مفت ۾ فراهم ڪندڙ زميندار حاجي الله داد پرڳڙي کي پيتا ڏيڻ لاءِ اسڪول انتظاميا طرفان سندس تصوير اسڪول ۾ لڳائي وئي اسڪول جي پرنسيپال محمد علي جمالي سينئر استادن صديق پرڳڙي وسيم ميمڻ ۽ شاگردن تصوير اڳيان گلن جي ورکا ڪئي ان موقعي تي پرنسيپال محمد علي جمالي صديق پرڳڙي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته حاجي الله داد پرڳڙي هڪ سخي انسان هو جنهن نه رڳو هائر سيڪينڊري اسڪول نندو شهر کي 3 ايڪڙ زمين ڏني جنهن مان هن مهل هزارين شاگرد معياري تعليم حاصل ڪري ملڪ ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪري رهيا آهن هنن چيو الهداد پرڳڙي کي هر وقت عوام مسئلن جو اونو رهندو هو هن نه صرف شهر جي ترقيءَ ۽ عوامي سهولتن لاءِ واٽر سپلائي سول اسپتال ۽ جامع مسجد لاءِ به زمين وقف ڪئي پر علائقي جي مسڪين هوشيار شاگردن کي اسڪالر شپ ڏيئي اعلي تعليم ڏياري عوامي ڀلائي لاءِ سندس ڪيل خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو

بقايا 17

پينشن بند هجڻ خلاف ڳاهه کائي انوکو احتجاج ڪيو دادو پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتالي ڪئمپ تي ويٺل ملازمن سرفراز چنا، اعجاز، نثار خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته گذريل 7 مهينن کان پگهارون ۽ پينشن بند هجڻ سبب ملازم فاڪاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن سنڌ ۾ ساڍا 7 سئو ملازم ۽ اڍائي سئو پينشنر جي 7 مهينن کان پگهار نه ٿي آهي هنن چيو ته پگهارون ۽ پينشن نه ٿيڻ سبب ملازمن جي گهرن جي بجلي ۽ گئس ڪنيڪشن به ڪٽجي ويا آهن اسڪول انتظاميا فيس جمع نه ڪرائڻ تي ٻارن کي اسڪول مان به ڪڍي ڇڏيو آهي هنن چيو ته پلارو مهينو ماهه رمضان اچي ٿو گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه ناهي پگهارون نه ملڻ سبب قرضي ٿي ويا آهيون پگهارون بند هجڻ سبب خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون 7 ڏينهن کان پرامن احتجاج ڪري رهيا آهيون ڪوبه نوٽيس وٺڻ وارو ناهي هنن چيو ته پگهارون ۽ پينشن نه مليون ته خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي وينداسين پگهارون جاري ڪري فاڪاڪشي کان بچايو وڃي سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪنن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري زبردستي دهشتگرد بڻائڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. وڏي وزير جي اها دعويٰ ته شڪارپور ۽ گهوٽڪي سميت اپر سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال بهتر آهي عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ برابر آهي.سنڌو مٿان نوان ڪينال اڏڻ توڙي ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي لکين ايڪڙ زرعي زمين ڪمپني سرڪار کي ڏئي سنڌ جي عوام جي پيرن هيٺان ڌرتي کسڪائي پئي وڃي

بقايا 18

۾ ٻڪري جي ڄاول ڇيلي جي ڪن تي حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جو نالو اسم مبارڪ لکيل آهي ٻڪري جي مالڪ پورهيت زاهد حسين کوکر پاران اهڙي معجزي ڪانپوءِ ٻڪري جي ڇيلي بابت جڏهن علائقي ۾ اهڙي آگاهي ڏني جنهن تي ڪيترائي ماڻهو تازي ڄاول ٻڪري جي ڇيلي کي ڏسڻ لاءِ سندس رهائش گاهه پهچي ويا۽ هر طرف درود شريف جو ورد ۽ صبحان الله صبحان الله جو ورد ۽ رب پاڪ جو شڪر ڪندي نظر آيا۔ ۽ سنڌن چهرن تي مرڪون ۽ خوشي جي فضا ڇانيل نظر آئي

بقايا 19

سبب ڪراچي جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو لاڏاڻو ڪري جنهن کي سوين آلين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا 20

ٽئلينٽ اسپيچ ڪامپيٽيشن" جو پروگرام يونٽ نصيرآباد لڳ ڳوٺ چنهڙ ۾ ٿي گذريو پروگرام شروع ٿيڻ کان اڳ اسٽيج سيڪريٽري جيوري ڪميٽي لاءِ صفدر حيدر جوڻيجو ۽ ضمير حسين جوڻيجو کي سڏيو جنهن جيوري ڪميٽي جا فرائض سرانجام ڏنا. جنهن ۾ پهرين پوزيشن حمير جوڻيجو ضلع لاڙڪاڻو .ٻئي پوزيشن سمير علي جوڻيجو ضلع قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٽئين پوزيشن جان محمد ڪوريجو ضلع بدين جي ميمبر حاصل ڪري ورتي. هن سنڌ سطح جي پروگرام جي صدارت ناجي شاگرد تنظيم "نشات" جماعت لواري شريف جي مرڪزي صدر محترم سهيل احمد جوڻيجو ڪئي. هن پروگرام جي ڪاروائي نوجوان ليکڪ ساجد مسڻ هلائي. پروگرام جي شروعات لاءِ قرآن پاڪ جي تلاوت لاءِ مولوي صابر جوڻيجو تلاوت پاڪ پيش ڪئي. جڏهن ته هن پروگرام ۾ مهمان خاص رئيس علي نواز جوڻيجو اعزازي مهمانن ۾ ناجي شاگرد تنظيم "نشات" جماعت لواري شريف جا مرڪزي نائب صدر محترم امجد حسين مسڻ، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري محترم حبيب الله جوڻيجو ۽ نشات تنظيم ريجن لاڙڪاڻي جا صدر محترم سميع الله جوڻيجو هئا. جڏهن ته هن پروگرام ۾ جماعت لواري شريف جي مذهبي اسڪالرن تصوفِ لَواريءَ تي مقالا پڻ پيش ڪيا، جن ۾ سائين عبدالفتاح لانگاهه، سيد محمد شاهه فيروز، فوٽو نياز جوڻيجو ۽ محمد سومر جوڻيجو شامل هيا. آخر ۾ ثناء خوانن حمد باري تعالي، نعتِ رسول مقبول ، مرشد جي شان ۾ منقبت ۽ طريقتي گيت مبارڪ پڻ پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو جنهن ۾ الله بخش منگي، صابر حسين جوڻيجو وحيد علي جوڻيجو، ڊاڪٽر روشن علي چانڊيو شامل آهن. هي پروگرام آخر ۾ درگاهه عاليه لواري شريف جي دستوري دعا شريف سان ڪيو ويو.

بقايا 21

پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمپاڻي ۽ پراونشل ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي سنڌ جي اڳوڻي ڊائريڪٽر (آپريشنز) امداد حسين صديقي گڏجي انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن ۾ نئين لڳايل شاندار واٽر فلٽريشن پلانٽ جو افتتاح ڪيو جاتايل تقريب گذريل ڏينهن انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن ۾ منعقد ڪئي وئي، جتي هيلپنگ هينڊ فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ پاڪستان پاران عطيو ڪيل واٽر فلٽريشن پلانٽ جو افتتاح ڪيو ويو. ان موقعي تي آءِ بي اي جو ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر امام الدين ڪوسو، رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر مشتاق علي جاريڪو، هيلپنگ هينڊ فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ پاڪستان جو ريجنل مئنيجر (سنڌ) علي محمد پناڻ، ڊاڪٽر نظام الدين چنو ڊاڪٽر انتظار علي لاشاري، ڊاڪٽر تانيا مشتاق، ڊاڪٽر صنوبر رحمان شيخ ۽ ٻيا استاد پڻ موجود هئا. ان موقعي تي ڳالهائيندي وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمپاڻيءَ چيو ته صاف پيئڻ جو پاڻي هر انسان جي بنيادي ضرورت آهي ۽ انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن ۾ واٽر فلٽريشن پلانٽ لڳڻ سان شاگردن ۽ عملي کي پيئڻ جي صاف ۽ ٿڌي پاڻي جي زبردست سهولت ميسر ٿي وئي آهي. هن هيلپنگ هينڊ فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ پاڪستان جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته جاتايل اهم سهولت مهيا ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي انتظاميه سندن ٿورائتي آهي. هن چيو ته صاف پاڻي جي فراهمي بنيادي حق آهي ۽ هي واٽر فلٽريشن پلانٽ اسان جي شاگردن جي اهم ضرورت پوري ڪندو. هن هيلپنگ هينڊ فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ پاڪستان جي تعاون کي شاگردن جي ڀلائي لاءِ انتهائي اهم قدم قرار ڏنو. پي ڊي ايم اي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر (آپريشنز) سنڌ امداد حسين صديقي ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته هي فلٽريشن پلانٽ خاص طور پاڻيءَ سان لاڳاپيل بيمارين جي روڪٿام لاءِ انتهائي فائديمند ثابت ٿيندو. هن چيو ته جاتايل منصوبي سان شاگردن کي محفوظ پيئڻ جو پاڻي فراهم ٿيندو. سندن صحت کي تحفظ ڏيڻ ۾ مدد ڏيندو ۽ ڪيمپس جي ماحول کي وڌيڪ صحتمند بڻائيندو. هن چيو ته هي واٽر فلٽريشن پلانٽ شاگردن لاءِ هڪ اهم حفاظتي سهولت طور ڪم ڪندو. ڇاڪاڻ ته صاف پاڻي جي دستيابي صحتمند تعليمي ماحول جو بنيادي جزو آهي. هيلپنگ هينڊ فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ پاڪستان جي ريجنل مئنيجر (سنڌ) علي محمد پناڻ ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته سندن تنظيم ڪميونٽي جي ڀلائي ۽ پائيدار ترقي لاءِ پرعزم آهي. هن وضاحت ڪئي ته واٽر فلٽريشن پلانٽ کي حياتياتي آلودگي ختم ڪرڻ لاءِ خاص طور تي تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن شاگردن کي مڪمل طور صاف ۽ محفوظ پيئڻ جو پاڻي ملي سگهي. هن چيو ته سندن اداري جو مشن آهي ته اهڙيون سهولتون سنڌ جي ٻين تعليمي ادارن تائين پڻ فراهم ڪيون وڃن. هن چيو ته نئون لڳايل واٽر فلٽريشن پلانٽ روزانو سوين شاگردن، استادن ۽ عملي کي صاف پاڻي فراهم ڪندو. اهو جديد فلٽريشن ٽيڪنالاجي سان ليس آهي، جيڪا نقصانڪار آلودگي کي مؤثر طريقي سان ختم ڪندي ۽ صحت جي معيار تي پورو لهڻ کي يقيني بڻائيندي. آءِ بي اي جي شاگردن پڻ ان قدم تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته ڪيمپس تي محفوظ پيئڻ جي پاڻي جي دستيابي سندن روزاني زندگيءَ کي بهتر بڻائيندي جاتايل تقريب ۾ هيلپنگ هينڊ فار رليف اينڊ ڊولپمينٽ پاڪستان جي فراخدليءَ تي شڪريو ادا ڪيو ويو ۽ مستقبل ۾ به ڪيمپس جي سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ اهڙين سهڪار جي اميد ظاهر ڪئي وئي.

بقايا 22

بروهي ۾ سنڌ بروهي اتحاد ضلع سانگهڙ جي گڏجاڻي چيئرمين فيصل ڪميٽي وڏيرو محمد يوسف جي ميزباني ۾ ٿي گزري اجلاس جي شروعات ڪلامي پاڪ سان ٿي جنهن ڪان 2025 جي بابي لاءِ غور ويچار ڪيو ويو. جنهن ڪانپوءِ سيني آيل عهديدارن ۽ ميمبرن جي متفق راءِ سان تعلقن ۽ ضلع سانگهڙ جي سال 2025 لاءِ نئين سال لاءِ اپريل جي 15 تاريخ جو اعلان ڪيو ويو جنهن ضلع صدر رئيس محمد يوسف بروهي سينئرنائب صدر ميرڪرم خان بروهي انفارميشن سيڪيٽري ڊاڪٽرحاڪم علي بروهي پريس سيڪيٽري مشتاق احمد بروهي تعلقه شهدادپور جي صدر ميرزاهدجان بروهي تعلقه سنجهوري جو محمدانور بروهي تعلقه ٽنڊوآدم جي انفارميشن سيڪيٽري عبدالحليم بروهي عاشق بروهي علي احمد بروهي مبين بروهي سميت ميمبرن موجود هئا اڳوائن وڌيڪ چيو ته اسان جو تنظيم هڪ فلاحي تنظيم آهي جنهن لاءِ پنهنجي مدد پاڻ تحت مدد ڪرڻو پوندو آهي آخر ۾ سيني عهديدارن ۽ ميمبرن کي پابند ڪيو ويو ته هر تعلقه جا عهديدار پنهنجي تعلقن ۾ برادري جي مسڪينن جي هر ممڪن مدد ڪن ۽ سنڌ بروهي اتحاد کي سياست کان هڪ طرف ڪيو وڃي هر ميمبر پنهنجو خد مختيار هوندو

بقايا 23

احتجاجي ريلي ڪڍي گلوب چوڪ لب مهراڻ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ريلي ۾ شامل ملازمن مطالبن جي حق ۾ چٽي نعري بازي پڻ ڪئي احتجاجي ريلي جي اڳواڻي پاڪستان ورڪرز فيڊريشن سنڌ ريجن جي مرڪزي اڳواڻ خادم حسين ڪوسو ميهر علي جتوئي شمس الدين ڪوسو نياز حسين شيخ عبدالنبي جاگيراڻي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا، مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ بينر ڪتبل هئا جن مٿان مطالبا لکيل هيا ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته حڪومت طرفان سن ڪوٽا بند ڪئي وئي آهي ۽ مزدورن جي پينشن ۾ به ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي جيڪا ملازمن سان وڏي ناانصافي آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته گروپ انشورنس ۽ الائونس به بند ڪيا ويا آهن جن کي فوري طور بحال ڪيو وڃي ڪيترن ئي مهينن کان احتجاج ڪري رهيا آهيون پر ڪو به ٻڌڻ وارو ناهي ملازمن سان هميشه نا انصافيون ٿينديون رهيون آهن پر هاڻي حقن جي حاصلات لاءِ جيڪڏهن اسلام آباد ۽ سي ايم هائوس آڏو ڌرڻا هڻڻا پيا ته ضرور هڻنداسين مظاهرين حڪومت کان مطالبو ڪيو ته انهن جا سڀ جائز مطالبا فوري طور تسليم ڪري نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ڪراچي سي ايم هائوس اڳيان ڌرڻو هڻڻ تي مجبور ٿي ويندا سين

بقايا 24

انتظاميه انتهائي سخت ڪيا ويا هئا. عرس جي حوالي سان مين گيٽ وٽ چيڪنگ لاءِ پوليس جا اهلڪار مقرر ٿيل هئا جيڪي هر ايندڙ ويندڙ جي چڪاس ڪرڻ بعد اندر داخل ٿين ڏين پيا.

بقايا 25

فدا حسين پيرزادو پنهنجو روايت بودلہ سرڪار وارو ويس اوڍائي حوالي تان مهيندي ڪئي روايت موجب ٻاهر نڪتو جتي ڪيس قلندري فقير ڌمال ۽ مريدن سان گڏجي درگاهه پهتا، جتي ڪيس مهيندي جي رسم ادا ڪئي وئي.

بقايا 26

مبارڪ شروع ٿي ويو. وڏي انگ ۾ مختلف علائقن مان بودلا سرڪار جا عقيدتمند ۽ چاهيندڙ رائيبور پهتل. صوفيائي راڳ رنگ جي محفل ٿي، مقامي راڳين راڳ ڳائي آيلن کي جهومائي ڇڏيو مهيندي جي رسم ۽ غسل جي تقريب ٿي گذري، قلندري فقيرن جي قديمي قلندري ڌمال لڳي، عرس مبارڪ جي افتتاحي تقريب ۾ درگاهه بودلو سيوهڻ جو گادي نشين سائين ميان اختر حسين نقوي، گادينشين بودلا بخاري راڻي پور ميان فدا حسين پيرزادو، سندس فرزند ميان بخش علي پيرزادو، مريدن، عقيدتمندن ۽ چاهيندڙ سان گڏجي درگاهه کي غسل ڏئي چادر چاڙهي بعد ۾ مهيندي جي رسم ادا ڪئي وئي، ان موقعي تي پاڪستان انٽرنيشنل عالمي مشايخ ڪايونسل ضلعي خيرپور جي صدر گادي نشين ميان فدا حسين پيرزادو ۽ سندس فرزند ميان بخش علي پيرزاد صحافين سان ڳالهائيندي چيو ت بودلا سرڪار جو ٽي روزا جون تقريبون پنهنجي عروج تي جاري آهن تقريب ۾ قديمي مهيندي جي رسم ادا ڪئي وئي، جيڪا گادي نشين جي حويليءَ تان مريدن، عقيدتمندن، چاهيندڙن ۽ قلندري ڌمال وارن سان گڏجي قديمي مهيندي برآمد ڪئي وئي، جنهن بعد درگاهه کي غسل ڏئي چادر چاڙهي مهيندي جي رسم ادا ڪئي وئي، هنن ٻڌايو ته ان رسم دوران من جون مرادون پوريون ٿينديون آهن. جنهن ۾ وڏي انگ ۾ عقيدتمد چاهيندڙ پنهنجن مرادون رکڻ ۽ پوريون ٿيڻ جو سڄو سال انتظار ڪندا آهن. قلندري فقير جيڪي پنهنجي قديمي قلندري ڌمال سان سلامي پيش ڪئي آهي. جنهن ۾ پڻ وڏي انگ ۾ ماڻهو موجود هئا. ان موقعي تي مريدن، عقيدتمندن سان گڏجي اجتماعي دعاءِ خير گهري وئي ۽ لنگر تقسيم ڪيو ويو رات دير سان تيل صوفيائي راڳ رنگ جي محفل ٿي جنهن ۾ مقامي صوفي راڳين فقير اياز ملاح، نصير فقير شيخ ۽ ٻين صوفيائڻ ڪلام ڳائي ٻڌندڙن تي وجد طاري ڪري جهومائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

بقايا 27

۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي پورهيت نظير اوڍاڻو دانهيندي الزام لڳايو ته گذريل سال 23 مئي تي رتوديرو شهر جي جوکي پاڙي ۾ بااثر عاشق ويسر ۽ عامر جاگيراڻي بيگناهه گوليون هڻي منهنجي 13 سالن جي پٽ سراج احمد اوڍاڻو کي بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو جنهن واقعي جو ڪيس ڄاڻايل جوابدارن خلاف رتوديرو ٿاڻي تي داخل ڪرايو جنهن تي پوليس هڪ جوابدار عاشق ويسر کي گرفتار ڪيو جڏهن ته پوليس هن وقت تائين ٻئي جوابدار عامر جاگيراڻي کي گرفتار ناهي ڪيو، جيڪا وڏي زيادتي آهي، هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته پٽ جي قتل ۾ ملوث جوابدار عامر جاگيراڻي کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 28

ڪارڪنن پاران پتافي ڪولاچي تڪرار جي خاتمي ۽ ٽيل فيصلي تي عمل ڪرائڻ لاءِ ميڙ منٽ قافلو ٻنهي ڌرين وٽ پهتو ميڙ منٽ قافلي ۾ جسقم جسم جسقم شهيد بشير خان قريشي ۽ ايس يو پي، جساف جي قومي ڪارڪنن ۽ شهرين پتافي ڌر جي وڏيري غوث بخش پتافي ۽ ڪولاچي برادري جي وڏيري ظفر خان ڪولاچي ۽ مجاهد حسين ڪولاچي جي ڌرين وٽ پهچي ناهه لاءِ اپيل ڪئي، ان موقعي تي جسقم ضلع صدر فقير رمضان ڪلوڙ. جسقم شهيد بشير خان قريشي اڳواڻ ميرحسن لاشاري جسم اڳواڻ ڪمال مهر نظير احمد شيخ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اڳواڻ اڪرم ميتلو جساف ضلع صدر نعمان مرڻاس نوردين سومرو يوسف بوزدار رفيق بوزدار پرويز بوزدار، شينهن سميجو ۽ ٻين چيو ته قبيلائي تڪرار سنڌ لاءِ ناسور بڻيل آهن سنڌ جا ماڻهو سجاڳ ٿي پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو ڪن اڳواڻن چيو ته ڪافي عرصي کان پتافي ۽ ڪولاچي برادرين ۾ تڪرار هلندڙ آهي جنهن ۾ هن وقت تائين ٽي خون ٿي چڪا آهن هنن چيو ته ڪولاچي پتافي برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو چار مهينا اڳ سردار هالار خان پتافي ميان رفيق احمد جي سرپنچي ۾ ٿي گزريو آهي جنهن فيصلي مطابق 30 لک روپيا موقعي تي پتافي برادري جي سردار هالار خان پتافي حوالي ڪيا ويا هئا پر هن وقت تائين عمل نه ٿي سگهيو هنن چيو ته ڪولاچي پتافي برادري ٻئي پاڙيسري ۽ پائر آهن اميد آهي امن قافلي کي مان ڏيندي فيصلي تي عمل ڪندا هنن سردار هالار خان پتافي سردار عبدالباري خان پتافي ميان رفيق احمد کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي فيصلي تي عمل ڪرائي ٻنهي ڌرين کي ڪير ڪنڊ ڪيو وڃي

بقايا 29

اسپتال ۾ آندا ويا، جتي 100 کان وڌيڪ مريض سهولت نه هئڻ ڪري زندگيون وڃائي ويٺا آهن. جڏهن ته 3141 زخمي مريضن کي طبي امداد ڏيڻ بعد حيدرآباد، ڪراچي ۽ نوابشاهه اسپتالن ڏانهن ريفر ڪيو ويو. رات جي وقت اي سي جي مشين ۽ ڪاڊيو اسپيشلسٽ آهي ئي ڪونه. پيرا ميڊيڪل اسٽاف ايندڙ زخمين کي فسٽ ايڊ ۽ پيئڻ مريضن کي ريفر ڪري ڇڏيندا آهن. هن چيو ته اسپتال ۾ ٽراما سينٽر جي سهولت به ناهي، 1980 جو ايڪسري پلانٽ جيڪو ٻن سالن کان ناڪارا بڻيل آهي، اختيارن کي ڪيترائي دفعا لکڻ باوجود هن ٽائيم تائين ايڪسري پلانٽ به ناهي ملي سگهيو. اکين جو سينئر ڊاڪٽر لطيف چنا جيڪو سال 2023 ۾ بدلي ٿي ويو جنهن بعد هن وقت تائين سندس جاءِ تي ڪوبه ڊاڪٽر مقرر ناهي ٿي سگهيو. اسپتال ۾ هڪڙوئي چوڪيدار محمد رمضان مقرر هئو جيڪو 4 فيبروري 2025 تي آن ڊيوٽي فوت ٿي ويو جنهن جي جاءِ تي ڪوبه چوڪيدار مقرر ناهي ڪيو ويو، ميل ۽ فيميل ڊاڪٽرز ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف سميت صرف اٺن ڄڻن جو عملو ڏينهن رات اسپتال ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، جڏهن ته ملازمن کي ٽائيم اسڪيل ناهي ڏنو ويو جنهن سبب ملازمن ۾ تمام گهڻي بي چيني پڻ آهي.

بقايا 30

اسپتال جي ساليانا بجيٽ صرف ٻه ڪروڙ يارنهن لک رکي وئي آهي جڏهن ته گذريل سال 2024 ۾ او پي ڊي ريشو ٻه لک سٺونجاهه هزار رهيو آهي بجيٽ جي ڪلڪيوليشن جي حساب سان في مريض کي صرف 82 روپين جي دوا حصي ۾ اچي ٿي جيڪا نهايت گهٽ آهي جيڪا وڌائي لڳ ڀڳ پنج کان ڇهه ڪروڙ ڪئي وڃي ته جيئن اسپتال ۾ ايندڙ مريضن کي صحيح نموني علاج مهيا ڪيو وڃي.

بقايا 31

مرڪز قائم ڪيو ويو جنهن جو افتتاح ان وقت جي وزير صحت عبدالقادر سنجراڻي جن ڪيو جيڪو ٻائيتاليه سال رورل هيلٿ سينٽر جي صورت ۾ قائم رهيو. جنهن بعد 2005 ۾ حڪومت سنڌ پاران رورل هيلٿ سينٽر کي پروموٽ ڪري تعلقا اسپتال جو درجو ڏئي ڇهن بيڊن تي مشتمل باقائيده بلڊنگ تعمير ڪرائي وئي، جيڪو سلسلو پندرنهن کان سورهن سال ائين ئي ٽل سل تي هلندو رهيو جنهن بعد 22_2021 ۾ ايس اين سي منظور ٿي پر اسٽاف نه ملي سگهيو.

بقايا 32

مريض سڄو ڏينهن انتظار ڪرڻ بعد بنا دوا واپس موٽي وڃڻ تي مجبور. تعلقي مان گذرندڙ قومي شاهراهه تي ٿيندڙ حادثن ۾ ساليانا سوين جانيون ضايع ٿيڻ جو پڻ ڪنهن نوٽيس نه ورتو چونڊيل نمائندن ۽ حڪومت جي بي ڌياني سبب عوام مشڪلاتن جو شڪار بڻيل رپورٽ موجب: ضلعي متياري جي وڏي آبادي رکندڙ تعلقي نيوسعيدآباد جي تعلقا اسپتال ۾ ڪافي عرصي کان دوائن، ڊاڪٽرن ۽ عملي جي کوٽ سبب مقامي توڙي آس پاس جا روزانو سوين مريض پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن. هڪ لک پنجاسي هزار جي آبادي تي مشتمل تعلقا نيوسعيدآباد جي سرڪاري اسپتال ۾ ڪنهن به قسم جي سهولت ميسر ناهي سڄو ڏينهن انتظار ڪرڻ باوجود بنا دوا جي سوين مريض واپس موٽيو ٿا وڃن. اسپتال ۾ دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي کوٽ سبب عوام کي ڪوبه فائيدو حاصل ناهي رپورٽ ۾ ڪيل سروي ۾ مليل ڄاڻ موجب ته مزڪورا اسپتال ۾ 53 ميل ڊاڪٽر ۽ فيميل ڊاڪٽرن جون جايون آهن جن مان 45 سيٽون خالي پيل آهن جڏهن ته هن وقت ٻه في ميل ۽ ٻه ميل ڊاڪٽرن سميت چند پيراميڊيڪل اسٽاف ڊيوٽي ڪري رهيا آهن. جڏهن ڌاڪٽن، چيسٽ، دل ۽ گينوڪلاجسٽ سميت مختلف شعبن جا ڊاڪٽر مقرر نه ٿيڻ سبب ٻهراڙي جا مريض ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي واپس روانا ٿيو وڃن هوڏانهن تعلقي مان گذرندڙ قومي شاهراهه تي پڻ ڪافي حادثا ٿيڻ سبب اسپتال ۾ سهولت نه هجڻ ڪري زخمي ايڪسپائير ٿيو وڃن يا ڪنهن ٻئي اسپتال ريفر ڪيو ٿو وڃي هتان جي عوام صحت ڪاتي سنڌ، چونڊيل نمائيدن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته وڏي آبادي رکندڙ تعلقي نيو سعيدآباد جي اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي ڪوٽ جو نوٽيس وٺي عوام کي سهولت فراهم ڪئي وڃي.

بقايا 33

المبارڪ جي احترام جي نالي سان علماء ايڪشن ڪميٽي گهارو طرفان سيمينار منعقد ڪيو ويو اڳوائن خطاب ڪندي چيو ته رمضان شريف ۾ احترام ڪيو وڃي واپاري عوام کي سستي اگهه ۾ راشن ۽ ٻيو سامان ڏين جي ڪوشش ڪن. روزي جي ڏينهن ۾ رمضان احترام جي ڪري عام واهپي جي شين ۾ ريٽ مناسب وٺجي تيار ٿيل ڪاڌي پيتي جو سامان ۽ هوٽلون، ڪاڌي جا ريڙها ڏينهن جو روزي افطار جي ٽائم نه کولين. مناسب ٽائم تي کلن , هوٽلن کولڻ جي سرڪاري پرميشن نه ڏيڻ گهرجي پروگرام ۾ اعلان ڪيو ويو ته پنج رڪني ڪميٽي رمضان احترام جي نالي سان شهر ۾ آگاهي رمضان احترام جي آگاهي ڏيندي، جنهن ۾ مولانا مفتي عبدالرحمان غزنوي، مولوي سلمان فارسي، مولوي شڪيل، واپاري ايسوسي ايشن اڳواڻ مختيارلاشاري , سڪندر چانڊيو شامل هوندا, علماء ايڪشن ڪميٽي جي اڳوائن جن خطاب ڪيو

بقايا 34

طرفان جوائننگ نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن هٿن ۾ بئنر کڻي نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اميدوارن محمد شريف چهواڻ، محمد اسلم سيال، رياض حسين ڳاڏهي، عرض محمد ڳاڏهي، صابرعلي شيخ، حافظ نياز جتوئي، خالد حسين جتوئي ۽ ٻين ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته سال 2023ع جي آگسٽ مهيني ۾ اسان کي سنڌ جي مختلف سرڪاري کاتن ۾ ميرٽ جي بنياد تي هڪ کان چار گريڊ جي نوڪرين جا آرڊر حاصل ڪياسين، پر هن وقت تائين اسان کي جوائننگ نه ٿي ڏني وڃي، جنهن سبب اسين سخت پريشان ۾ مبتلا ٿي ويا آهيون.

بقايا 35

رپورٽ موجب گورنمينٽ بوائز ماڊل هاءِ اسڪول نصيرآباد جي سينئر استاد نصرالله جلباڻي کي زندگيءَ جا 60 سال پورا ڪري رٽائر ٿيڻ تي اسڪول جي استادن پاران الوداعي آجياڻو ڏنو ويو استاد برادري ۽ شاگردن پاران کيس وڏي شان سان پيتا پيش ڪندي کيس الوداع ڪيو تقريب ۾ ڊپٽي ڊائريڪر لاڙڪاڻو سراڻي گل محمد ڪهاوڙ ٽي. اي. او سيڪنڊري نصيرآباد علي نواز ڪهاوڙ ٽي. اي. او. شهدادڪوٽ غلام سرور ڪوسو اڳوٽو ٽي اي او وارهه عبدالهادي چولياڻي ٽي اي او فيميل نصيرآباد آپا نعمت النساءَ ڪانڌڙو، پرنسپال گرلس اسڪول نصيرآباد آپا رخسانا چانڊيو هيڊ ماستر نصيرآباد فدا حسين جلباڻي، هيڊ ماستر واسو ڪلهوڙو جي مختيار احمد واهوچو هيڊ ماستر هيٽم سوهو جي بشيراحمد باداڻي، هيڊ ماسٽر موندر لاڪا جي سڪندر علي لاشاري. سپسا جو ڊويزنل جنرل سيڪريٽري پروفيسر بهرام خان ڪوڪر، سپسا جو اڳوڻو مرڪزي نائب صدر پروفيسر سلطان احمد پنهور. گسٽا تعلقا قمبر جو صدر جواد حسين سومرو، گسٽا جو سينيئر اڳواڻ مظهر علي پتو گسٽا تعلقا نصيرآباد جو سينيئر نائب صدر غلام مرتضي مغيري. گسٽا تعلقا شهدادڪوٽ جو جنرل سيڪريٽري شڪيل ستارپتي. گسٽا تعلقا نصيرآباد جو خزانچي منار علي جلباڻي. گسٽا جي سينيئر اڳوائن سندس جي ويجهن عزيزن مٽن مائٽن دوستن ڪوڙ سارن استادن شاگردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

## عام اطلاع

هر عام ۽ خاص ماڻهو اطلاع ڏجي ٿو ته نالي محمد رفيق ولد عبدالشڪور مورخه 12 فيبروري 2014 تي فوت ٿي ويو جنهن حقيقي وارث هي آهن مسمات شمير بيواهه محمد رفيق. نغين نور ڌي محمد رفيق. ثانيه نور ڌي محمد رفيق. پٽ محمد اعيان ولد محمد رفيق. لايبا نور ڌي محمد رفيق. شازيه نور ڌي محمد رفيق. نادي نور ڌي محمد رفيق .فوتي جو پلاٽ ايريا 600اسڪاير فوٽ واقعي نيو سٽي ديهه پيپي تعلقو ٽنڊوآدم ضلعو سانگهڙ ۾ آهي جيڪو ٻن گواهن هرهڪ نالي محمد انيس ولد منشي - محمد اسماعيل ولد محمد صادق ٻيئي رهندڙ نيو سٽي جوهرآباد جا آهن جنهن به شخص کي اعتراض هجي ته ڏهن ڏينهن اندر مختيارڪار ٽنڊوآدم آفيس ۾ پنهنجو اعتراض جمع ڪرائي سگهن ٿا.

بحڪم مختيارڪار تعلقو ٽنڊوآدم

## تعليمي سرٽيفڪيٽن ۾ عمرجي درستگي

جيئن ته منهنجي اسڪولي سرٽيفڪيٽن ۾ منهنجي عمر غلطي سان 10_08_2014 لکجي وئي آهي جنهن کي درست ڪري 10_08_2015 لکيو ۽ پڙهيو وڃي.

المشتهر انيتا ولد منور علي سولنگي ويڙل
شهر ملياڻي تعلقو ضلعو نوشهرو فيروز

### بقايا 01

نفاذ کي يقيني بڻائڻ ۽ ڪاروباري برداري جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ به ڳڏيل ڪاوشن جو فيصلو ڪيو آهي. بزنس فيسٽليشن اينڊ ڪو آرڊينيشن ڪميٽي جي ٽرانسپورٽ بابت سب ڪميٽي جي جو اجلاس سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ٿيو. اجلاس ۾ ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، مڪاني ادارن واري سيڪريٽري خالد حيدر شاهه، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ڪمال دايو، ٽرانس ڪراچي جي سي اي او طارق منظور چانڊيو، ڊي آءِ جي ٽريفڪ پير محمد شاهه ۽ ٻين اختيارين شرڪت ڪئي. جڏهن ته اجلاس ۾ مشهور واپاري ۽ صنعتڪار عارف حبيب، ڪاٽي جو صدر جنيد نقي، ديوان گروپ جي دانش ديوان، زبيرچايا، زبير موتي والا، جاويد بلواني ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڳالهائيندي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته حڪومت جلد ئي امپورٽرز ۽ ايڪسپورٽرز بابت مسئلا حل ڪندي، پوري صوبي ۾ غير قانوني طور تي قابض ٽرانسپورٽ ڪاٽي جون زمينون هڪ مهيني اندر خالي ڪرايون وينديون ته جيئن بس ٽرمينلز جا مسئلا حل ڪري سگهجن. هن چيو ته حڪومت جلد ئي هڪ نئين اليڪٽرڪ وهيڪل (اي وي) پاليسي متعارف ڪرائڻ واري آهن. جنهن ۾ غير ملڪي ڪمپنيون سيڙپڪاري ۾ دلچسپي رکن ٿيون. مستقبل بجلي تي هلندڙ گاڏين جو آهي. ان سلسلي ۾ اسان کان هاڻي کان ئي قدم کڻنا پوندا. سنڌ سرڪار جلد اي وي ٽيڪسي شروع ڪرڻ وڃي رهي آهي. جنهن سان نه رڳو ماڻهن کي روزگار ملي سگهندو، پر ماحوليات جو به تحفظ ٿي سگهندو. اجلاس ۾ ڳالهائيندي ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو ته رياست جي رٽ تي ڪابه سوديبازي نه ڪئي ويندي. حڪومت ٽرانسپورٽ جا قانون سختي سان لاڳو ڪرڻ کي يقيني بڻائيندي. اجلاس ۾ سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي ايم ڊي ڪمال دايو ماس ٽرانزٽ سسٽم بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ شهر ۾ ٽرانسپورٽ جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي لاءِ امڪاني قدم پيش ڪيا. اجلاس ۾ موٽر وهيڪل انسپيڪشن واري نظام ۽ انفرا اسٽرڪچر ۾ بهتري ۽ ڪاروباري ٽرانسپورٽ بابت مسئلن تي غور ويچار ڪيو ويو. اجلاس ۾ صنعتڪارن ۽ ڪاروباري شخصيتن سنڌ سرڪار جي پبلڪ پرائيوٽ پارٽنر شپ تحت جاري منصوبن جي تعريف ڪئي ۽ ٻيا منصوبا پڻ پبلڪ پرائيوٽ پارٽنر شپ تحت شروع ڪرڻ تي زور ڀريو. ڪاروباري شخصيتن جو چوڻ هو ته ٽرانسپورٽ جي شعبي کي پبلڪ پرائيوٽ پارٽنر شپ تحت هلائڻ سنڌ سرڪار جو تاريخي ۽ تحسين جوڳو ڪم آهي. سنڌ سرڪار کي مختلف شعبن ۾ وڌيڪ منصوبا پبلڪ پرائيوٽ پارٽنر شپ تحت شروع ڪرڻ گهرجن. اجلاس ۾ مشهور ڪاروباري شخصيت ۽ صنعتڪار عارف حبيب امپورٽرز ۽ ايڪسپورٽرز جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ حڪومت ۽ ڪاروباري برادري جي وچ ۾ سهڪار وڌائڻ تي زور ڀريو ۽ چيو ته امپورٽرز ۽ ايڪسپورٽرز جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ حڪومت ۽ ڪاروباري برادري ۾ مضبوط سهڪار اثر آهي. قانون جي پاسداري هر طبقي تي لازم آهي ته جيئن هڪ منصفاڻي ۽ قانون طريقي سان واپار ۽ ٽرانسپورٽ جا مسئلا حل ڪري سگهجن. اجلاس ۾ آن لائن شرڪت ڪندي مشهور واپاري زبير موتي والا تجويز ڏني ته انفرا اسٽرڪچر جي لاءِ سيس فنڊ جي استعمال جي نگراني لاءِ هڪ خاص ڪميٽي جوڙي وڃي. هن چيو ته فنڊز جي شفاف ۽ اثرائتي استعمال کي يقيني بڻائڻ لاءِ هڪ واضح طريقيڪار هجڻ گهرجي ته جيئن ٽرانسپورٽ جي سهولتن ۽ روڊن جي نظام ۾ بهتري آڻي سگهجي. ڪورنگي ايسوسي ايشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽريز جي صدر جنيد نقي چيو ته عوام ۽ ڪاروباري برادري کي ٽريفڪ ۽ ٽرانسپورٽ جي قانون بابت آگاهي ڪرڻ لاءِ شعور بيدار ڪرڻ جي مهم هلائي وڃي، بهتر آگاهي سان ٽرانسپورٽ جي نظام ۾ ڊسپلين ايندو. جنهن سان ٽريفڪ جام ۽ روڊ سيفٽي جي مسئلا گهٽجي ويندا.

### بقايا 02

۾ قلمن کي هر آهنگ ڪرڻ لاءِ معاهدو ڪري ورتو هن قلمن جو مقصد ٻنهي صوبن ۾ جوڙيل پاليسين، وسيلن، ڊيٽا شيئرنگ، ۽ ٽيڪنالاجي جي مؤثر استعمال کي هر آهنگ ڪرڻ آهي ته جيئن وڌيڪ پائيدار ۽ اثرائتي سماجي تحفظ جون اسڪيمون جوڙي سگهجن. هي معاهدو بي قومي سماجي تحفظ ڪانفرنس جي اختتامي تقريب دوران طئي ٿيو. جنهن ۾ پنجاب سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي (PSPA)جي وائيس چيئرپرسن، محترمه جهن آراءِ منظور وٽو ۽ وزير اعليٰ سنڌ جي سماجي تحفظ بابت صلاحڪار، سرفراز راڄڙ، باضابطه طور تي ليٽر آف انٽينٽ (LoI)تي صحيحون ڪيون. گڏريل ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب، پنجاب ۽ سنڌ جي وچ ۾ هن معاهدي جو بنيادي مقصد بين الصوبائي سهڪار کي وڌائڻ ۽ مستحق ماڻهن لاءِ سماجي تحفظ جي اثرائتي کي بهتر بڻائڻ آهي. هن پائيواري ذريعي، سنڌ ۽ پنجاب ۾ سماجي ڀلائي جي منصوبن کي جديد بنيادن تي آندو ويندو ته جيئن مستحق ماڻهو ڀلي کهڙي به صوبي ۾ رهندا هجن، امدادي سهولتن مان فائدو وٺي سگهن. معاهدي جي تقريب ۾ سنڌ جي منصوبابندي ۽ ترقي واري وزير، سيد ناصر حسين شاهه، ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) جي چيئرپرسن، سينيٽر روبينه خالد سميت اعليٰ سرڪاري شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي وائيس چيئرپرسن PSPA، محترمه جهن آراءِ وٽو عورتن جي معاشي شموليت، ٻارن جي تحفظ، ۽ محروم طبقن جي بهبود کي بهرين ترجيح قرار ڏنو هن چيو "سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ هي معاهدو سماجي تحفظ جي ميدان ۾ هڪ وڏي اڳڀرائي آهي. جيڪا بين الصوبائي سهڪار کي هٿي ڏيندي ۽ ڊگهي مدي وارن سڌارن جي راهه هموار ڪندي." هن وڌيڪ چيو ته، "هاڻي سڀئي صوبائي سماجي تحفظ جا نظام ڊجيٽل طور تي هڪ ٻئي سان جڙيل ٿي سگهندا، جنهن جو فائدو اهو ٿيندو ته مستحق ماڻهو ڪنهن به صوبي ۾ رهندي ۾ سهولتن مان فائدو وٺي سگهندا. سنڌ جي منصوبابندي ۽ ترقي واري وزير، سيد ناصر حسين شاهه، چيو ته سماجي تحفظ جي نظام کي وڌيڪ مضبوط ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ بين الصوبائي پائيواري ضروري آهي. هي هڪ مثبت اڳڀرائي آهي. جيڪا مختلف صوبن ۾ هر آهنگي کي وڌائيندي ۽ سماجي تحفظ جي نظام کي وڌيڪ مستحڪم بڻائيندي." هن چيو BISPجي چيئرپرسن، سينيٽر روبينه خالد، هن فورم کي پاڪستان ۾ سماجي تحفظ جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ اهم ذريعو قرار ڏنو هن چيو ته صوبن جي وچ ۾ تجربن جي ڏي وٺ سان فلاح جي پاليسين کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو. هن قدم سان صوبن جي وچ ۾ سهڪار ۽ پائيواري کي هٿي ملندي، جنهن سان فلاح جا منصوبا وڌيڪ شفاف ۽ فائديمند ٿيندا. تقريب کي خطاب ڪندي، سنڌ جي وزير اعليٰ جي سماجي تحفظ بابت صلاحڪار، سرفراز راڄڙ، چيو ته سنڌ حڪومت هڪ اهڙو ماڊل تيار ڪري رهي آهي، جنهن ذريعي مستحق ماڻهو پوري ملڪ ۾ بغير ڪنهن رڪاوٽ جي سماجي تحفظ جون سهولتون حاصل ڪري سگهن. هي معاهدو سنڌ حڪومت جي بين الصوبائي سهڪار ذريعي هڪ مؤثر ۽ هر آهنگ سماجي تحفظ واري نظام جي قيام جي عزم جي عڪاسي ڪري ٿو.

### بقايا 03

هفتو اڳ حملي ۾ زخمي ٿيل 30 سالا نوجوان گلشير ولد ميان داد گولاٽو زخمن جا سور نه سهندي لاڙڪاڻي جي نجي اسپتال ۾ فوت فوتي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو علائقي ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانيل آهي ياد رهي ته ڪجھ سال اڳ گولاٽا برادري جي ٻن ڌرين ۾ سنگاوتي معاملي تان جهيڙو ٿيو هو جنهن ۾ ٻي ڌر جو هڪ ڄڻو قتل ٿي ويو هو جنهن جي پلاند ۾ نوجوان گلشير گولاٽو کي قتل ڪيو ويو آهي هن وقت ٻنهي ڌرين جا 2 ماڻهو قتل ٿي چڪا آهن ٻئي ڌريون مورچا بند ٿي ويون آهن ڪنهن به وقت خونريزي وڌڻ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي

### بقايا 04

ڦورو شهر ۽ ڀرپاسي ۾ 15 ڏينهن اندر ڌهرواه پل تان عبدالغني ڌهر کان هٿيارن جي زور تي ون ٽو فائيو موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ سميت انيل ڪمار عبدالحليم مغل نعيم آرائين واجد علي پتونظير احمد راڄڙ ريحان ميراڻي سميت20 کان مٿي ڳوٺاڻن ۽ شهرين جون موٽر سائيڪلون چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن جڏهن ته شهر ۽ ڀرپاسي ۾ چوري ۽ ڦرلٽ جو وارداتون وڌڻ باوجود ڌهرڪي پوليس اگهور ننڊ ستل آهي جنهن بعد شهر ۾ وڌندڙ بدامني تي شهرين جي شڪايتن تي ايس ايس پي گهوٽڪي عبدالسميع سومرو شهر ۾ وڌندڙ بدامني جو نوٽس وٺندي ايس ايڇ او ڌهرڪي سيد قلب عباس شاهه کي هٽائي سندس جاءِ تي عبدالمجيد ستايو نئون ايس ايڇ او ڌهرڪي مقرر ڪري ڇڏيو آهي

### بقايا 05

ڪيس داخل جوابدار گرفتار، ڳوٺ چتل راڄپر جي رهواسڻ 12 سالا نيگري آمنه ٻڌايو ته مان 6 ڪلاس جي شاگردياڻي آهيان ڳوٺ اٽل پوهيو جي اسڪول ۾ پڙهڻ وئي هيس اسڪول مان واپس ڳوٺ اچي رهي هيس ته اڌ واٽ تي جوابدار صدام ڪوسو بيٺو هيو جيڪو مون کي زبردستي سرنهن جي فصل ۾ وٺي ويو جتي هن مون سان زبردستي زيادتي جو نشانو بڻايو. اهڙي واقعي جو ڪيس نوشهرو فيروز ٿاڻي تي داخل ڪرايو آهي نوشهرو فيروز ٿاڻي تي موجود جاچ آفيسر اياز قريشي ٻڌايو نيگري جو والد فريادي آهي ان جي چوڻ مطابق ڪيس داخل ڪيو آهي پوليس پنهنجي جاچ ڪري پئي نيگري آمنه رند جو ميڊيڪل ڪرائڻ سان گڏ جوابدار صدام ڪوسو جو به ميڊيڪل ڪرايو ويو آهي رپورٽ اچڻ بعد ئي بيان ڏئي سگهجي ٿو

### بقايا 06

ڪيس داخل آڪس ۽ ٻي منشيات هٿ ايس ايس پي جامشورو ظفر صديق ڇانگا جي خاص هدايتن تي ڊي ايس پي ڪوٽڙي شاهنواز جوکيو انسپيڪٽر ممتاز ٽيبو، مظهر نائچ ۽ اياز ابڙو جي اڳواڻي ۾ ڪوٽڙي ۽ سائيٽ پوليس منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪندي شهر جي مختلف علائقن ۾ ڇاپا هڻي پنجن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو جن ۾ نازبيبي، مهتاب ٽالپر، نظير ٻير، سڪندر عرف ڪالي شورو نديم پنهور شامل آهن جن وٽان آڪس ۽ ٻي منشيات هٿ ڪري جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ان سلسلي ۾ ايس ايس پي جامشورو ظفر صديق ڇانگا جو چوڻ هو ته منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو آهي هڪ عورت سميت پنجن ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو منشيات جي خاتمي تائين ڪارروائين جو سلسلو جاري رهندو...

### بقايا 07

محاذ (جسمم) جي سڏ تي گڏريل ڏينهن مورو بائي پاس روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو پوليس ڪارڪنن تي لٺبازي ڪندي فائرنگ ڪرڻ بعد ڪارڪنن کي گرفتار ڪري رات دير سان گرفتار 83 قومي ڪارڪنن تي دهشتگردي 6/7 اي ٽي اي ديوٽي انڪاءِ سميت مختلف قلم هڻي سرڪار مديت ۾ مورو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ علي راز ش جاويد علي ش محمد سليم ش علي محمد ش عبدالڪريم ش عبدالخالق ش طارق حسين ش ابوبڪر ش، شاهد حسين ش علي جان ش محرم ماڇي، حسنين علي ڏيرو، عبدالله ش علي حسن ش سڌير مڱڻهار علي وفا ش سهيل ش آڪاش جهتيال، ڪامران ميراڻي، بلاول ٻلهوڙو، نذير ڪانڌڙو، بهاول چانگ، ذيشان چانگ، حبيب ش آفتاب عرف آفي چاچڙ، اسدالله ش عبدالرشيد ڪلهوڙو، عبدالواحد عمراڻي، امتياز ش ماجد جوکيو، عمران ش قربان اوٺو، بلاول ڪلهوڙو، يار محمد جوکيو، شاڪر ش قادر بخش ش علي ش شاهزيب وڳڻ، نذير لغاري، امجد وڳڻ، احمد خان لغاري، نعمت الله لغاري، اظهر حسين لغاري، سجاد علي لغاري، محمد علي لاکير نياز علي ڪلهوڙو، مدد علي ڪولاچي، مير مرتضيٰ ڪولاچي، عطا محمد راڄپر جميل احمد راڄپر، حسنين، ڪامران پتي، اسرار علي، شاهد علي ڪلهوڙو، سرواڻ پتي، عزيز جتوئي، نعمت الله چنو وڪيل سولنگي، ڪامران چاچڙ، وسيم جتوئي، راڻو جتوئي، ذوهيب جتوئي، عاشقن لاکو، محمد عرفان مگسي، پسند علي مري، احسان اوٺو، گلشير ڪوڪر عرفان ڪوسو علي اصغر ڪوسو.. عبدالوهاب ڪوسو سعيد علي جتوئي، طارق لانگاهه گلاب چانڊيو الطاف جوڻو ذيشان علي منگي، وسيم عباس منگي، ظهير يان، دريا خان، روحل لغاري، طحه شر ۽ مهراڻ ميراڻي شامل آهن انهن جوابدارن کي پوليس نوشهرو فيروز جي دهشتگري ڪورٽ عدالت ۾ پيش ڪيو ۽ عدالت سڳوري کان جوابدارن جي رمانڊ جي استدعا ڪئي عدالت استدعا رد ڪندي ڪارڪنن کي هڪ ڏينهن لاءِ جيل حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته قومي ڪارڪنن جي گرفتاري خلاف نوشهرو فيروز بار ۽ مورو بار پاران وڪيل برادري احتجاج ڪيو عدالت ۾ ڪيس جي پيروي ايڊووڪيٽ امر امتياز ميمڻ، عبدالستار لهراڻي، عامر بروهي، اختر پريجو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا جڏهن ته جيئي سنڌ تحريڪ جي صدر سورهيه سنڌي، سنڌي ابي سنگت جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل تاج جويو نوشهرو فيروز پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته نوشهرو فيروز پوليس پرامن قومي ڪارڪنن تي تشدد ڪري ڪيس داخل ڪيو آهي اسان ڪنهن به صورت ۾ ڪارڪنن کي اڪيلو نه ڇڏينداسين

### بقايا 08

سوشل ڊيولپمنٽ ڪاميٽي گهوٽڪي جي چيئرمين عبدالباري خان پتافي چيو آهي ته ضلعي ۾ عوامي مفادن وتان ترقياتي اسڪيمون منظور ڪيون وينديون. سنڌ حڪومت جي هدايتن مطابق ڪوشش ڪريون پيا ته عوام کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪريون. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڊي سي آفيس جي ڪاميٽي هال ۾ پيٽروليم سوشل ڊيولپمنٽ ڪاميٽي جي گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو گڏجاڻي ۾ صوبائي وزير زراعت، اينٽي ڪرپشن ۽ اسپورٽس سردار محمد بخش خان مهر ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر سيد محمد علي سميت ورڪس اينڊ سروسز پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، هيلٿ، ايجوڪيشن ورڪس، هائي ويز ۽ بلڊنگ کاتي ۽ ماڙي پيٽروليم ڪمپني جي عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي عبدالباري خان پتافي صوبائي وزير زراعت جو گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت هي هدايتن مطابق پيٽروليم سوشل ڊيولپمنٽ ڪاميٽي عوام جي ڀلائي لاءِ ترقياتي اسڪيمون منظور ڪندي جڏهن ته جن اسڪيمن جو ڪم رهيل آهي اهو مڪمل ڪيو ويندو. هن چيو ته آر او پلانٽ پبلڪ هيلٿ، لوڪل ڪائونسلن ۽ ماڙي پيٽروليم ڪمپني حوالي ڪيا ويندا ته جيئن سمورا آر او پلانٽ فعال ٿي سگهن ۽ عوام کي لاڀ ملي سگهي. هن چيو ته مستقبل ۾ عوامي مفادن وتان ترقياتي اسڪيمون منظور ڪيون وينديون ان سلسلي ۾ سمورن اسٽيڪ هولڊرن توڙي ادارن کان تجويزون وٺي ڪن ڪيو ويندو ته جيئن ڪا به اسڪيم بي لاڀ ثابت نه ٿئي. هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته ڪاميٽي پاران صحت کاتي کي جيڪي ايمبولينسون ۽ مشينري فراهم ڪئي آهي انهن کي استعمال ۾ آندو وڃي. جن اسپتالن ۾ ضرورت آهي اتي سهولتون فراهم ڪيون وڃن خاص طور تي دل جي مريضن کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ان سلسلي ۾ جامع پاليسي تيار ڪئي وڃي ته جيئن وڌ کان وڌ عوام کي سهولتون ملي سگهن. ان موقعي تي هن سمورن انجنيئرن کي هدايت ڪئي ته ترقياتي اسڪيمن جي ڪم جي معيار کي بهتر کان بهتر ڪيو وڃي ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي.

### بقايا 09

سوشل ڊيولپمنٽ ڪاميٽي گهوٽڪي جي چيئرمين عبدالباري خان پتافي چيو آهي ته ضلعي ۾ عوامي مفادن وتان ترقياتي اسڪيمون منظور ڪيون وينديون. سنڌ حڪومت جي هدايتن مطابق ڪوشش ڪريون پيا ته عوام کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪريون. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڊي سي آفيس جي ڪاميٽي هال ۾ پيٽروليم سوشل ڊيولپمنٽ ڪاميٽي جي گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو گڏجاڻي ۾ صوبائي وزير زراعت، اينٽي ڪرپشن ۽ اسپورٽس سردار محمد بخش خان مهر ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر سيد محمد علي سميت ورڪس اينڊ سروسز پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، هيلٿ، ايجوڪيشن ورڪس، هائي ويز ۽ بلڊنگ کاتي ۽ ماڙي پيٽروليم ڪمپني جي عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي عبدالباري خان پتافي صوبائي وزير زراعت جو گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت هي هدايتن مطابق پيٽروليم سوشل ڊيولپمنٽ ڪاميٽي عوام جي ڀلائي لاءِ ترقياتي اسڪيمون منظور ڪندي جڏهن ته جن اسڪيمن جو ڪم رهيل آهي اهو مڪمل ڪيو ويندو. هن چيو ته آر او پلانٽ پبلڪ هيلٿ، لوڪل ڪائونسلن ۽ ماڙي پيٽروليم ڪمپني حوالي ڪيا ويندا ته جيئن سمورا آر او پلانٽ فعال ٿي سگهن ۽ عوام کي لاڀ ملي سگهي. هن چيو ته مستقبل ۾ عوامي مفادن وتان ترقياتي اسڪيمون منظور ڪيون وينديون ان سلسلي ۾ سمورن اسٽيڪ هولڊرن توڙي ادارن کان تجويزون وٺي ڪن ڪيو ويندو ته جيئن ڪا به اسڪيم بي لاڀ ثابت نه ٿئي. هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته ڪاميٽي پاران صحت کاتي کي جيڪي ايمبولينسون ۽ مشينري فراهم ڪئي آهي انهن کي استعمال ۾ آندو وڃي. جن اسپتالن ۾ ضرورت آهي اتي سهولتون فراهم ڪيون وڃن خاص طور تي دل جي مريضن کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ان سلسلي ۾ جامع پاليسي تيار ڪئي وڃي ته جيئن وڌ کان وڌ عوام کي سهولتون ملي سگهن. ان موقعي تي هن سمورن انجنيئرن کي هدايت ڪئي ته ترقياتي اسڪيمن جي ڪم جي معيار کي بهتر کان بهتر ڪيو وڃي ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي.

### بقايا 10

ڪاروائي جو بائيڪاٽ ڪيو ويو، ميهڙ بار جي صدر اصغر پتوجو ايڊووڪيٽ ، منور جتوئي ايڊووڪيٽ ، رياض ڏيرو ايڊووڪيٽ، نجيب مهيسر ايڊووڪيٽ، سعيد پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو.

### بقايا 11

۾ ليڪيجز جي مرمت جو ڪم مڪمل ڪري شهر ۾ پاڻي جي فراهمي شروع ڪري ڇڏي ماروڙا ڳوٺ ڪرن اسپتال الازهر گارڊن سپارڪو پراڻي سبزي منڊي ڪشمير روڊ ۽ پيلي ڪوٺي لياقت آباد ۾ ليڪيجز جو ڪم مڪمل ڪيو ويو آهي سائڻ 19 جي ڀرين فيز جي ليڪيجز جي مرمت پراڻي سبزي منڊي يونيورسٽي روڊ تي 54 انچ قطر جي لائين جي ليڪيجز جي مرمت ۽ پراڻي سبزي منڊي کان لياقت آباد تائين 48 انچ قطر جي لائين تي ليڪيجز جي مرمت سميت لياري ندي ۾ ايف تي ايم لائين ۾ انسپيڪشن تي نصب ڪئي وئي آهي هن چيو ته ليڪيجز جي ڪري مختلف علائقن ۾ پاڻي جي کوٽ جون شڪايتون ملي رهيون هيون جنهن جو خاتمو ڪيو ويو آهي جڏهن ته ليڪيجز جي خاتمي سان لياري صدر اولڊ سٽي ايريا ڪلفٽن جنيسر ٽائون جناح ٽائون ناظم آباد نارٿ ناظم آباد ۽ سينٽرل ضلعي ۾ پاڻي جي فراهمي ۾ بهتري ايندي

### بقايا 12

چانڊيو جيڪو گڏريل رات شهر جي چانڊيا نگر پاڙي ۾ بجليءَ جي پول تي ڪم ڪندي مبينا طور بيلٽ ٽٽڻ سبب هيٺ ڪرڻ بعد سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳنڀير حالت ۾ ڪراچي جي اسپتال ۾ داخل ڪيو جتي علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. فوتي پوئينرن ۾ به نياڻيون هڪ بيواهه سوگوار ڇڏيا آهن ڪيس سوين آڪين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

### بقايا 13

حيدربخش بروهي سڃرن سان ڀريل تيز رفتار ٽريڪٽر هيٺيان اچي جيپاڻجي فوت ٿي ويو. اطلاع تي پوليس پهچي ٽريڪٽر تحويل ۾ وٺي ڊرائيور کي گرفتار ڪرڻ بعد نينگر جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ چانڊڪا اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو. اهڙي واقعي خلاف فوت ٿي ويل نينگر جي وارثن ميروخان روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جتي هنن سخت نعربازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي فوتي نينگر جي چاچي محمد پناهه پنهنجي وارثن ڪريم بخش بروهي، ظهير بروهي، محمد آصف بروهي ۽ ٻين سان گڏجي ڳالهائيندي چيو ته ميروخان روڊ تي گڏريل ڪيتري ئي عرصي کان وٺي سڃرن توڙي مٽي کڻندڙ ٽريڪٽرن جا ڊرائيور تيز رفتار سان گذرن پيا جنهن ڪري ڪيترن ئي حادثن ۾ ڪيترائي ٻار فوت ٿي چڪا آهن ۽ مختلف وقتن تي ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا آهن. اڄ سڃرن سان ڀريل ٽريڪٽرن جا ڊرائيور تيز رفتاري سان ٽريڪٽر هلائي رهيا هئا جن مان هڪ ٽريڪٽر جي ٽڪر ۾ ڀائيٽو احمد رضا بروهي ٽريڪٽر هيٺيان اچي جيپاڻجي فوت ٿي ويو جنهن کان پوءِ اسان ڊرائيور ظهير شيخ کي پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو پر پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪرڻ بجاءِ اسان کي ڌمڪيون ڏئي رهي آهي جيڪا وڏي زيادتي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته ڊرائيور مٿان ڀائيٽي جو قتل ڪيس داخل ڪري تيز رفتاري ۾ ملوث ٽريڪٽر ڊرائيورن خلاف ڪاروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

### بقايا 14

وفاقي ۽ صوبائي سطح تي متعارف ڪرائڻ لاءِ سافٽ ويئر جي ٽريننگ جي حوالي سان AGسنڌ آفيس ڪراچي ۾ "پراجيڪٽ سهل" جي سرپرستي هيٺ، 20 فيبروري کان 28 فيبروري 2025 تائين، ورڪشاپ جاري آهي. هن نئين سافٽ ويئر تحت، تعليم، صحت، پوليس، سرڪاري سيڪريٽريٽ وغيره سميت سڀني وڏن کاتن جي ڊرائنگ ۽ ڊسبرسنگ آفيسرز (ڊي ڊي اوز) لاءِ آن لائن سهولت فراهم ڪئي وئي آهي. جنهن جي ذريعي ( ڊي ڊي اوز) هاڻي ڪٿي به هجن اي جي سنڌ آفيس اچڻ جي بغير پنهنجو ڪنٽيجنسي بل، جيڪو TR_30فارم ذريعي قابل قبول ٿيندو آهي AGآفيس ۾ نه صرف پروسيسنگ ڪرائي سگهن ٿا بلڪه ان جو موجوده اسٽيٽس پڻ چيڪ ڪري سگهن ٿا. هن سافٽ ويئر جي ٽريننگ AGسنڌ آفيس ڪراچي ۾ پروجيڪٽ سهل جي انتظام هيٺ تاريخ 20 فيبروري کان 28 فيبروري تائين جاري رهندي. جنهن ۾ محسن علي (ايڊيشنل اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ)، طيب علي غوري (اي او اڪائونٽس)، عامر رسول (ٽيم ليڊر سهل پروجيڪٽ) ۽ تشفين (ڪنسلٽنٽ سهل پروجيڪٽ) آگاهي فراهم ڪري رهيا آهن هن تربيت جي مدد سان، سڀني ڊي ڊي اوز کي نه صرف هن سافٽ ويئر جي استعمال بابت آگاهي ڏني پئي وڃي، پر اڳتي تي جي جديد گهرجن جي تحت سيڪيورٽي کي ذهن ۾ رکندي عام آگاهي تي پڻ زور ڏنو پيو وڃي. هن سموري عمل دوران، پيپرليس انوائرونمينٽ کي بهتر طريقي سان فروغ ڏئي سگهجي ٿو.

### بقايا 15

ٽڪر هڻي چيپاٽي ماري ڇڏيو، ٽرڪ ڊرائيور فرار، مچريل ماڻهن جو ٽرڪ تي پٿراءُ ، گاڏي جا شيشا ٽوڙي ڇڏيا خبر موجب ميهڙ ۾ انڊس هاءِ وي تي ڊگري ڪاليج وٽ روڊ ڪراس ڪندڙ 7 ورهين جي نينگر شاهزيب ڪوسو کي تيز رفتار ٽرڪ ٽڪر هڻي چيپاٽي ماري ڇڏيو، ٽرڪ ڊرائيور موقعي تي فرار ٿي ويو، مچريل ماڻهن ٽرڪ تي پٿراءُ ڪري گاڏي جا شيشا ٽوڙي ڇڏيا .7 ورهين جي نينگر شاهزيب ڪوسو جو لاش ڳوٺ وليو ڪوسو ۾ گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

### بقايا 16

ڪئنال کڻڻ واري عمل خلاف احتجاج ڪندڙن ڪارڪنن مٿان پوليس تشدد ڪيس داخل ڪري ڪين گرفتار ڪرڻ خلاف جسقم شهيد بشيرخان تعلقا قاضي احمد پاران نازمحل هوٽل کان تعلقا پريس ڪلب قاضي احمد تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري سخت نعربازي ڪئي وئي. ان موقعي تي جام سجاد انڙ فقير ساڄن ڪنير نجف ٻالادي، عاجز جتوئي، ياسين ڪوسو صدام انڙ مهتاب لاکو ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته 6 ڏينهن اڳ رياست پاران بناجواز قومي ڪارڪن ايڊووڪيٽ عامر عمراڻي کي ڪنهي گم ڪري ڇڏيو آهي جنهن کي اڃا تائين ظاهر نه ڪيو ويو آهي. هنن چيو ته گڏريل ڏينهن مورو ۾ سنتو مان غيرقانوني ڪئنال ڪڍڻ واري عمل خلاف قومي ڪارڪنن پاران ڪيل احتجاج مٿان پوليس تشدد ڪري ڪارڪنن کي گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا.هنن مطالبو ڪيو ته عامر عمراڻي سميت ڪنهي گم ڪيل ۽ گرفتار ڪيل سمورن ڪارڪنن کي آزاد ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

### بقايا 17

ايف يوجي تي ڏينهن تائين جاري بي ڊي ايم ميٽنگ ڪانپوءِ ميٽنگ جو ڊيڪليريشن جاري ڪيو ويو آهي. سينيئر صحافي مظهر عباس، سليم شهزاد ۽ آصف بشير چوڌري تي ٻڌل ڪميٽي پي ايف يوجي ايف اي سي جي منظوري سان تيار ڪيل ڊيڪليريشن جاري ڪئي آهي.جاري ڊڪليريشن ۾ پي ايف يوجي پيڪا ترميمي بل 2025 سميت سمورن ڪارن قانونن کي رد ڪندي اعلان ۾ چيو ويو آهي ته عدليه ۽ ميڊيا کي ڪنٽرول ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن جيڪو جمهوريت تي سواليه نشان بڻيل آهي. آزاد صحافت تي پابندين جي ڪري ڪجھ ميڊيا هائوسز بند ٿيڻ جي ڪناري تي پهچي ويا آهن. حڪومت اشتهارن کي هٿيار طور استعمال ڪري رهي آهي. آزاد صحافت تي حملا ناقابل قبول آهن. صحافي ٽن محاذن تي وڙهندا رهيا آهن جن ۾ رياست، غير رياستي عنصر ۽ ميڊيا جا مالڪ شامل آهن. پي ايف يوجي پيڪا ايڪٽ ۽ ٻين ڪارن قانونن کي ڊريڪونين لا سمجهي ٿو. صحافين جي تحفظ ۽ حقن لاءِ احتجاجي حڪمت عملي کي حتمي شڪل ڏيندي صحافت جي آزادي جي دفاع لاءِ عالمي سطح تي قانوني جنگ وڙهڻ جو فيصلو ڪندي ميڊيا ڪوڊ آف ڪنڊيڪٽ لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي.

### بقايا 18

ڪميٽين کي فعال ڪري مهانگائي کي گهٽايو وڃي، سحري توڙي افطار ۾ بجلي ۽ گيس جي لوڊشيڊنگ ختم ڪئي وڃي ۽ شهرن کي بلڌرين ٽريفڪ جام کان نجات ڏني وڃي. جامع حفصه ام حسان جي پرنسپال ۽ طالبات جي بلاجواز گرفتاري قابل مذمت، اسلام آباد جي پرامن ماحول کي خراب ڪرڻ جي بجاءِ مدارس کي تحفظ ڏنو وڃي. سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ جي خاتمي ۽ قوم جي ڌيءُ ڊاڪٽر عافيه صديقي جي رهائي لاءِ حڪومت پاڪستان عملي قدم کڻي. اهڙي گهر ملي يڪجهتي ڪائونسل سنڌ جي اجلاس ۾ ڪئي وئي، جيڪو مرڪزي مسلم ليگ هائوس ۾ صوبائي صدر ۽ اڳوڻي ايم اين اي اسدالله ڀٽو جي صدارت ۾ منعقد ٿيو. اسدالله ڀٽو وڌيڪ چيو ته ملي يڪجهتي ڪائونسل جي پليٽ فارم ملڪ ۾ اتحاد امت کي فروغ ڏيڻ ۽ طاغوت جي سازش کي ناڪام بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي. ديني جماعتن ۽ قائدين جي ڀرين ذميواري آهي ته ملڪ ۾ مذهبي هم آهنگي، وحدت ۽ اتحاد کي فروغ آهي. سياسي شدت ۽ انتهاپسندي جي مقابلي ۾ مذهبي محاذ تي برداشت ۽ ملڪ و ملت جي ترقي لاءِ قوم ۾ مثبت تعميري ڪردار ادا ڪرڻ ديني فريضو آهي. بزرگن جي مشن کي اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي. ڀلاري مهيني ۾ افطار اجتماعات سميت رمضان جي پروگرامن کي اتحاد امت سان ڳنڍڻ گهرجي. هن چيو ته غزه جي مظلوم مسلمانن ۽ حماس جي مجاهدن آمريڪا ۽ اسرائيل جي غرور کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو آهي. هي خوش آئند ڳالهه آهي ته نه صرف پاڪستان جو عوام، پر سڄي دنيا جا انسان غزه جي مسلمانن سان بيٺا آهن. پر مسلم دنيا جا به حس حڪمران خاموش تماشائي بڻيل آهن. اجلاس کان پوءِ ميڊيا کي بريفنگ ڏيندي اسدالله ڀٽو چيو ته ان وقت فلسطين جو مسئلو نه صرف اهم آهي، پر حساس به آهي. فلسطين ۾ جاري ظلم جي باوجود عالمي برادري طرفان ڪو خاص ڌيان نٿو ڏنو وڃي. اسان مطالبو ڪريون ٿا ته رمضان دوران مسجد اقصيٰ ۾ عبادت جي اجازت ڏني وڃي ۽ اسرائيلي مظالم جي باوجود غزه ۾ مزاحمتي قوت کي ختم نٿو ڪري سگهجي. هن حڪومت پاڪستان کان مطالبو ڪيو ته فلسطين کي پنهنجي خارج پاليسي جو حصو بڻايو وڃي.

### بقايا 19

تي تجويز ڪيو ويو هو هن چيو ته ان قانون جي ابتدائي صورت ۾ هڪ سوشل ميڊيا پوسٽ تي 30 سال قيد جي سزا به شامل هئي، پر پيپلز پارٽي ان قانون جي ترميمي مرحلي ۾ شامل رهي ۽ اهم ترميمون ڪرايون. بلاول ڀٽو وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي 26 هين آئيني ترميم جي منظوري سان جمهوريت کي ڪمزور نه ڪيو پر حقيقت اها آهي ته پاڪستان ۾ جمهوريت اڃ ٿي مستحڪم ناهي. سندس چوڻ هو ته پاڪستان اهو اڪيلو ملڪ ناهي، جيڪو جمهوريت جي عدم استحڪام کي منهن ڏئي رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي 26 هين آئيني ترميم جي منظوري ۾ هاڪاري ڪردار ادا ڪيو پر اها ترميم اصل شڪل نه هڪ ڪمپرومائزڊ شڪل ۾ منظور ٿي آهي

### بقايا 20

ميڊيا پليٽ فارم "ٽرٿ سوشل" تي شيئر ڪئي وئي، جنهن ۾ موجوده غزه کي هڪ نئين شڪل ۾ ڏيکاريو ويو آهي. وڊيو ۾ غار مان ٻارن کي نڪرندي ۽ غزه جي سمنڊ ڪناري ڏانهن ويندي ڏيکاريو ويو آهي. جتي ٽرمپ کي اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو سان گڏ تفريح ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. وڊيو ۾ غزه ۾ ٽرمپ جو هڪ وڏو مجسمو لڳل ڏيکاريو ويو آهي. جڏهن ته مختلف هنڌن جا نالا به ٽرمپ سان منسوب ڪري پيش ڪيا ويا آهن ان ڪانسواءِ وڊيو ۾ ٽيسلا جي سربراهه ۽ ٽرمپ حڪومت ۾ ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ واري کاتي جي سربراهه ايلون مسڪ کي به ڪجھ کائيندي ڏيکاريو ويو آهي. وڊيو جي آخري حصي ۾ غزه جي ساحل تي آمريڪي ڊالرن جي برسات پڻ ڏيکاري وئي آهي. جيڪا وڊيو جي تڪراري هجڻ جو بنيادي سبب بڻجي رهي آهي. هن وڊيو تي سوشل ميڊيا تي سخت ردعمل سامهون آيو آهي ۽ ڪيترن ئي ماڻهن ان کي غيرذميوارانو ۽ حساس معاملي تي غيرسنجيدگي قرار ڏنو آهي.

### بقايا 21

کان تنگ ٿي بدائي واسي هندو خاندان بابو لعل لوڪ لاڙيندي جنم ڀومي کي ڇڏي انڊيا روانو ٿي ويو بابو لعل لوڪ لاڙيندي چيو ته سنڌ ڌرتيءَ کي ڇڏيندي دل نٿي چئي پر چاڪجي حالاتن جنم ڀومي ڇڏڻ تي مجبور ڪيو آهي، ڌاڙيلن راڄ کان تنگ ٿي لڏپلاڻ ڪري رهيا آهيون سنڌ سرڪار تحفظ نه ڏئي سگهي

### بقايا 22

روڪي، چو ته افغانستان ۾ امن ۽ استحڪام خطي جي مفاد ۾ آهي. ازبڪستان ۾ مفاهمتي يادداشتن تي صحيح جي تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ٻنهي ملڪن جي خوشحالي ۽ ترقي اسان جو گڏيل عزم آهي، پنهنجي ٽيم سان گڏ ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي نين بلندين تائين وٺي وينداسين. هن چيو ته پاڪستان جي معاشي ترقي لاءِ پرعزم آهيان، هڪ سال ۾ ملڪي معيشت کي پنهنجي پيرن تي بيهاريو، پاليسي ريٽ ۾ گهٽتائي سان سيڙپڪارن جو اعتماد وڌيو آهي، اوسر جي شرح واڌ ٿي رهي آهي. سندس چوڻ هو ته ريلوي ذريعي واپار اهميت رکي ٿو، اقتصادي زون ۾ سيڙپڪاري کي ممڪن بڻائينداسين، سياحت جي شعبي ۾ به گڏجي ڪم ڪنداسين، ازبڪستان کي ڪراچي ۽ لاهور سان جوڙينداسين. وزيراعظم چيو ته علائقائي امن ۽ استحڪام اسان سڀني جي مفاد ۾ آهي، افغان عبوري حڪومت پنهنجي سرزمين پاڪستان خلاف استعمال ٿيڻ کان روڪي، افغانستان ۾ امن ۽ استحڪام خطي جي مفاد ۾ آهي.

### بقايا 23

اعلان ڪري ڇڏيو پاور ڊويزن موجب، 300 يونٽ تائين بجلي استعمال ڪندڙ واهپيدارن ۽ زرعي ٽيوب ويلز لاءِ ماهوار فيول ايڊجسٽمينٽ مد ۾ رعايت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. واضح رهي ته جون 2015 کان 300 يونٽ تائين بجلي واهپيدارن لاءِ فيول ايڊجسٽمينٽ ۾ رعايت روڪي وئي هئي، جڏهن ته زرعي ٽيوب ويلز لاءِ اها رعايت ڊسمبر 2010 ۾ ختم ڪئي وئي هئي. پاور ڊويزن جو چوڻ آهي ته نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) کي ٻنهي درجن جي واهپيدارن لاءِ فيول ايڊجسٽمينٽ ۾ لاٽ جو فائدو ڏيڻ بابت خط موڪليو ويو آهي. انهيءَ فيصلي سان زرعي ٽيوب ويل مالڪن ۽ 300 يونٽ تائين بجلي استعمال ڪندڙ واهپيدارن جي ماهوار بلن ۾ وڌيڪ گهٽتائي ايندي.

### بقايا 24

آهي. پيپلز پارٽي پنجاب جي پارليامانيءَ وفد ۽ تنظيمي اڳواڻن گورنر هائوس لاهور ۾ صدر سان ملاقات ڪئي، جنهن ۾ گورنر پنجاب سردار سليم حيدر، پارلياماني ليڊر سيد علي حيدر گيلاني، اڳوڻو گورنر مخدوم احمد محمود، ايم پي اي ممتاز علي چانگ، مڪ واصف مظهر راڻ، چام رئيس نبيل ۽ ٻيا شامل هئا. ذريعن موجب، پارٽي اڳواڻن آصف زرداري جي آڏو شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا، جن ۾ انتظامي معاملن ۾ نظرانداز ٿيڻ ۽ ترقياتي فنڊن جي ورچ بابت خدشا شامل هئا. جڏهن ته اڳواڻن پنهنجي تڪن جي مسئلن بابت پڻ آگاهه ڪيو صدر آصف زرداري خاطري ڪرائيندي چيو ته پنجاب اسيمبلي جي ميمبرن جي مسئلن بابت وزيراعظم سان ڳالهائيندو. هن اڳواڻن کي ايندڙ بجيٽ اچڻ تائين مسئلن جي حل جو انتظار ڪرڻ جو مشورو ڏنو هن اعتراف ڪيو ته اتحادي حڪومت سان گڏ هلڻ سنڌن مجبوري آهي ۽ معاهدي تي مڪمل عملدرآمد ناهي ٿي رهيو.

### بقايا 25

جي نالي ۾ سنڌ کي بنجر بڻائڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ ساڪرو کان نڪتل پيادل مارچ ٻئي ڏينهن ليٽ اسٽاپ شروع ٿيو رات ٽهيرڻ اسٽاپ تي ترسندو، پيادل مارچ جو قافلو گهارو گولائي ۽ گهارو شهر پهتو جتي قومي عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن شهرين واپارين سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن پيادل مارچ جي پانڌيڙن جو گلن جي ورکا سان شاندار استقبال ڪيو جن ۾ جسقم جساف، پي ٽي آئي، شاهين يوٿ ۽ شهرين استقبال ڪيو اڳواڻن اشرف پليجو، ياسر پليجو، ممتاز شيخ ، حبيب الله پليجو، غفور سومرو، اياز شاهه جيلاني ، غني مالهيو، وحيد رند، مرطضي لاشاري، سيد مظفر شاهه ۽ ٻين مين بس اسٽاپ تي تقريرون ڪيون اڳواڻن چيو ته سنڌو درياهه تي جيڪي 6 ڪئنال نهي ويا ته سنڌ ۾ زراعت ختم ٿي ويندي، درياهه ۾ مڇي جو نسل ختم ٿي ويندو ۽ ٻيلا ختم ٿي ويندا ماحوليات تي خرابي ٿيندي ۽ سمنڊ ضلعي ٺٽي طرف وڌندو رهندو سمنڊ اسانجي سنڌ کي کائي ويندو مارچ گهارو کان بعد ۾ پيادل مارچ ٺٽي طرف روانو ٿي ويو جيڪو 28 فيبروري تي ٺٽي پهچندو جنهن ۾ قومي قومي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو خطاب ڪندو

### بقايا 26

اڪنامڪ زون ۾ صنعتون لڳائڻ جي آڇ ڪئي آهي. هن اها ڳالهه اڄ وزيراعليٰ هائوس ۾ عوامي جمهوريا ڪوريا جي سفير مسٽر پارڪ ڪجن سان ملاقات دوران ڪئي. ملاقات دوران ٻه طرفي لاڳاپن، واپاري رابطن ۽ سيڙپڪاري جا موقعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ سنڌ ۽ ڏکڻ ڪوريا جي وچ ۾ اقتصادي سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو. وڏي وزير ڏکڻ ڪوريا کي ڌابيجي اسپيشل اڪنامڪ زون ۾ صنعتون لڳائڻ جي دعوت ڏيندي چيو ته هي زون پرڏيهي سيڙپڪارن لاءِ پرڪشش موقعا فراهم ڪري ٿو. هن ڪورين ڪمپنين کي سنڌ ۾ هاءِ_ٽيڪ انڊسٽري، سيمي ڪنڊڪٽرز ۽ آٽوموبائل جي شعبي ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ جي آڇ ڪئي. ڪورين سفير پارڪ ڪجون چيو ته ماضي ۾ ڏکڻ ڪوريا سنڌ ۾ حيدرآباد_ميرپورخاص روڊ کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت تعمير ڪيو هو. بهرحال ان کان پوءِ ڪنهن به وڏي منصوبي تي ڪم نه ڪيو ويو. هن سنڌ ۾ آءِ ٽي ۽ آٽوموبائيل جي شعبي ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڏکڻ ڪوريا جي سفير کي يقين ڏياريو ته سنڌس حڪومت ڏکڻ ڪوريا جي سيڙپڪارن کي مڪمل سهڪار فراهم ڪندي. ان سلسلي ۾ هن انويسٽمينٽ ڊپارٽمينٽ سنڌ کي هدايت ڪئي ته هو ڪورين سيڙپڪارن سان سڌي رابطي ۾ رهي سنڌن ڀرپور سهڪار ڪيو وڃي. وڏي وزير جي ترجمان موجب، هيءَ ملاقات سنڌ ۽ ڏکڻ ڪوريا جي وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ اهم قدم ثابت ٿيندي ۽ مستقبل ۾ وڌيڪ واپاري ۽ صنعتي معاهدن جي راهه هموار ٿيندي.

### بقايا 27

آهن ته پوليس رينج، ضلعي ۽ زون جي لحاظ کان مسجدن، امام بارگاهن، مدرسن ۽ ٻين کليل هنڌن جي فهرستن جو جائزو وٺي ڪري رمضان المبارڪ سيڪيورٽي پلان جلد تيار ڪري جائزو وٺڻ لاءِ موڪليو وڃي، جنهن ۾ رينجرز سنڌ ۽ ٻين سڀني اسٽيڪ هولڊرز جي تعاون ۽ مشاورت جي عمل کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ جي گڏيل معاملن کي غير معمولي بڻائي سگهجي. سنڌ جي گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار چيو ته ڏوهن جي تجزيي کي نظر ۾ رکندي، لاڳاپيل پوليس ٿاڻن ۾ سڀني مسجدن، امام بارگاهن، مدرسن ۽ نماز ۽ تراويح جي ٻين کليل جڳهن ۾ انتهائي حساس، حساس ۽ عام ڪيٽيگريز تي مشتمل سيڪيورٽي پلان تيار ڪيو وڃي. جنهن تحت حضرت علي عليه السلام جي شهادت جي ڏهاڙي، طاق راتين/ شب قدر سميت ٽن ڏهن ڏينهن جي موقعي تي غير معمولي سيڪيورٽي اپاءَ يقيني بڻايا وڃن. هن چيو ته رمضان المبارڪ جي ٽنهي ڏهاڪن ۾ پوليس اسٽيشنن تي ضابطو رکڻ کان علاوه، اضافي پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪرڻ لاءِ به قدم کنيا وڃن. جنهن ۾ پوليس ڪمانڊوز کي ممڪن طور تي حساس علائقن ۾ خاص ذميواريون سونپيون وڃن. رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ سيڪيورٽي پلان تحت، لاڳاپيل ايس ايس پيز ۽ ايس ڊي پي اوز جي نگراني ۾ مرڪزي مسجدن، امام بارگاهن، مدرسن، تراويح نماز لاءِ ٻين کليل جڳهن ۽ ٽن ڏينهن، پنج ڏينهن ۽ پندرهن ڏينهن جي تراويح نماز جي جڳهن تي نه رڳو سيڪيورٽي کي مربوط ۽ موثر بڻايو وڃي، پر منتظمين جي مدد سان سخت نگراني جهڙا قدم پڻ کنيا وڃن. رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ سيڪيورٽي پلان جي حڪمت عملي ۽ ايڪشن پلان ۾ ٽيڪنيڪل سوئيپنگ، ڪليئرنس، اڳواٽ انٽيليجنس ڪليڪشن شيئرنگ، بي ترتيب سنيپ چيڪنگ، پڪٽنگ، پيٽرولنگ، اندروني ۽ ٻاهرين رستن تي ناڪابندي، ڳولا، اهم هنڌن تي پوليس جي تعيناتي، ڏوهن خلاف جاري آپريشن کي وڌيڪ تيز ڪرڻ، مفرور شڪي ۽ اشتهاري ڏوهارين سميت ڪيسن ۾ گهربل ماڻهن جي گرفتاري جهڙن قدمن کي رمضان المبارڪ سيڪيورٽي پلان جي حڪمت عملي ۽ لائحه عمل ۾ خاص طور شامل ڪيو وڃي. سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار چيو ته رمضان سيڪيورٽي پلان ۾ صوبي جي سڀني اهم سرڪاري ۽ نيم سرڪاري عمارتن، آفيسن، حساس تنصيبات، قونصل خانن، اقليتي برادري جي مذهبي جڳهن، سڀني عوامي هنڌن وغيره تي سيڪيورٽي تفصيل شامل ڪرڻ گهرجن. ان کان علاوه، پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي سيڪيورٽي ڊيوٽين بابت بريفنگ ڏيڻ، جنهن ۾ پوليس پاران کنيل سڀني سيڪيورٽي قدمن ۾ شهرين جي هر ممڪن تعاون کي به پلان جو حصو بڻايو وڃي.

### بقايا 28

ٽالپر سان نئون ديرو صدارتي هائوس ۾ لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي صدر مرتضيٰ ڪلهوڙو ۽ جنرل سيڪريٽري نويد لاڙڪ جي اڳواڻيءَ ۾ صحافين جي وفد ملاقات ڪئي، ملاقات ۾ امن امان، ترقياتي ڪمن سميت ٻين اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، ان موقعي تي لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي صحافين سان غيررسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي ايم پي اي فريال ٽالپر چيو ته ڪراچي ۾ منشيات جي مسئلي تي ڳڀرو نوجوان جي قتل وارو واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي. لاڙڪاڻي ضلعي واسي آڳاهيس، منشيات ۽ جوا جي اڏن خلاف بروقت پوليس کي اطلاع ڪن ته جيئن سماج ۾ موجود اهڙن ناسورن جو خاتمو ٿي سگهي. هن چيو ته لاڙڪاڻي ۾ قائم انڊسٽريل ٽئڪس فري زون ڪرائڻ ۽ گئس سپلائي جي لاءِ وفاقي حڪومت سان ڳالهايو آهي، شهر ۾ سيف سٽي جي نظام کي اپ گريڊ ڪيو ويندو. هن چيو ته لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڪيترن ئي سالن کان ٿاڻن تي مقرر ٿيل ساڳين ئي ايس ايڇ اوز کي چورن ۽ پاڳين جي باري ۾ خبر آهي ۽ ان معاملي تي به اسان جي نظر آهي. هن چيو ته لاڙڪاڻي کان پوءِ رتوديرو شهر ۾ اي ايس پي مقرر ڪيو ويو آهي ته جيئن امن امان جي صورتحال وڌيڪ بهتر ٿئي، لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڪافي حد تائين ڏوهن تي ضابطو اچي ويو آهي، نئون ديرو ۽ لاڙڪاڻو ۾ قتل ٿي ويل ٻن هندو نوجوانن جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي تمام جلد گرفتار ڪيو ويندو. هن چيو ته سنڌ حڪومت طرفان لاڙڪاڻي ۾ نئين آرٽ آف اسٽيٽ اسپتال جي اڏاوت جو ڪم تمام جلد شروع ڪيو ويندو جنهن ۾ 24 ڪلاڪ سمورليون گهربل سهولتون موجود هونديون ته جيئن لاڙڪاڻي ضلعي سميت ٻين شهرن مان ايندڙ مريضن کي علاج جون بهتر سهولتون ملي سگهن. هن چيو ته ڪافي عرصي کان وٺي مغوي پنگ لاءِ اغوا جا واقعا گهٽجي ويا ۽ هن سال ڪو به اهڙو واقعو نه ٿيو آهي، هاءِ ويز تي ڌاڙي يا ڦر جو ڪو به واقعو ناهي ٿيو. ڪنهن به بئنڪ ۾ ڌاڙو ناهي لڳو هن چيو ته پوليس جي ڪم ڪندڙ فورس 2740 کان وڌائي 4390 ڪئي وئي آهي، سرڪاري پوليس گاڏين جو انگ 25 کان وڌائي 120 ڪيو ويو آهي، بجيٽ مختص ڪرڻ کي 12 ڀيرا وڌايو ويو آهي. 9 نوان پوليس اسٽيشن، 5 رپورٽنگ روم ۽ پوليس فيسليٽيشن سينٽر جو قيام عمل ۾ آئي ضلعي سطح تي آءِ ٽي سيڪشن ۽ سي آر او تعارف ڪرايو ويو آهي، مارڪيٽ ٿاڻي کي ماڊل پوليس اسٽيشن ۾ تبديل ڪرڻ جو عمل جاري آهي. هن چيو ته نئين اي ڊي پي ۾ هنڙي غلام شاهه، يونيورسٽي، باقراڻي، سچل ٽريفڪ برانچ ۽ ايس ڊي پي او آفيس باقراڻي جي تعمير لاءِ فنڊ مختص ڪيا ويا آهن ضلعي ۾ جلد 11 نون ٿاڻن جي مرمت ۽ بحالي جو ڪم شروع ڪيو ويندو. گڏو گڏ نئون ديرو سب ڊويزن کي ماڊل سب ڊويزن ۾ تبديل ڪري نئون ديرو ۽ رتوديرو شهر لاءِ مخصوص 15 هيل لائين سروس شروع ڪيو ويندو.

### بقايا 29

نواب شاهه ڊويزن ۾ هڙتال جو سڏ ڏئي ڇڏيو شهدادپور پريس ڪلب ۾ صحافين سان ڳالهائيندي رياض چانڊيو چيو ته سنتو تي ڌاڙي 6 ڪينال هرگز قبول ناهن. هن چيو ته ڪئنال سنڌ جي جياپي تي ڌاڙو ۽ 6 ڪروڙ ماڻهن کان جياپو کسڻ جي سازش آهي. نسل ڪشي ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته سڄي سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڄ سياسي انتقامي ڪاروائي ۽ جبري گمشدگين جي ور چڙهيل آهي.موجوده سنڌ حڪومت سنڌ جي ماڻهن کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي. رياض چانڊيو چيو ته مرتضيٰ جتوئي خلاف هڪ ٻئي پويان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري انتقامي ڪاروائي جي انتها ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته ايڊووڪيٽ عامر عمراڻي کي جبري طور گم ڪيو ويو آهي هن چيو ته سموري سنڌ کي چورن لٽيرن پاتاريدار منشايات فروشن حوالي ڪري سنڌ جي سمورن ادارن کي تباهه ڪيو ويو آهي، مورو ۾ پرامن ڌرڻي تي گوليون وسايي هٿين خالي قومي ڪارڪن کي سخت تشدد جو نشانو بڻايي گرفتار ڪيو ويو. جيڪو عمل ناقابل برداشت آهي. هن عوام کي اپيل ڪئي ته سپائي واري هڙتال ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. ان موقعي تي اڳواڻن ڪارڪن به موجود هئا.

### بقايا 30

شهر پرسان ٽنبو باگو ٽڪڙ اسٽاپ وٽ نامعلوم هٿيار بند انڊس اسپتال بدين جي ملازم دلدار خاصخيلي کان هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا جنهن جي رپورٽ ننڊو ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي آهي

### بقايا 31

ٽن ڏينهن وارو ڪتابي ميلو شروع ٿي ويو آهي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ علامه آءِ آءِ لائبريري جي سهڪار سان سنڌ يونيورسٽي جي آرٽس فيڪلٽي واري ميدان ۾ رٿيل ٽن ڏينهن واري ڪتابي ميلي جو افتتاح پ پ اڳواڻ سينيٽر عاجز ڌامراهه، سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان کنياٽي، سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر مرتضيٰ سيال ۽ علامه آئي آئي قاضي سينٽرل لائبريري جي انچارج پير بخش بجير گڏجي ڪيو.ڪتابي ميلي ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي پبلشرن پاران 50 کان وڌيڪ اسٽال لڳايا ويا آهن. جنهن ۾ رکيل ڪتابن کي 40 کان 80 سيڪڙو رعايت سان وڪرو ڪيو پيو وڃي، ڪتابي ميلي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ سميت لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي، شهيد الله بخش سومرو يونيورسٽي ۽ ڀرپاسي جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ شاگرداڻيون توڙي شاگرد ۽ ادب دوست ماڻهن وڏي انگ ۾ پهچي پنهنجي پسند جا ڪتاب خريد ڪري رهيا آهن. ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي سينيٽر عاجز ڌامراهه جو چوڻ آهي ته هتي سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪتابي ميلو لڳائڻ سٺو عمل آهي، آئون به ماضي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو شاگرد رهيو آهيان، اڄ هن ڪتابي ميلي ۾ ڪتاب خريد ڪيا آهن جنهن سان مون کي پنهنجي شاگردي وارو دور ياد اچي ويو آهي. نوجوانن کي وڌ کان وڌ ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ گهرجي. هن سوال جي جواب ۾ چيو ته ملڪ ۾ شاگرد يونين تي لڳل پابندي مناسب ناهي، سنڌ حڪومت اسيمبلي مان بل پاس ڪري شاگرد يونين تان پابندي هٽائڻ جو مطالبو ڪيو آهي، سپريم ڪورٽ کي گهرجي ته پنهنجي فيصلي تي نظرثاني ڪري شاگرد يونين تي وڌل پابندي ختم ڪري سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر خليل الرحمان کنياٽي جو چوڻ آهي ته شاندار ڪتابي ميلي جو مقصد شاگردن، استادن ۽ عام ماڻهن ۾ علمي شعور، تعليمي سرگرمين ۽ مطالعي جي ڪلچر کي هٿي وٺرائڻ آهي، هن ڪتابي ميلي سان ڏيهه توڙي پرڏيهه جي مشهور پبلشرن ۽ سنڌ يونيورسٽي جو پاڻ ۾ رابطو جڙيو آهي، جنهن مان نه رڳو يونيورسٽين جا شاگرد، استاد پر ٻيا ادارا ۽ عام ماڻهو به فائدو وٺي سگهندا. وي سي اعلان ڪيو ته سنڌ يونيورسٽي جي ٻين ڪيمپس ۾ پڻ هن قسم جا ڪتابي ميلا لڳايا ويندا. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر مرتضيٰ سيال چيو آهي ته هن ڪتابي ميلي لڳائڻ جو مقصد يونيورسٽي جي شاگردن شاگرداڻين، استادن، ملازمن توڙي عام ۾ ڪتابن سان چاهه پيدا ڪرڻ هو، اڄ پهرين ڏينهن تي ايڏي وڏي رش ڏسي اتساهه پيدا ٿيو آهي ته اسان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ويا آهيون، هتي مشهور پبلشرن طرفان 50 کان وڌيڪ ڪتابن جا اسٽال لڳايا ويا آهن، هن چيو ته سوشل ميڊيا جي دور ۾ به ڪتابن جي پنهنجي اهميت آهي، اڄ خريدارن جي رش ڏسي اهو يقين ٿي ويو آهي ته نوجوان توڙي عام پڙهندڙ ڪتابن سان اڃا به چاهه رکن ٿا. علامه آئي آئي سينٽرل لائبريري جي انچارج پير بخش بجير جو چوڻ هو ته سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪتابي ميلي لڳائڻ ۾ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان کنياٽي جو وڏو هٿ آهي، هتي ڪتابي ميلي ۾ خريدارن کي 40 کان 80 سيڪڙو تائين رعايت سان ڪتاب ملي رهيا آهن، سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن توڙي عام ماڻهن کي هن ڪتابي ميلي مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي. ان موقعي تي سنڌ يونيورسٽي مين ڪيمپس جو پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر عبدالستار شاهه رجسٽرار ڊاڪٽر مشتاق احمد چاريڪو نئو ڪيمپس جي پي وي سي ڊاڪٽر مصباح بيبي قريشي توڙي مختلف فيڪلٽين جا ڊين، مختلف شعبن جا سربراهه، فيڪلٽي ميمبر توڙي آفيسر وڏي انگ ۾ شريڪ هئا.

### بقايا 32

ٽائون چيئرمين قمبر خان لغاريَ جي چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه صاحب سان ڪراچي ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ عوام لاءِ رمضان المبارڪ ۾ رليف پئڪيج، ڪٽڪ جي بهتر اگر جي مقرري سيتاروڊ شهر جي اسپتال جي بهتري ۽ ليڊي ڊاڪٽر جي مقرري لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪئي. ان سان گڏو گڏ ٽائون چيئرمين سيتاروڊ گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول جي پرنسپال الياس ابڙو خلاف ملندڙ شهرين جي شڪايتن تي سنڌس بدلي جو پڻ مطالبو ڪيو جنهن تي چيف سيڪريٽري سنڌ فوري طور تي سنڌس بدلي جو حڪم جاري ڪيو. ملاقات دوران فرحان علي لغاري، سيتا ٽائون جي جنرل ڪائونسلر وارڊ 2 جي عبدالرحمان سولنگي ۽ عبدالمنان سولنگي پڻ موجود

### بقايا 33

ڪندڙ انهن نوجوانن جو وهي رهيو آهي جن "سنتوءَ تي ڪئنال سمورا نامنظور" جو نعرو بلند ڪيو آهي. سنڌ جي ماڻهن کي هاڻي ميرن، پيرن، وڏيرن، پوتارن توڙي شهيدن جي نالي تي عوام کي بيوقوف بڻائي ووٽ وٺي اقتدار ۾ اچي سنڌ جي وسيلن، زمينن ۽ پاڻي تي سوديبازي ڪندڙن جي غلامي مان آزادي لاءِ اڳتي اچي اسان جي جدوجهد ۾ ڀرپور ساٿ ڏيڻ گهرجي ٻي صورت ۾ اسان جو ايندڙ نسل به هنن پوتارن جي غلامي ۾ جڪڙيل هوندو. سنڌ حڪومت پاران ڌاڙيل راڄ، تڪراري ڪئنالن خلاف جدوجهد ڪندڙ مخالف ڌر جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ۽ پوليس گردي ذريعي سياسي ڪارڪنن کي زبردستي دهشتگرد بڻائڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن جنهن جا نتيجا نه ته جمهوريت، نه ئي عوام ۽ ملڪ لاءِ چڱا ثابت ٿيندا. تنهن ڪري بنا ڪنهن دير جي سياسي ڪارڪنن تي داخل ڪيس ختم ڪيا وڃن ۽ وڏي وزير جي اها دعويٰ ته شڪارپور ۽ گهوٽڪي سميت اپر سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال بهتر آهي عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ برابر آهي. هڪ طرف سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ ۽ اغوا انڊسٽري عوام جو ساهه مٽ ڪري ڇڏيو آهي ته ٻي پاسي وري سنتو مٿان نوان ڪينال اڏڻ توڙي ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جون لکين ايڪڙ زرعي زمينون ڪمپني سرڪار کي ڏئي سنڌ جي عوام جي پيرن هيٺان ڌرتي کسڪائي پئي وڃي. اهڙن خيالن جو اظهار هن "بحالي امن ايڪشن ڪميٽي" جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي جيئي سنڌ محاذ جي عمران منگي، اقليتي اڳواڻ ڊاڪٽر مهر چند، امداد الله بجاراڻي، عبدالسميع شمس پتي، اسلامڪ لائرزموومنٽ جو صدر ايڊووڪيٽ اصغر علي ڀهوڙ سميت ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا. اجلاس ۾ امن امان جي خراب صورتحال، پوليس جي ناڪامي سميت اڳتي جي رٿابندي ڪئي وئي. ڪاشف سعيد شيخ وڌيڪ چيو ته سنڌ جا ماڻهو پنج منٽ پاڻي اڳ ڪولن تي پنهنجا پاڻر به مارڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن اهي اڄ 06 نوان ڪينال ڪڍڻ تي خاموش ويهي رهندا اها حڪمرانن ۽ پ پ جي وڏي ڀُل آهي. سنتوءَ مٿان نوان ڪينال ڪڍڻ تي اسان کي قومپرستي جو طعنو ڏيڻ وارا ياد رکن ته سنتوءَ سنڌين جي ساهه ۽ جياپي جو ذريعو آهي، سنڌ جا ڪروڙين ماڻهو درياهه کي بچائڻ لاءِ آخري حد تائين ويڙهه ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ڪاشف سعيد شيخ وڌيڪ چيو ته سنتوءَ کي بچائڻ لاءِ سنڌ جي هر باشعور شهري کي ميدان تي اچڻ جي ضرورت آهي چاڪاڻ ته سنتوءَ بچندو ته سنڌ بچندي. ڌرتي ماءُ هوندي آهي ۽ ڌرتيءَ جا وسيلا ئي ڌرتي جي جياپي جو وسيلو هوندا آهن. انهن سڀني وسيلن مان وڏيڪ عظيم وسيلو ڌرتيءَ تي موجود درياهه هوندا آهن. سنتو درياءَ شينهن درياهه هجڻ سان گڏ هن ڌرتي لاءِ ساهه جي حيثيت رکي ٿو. سنتوءَ درياهه تي لڳندڙ ڏاڙي خلاف سنڌ جي پُرعزم جدوجهد کي ڏاڍ رستي گهڻو وقت روڪي نٿو سگهجي. سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، ڌاڙيل راڄ، تڪراري ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ واري منصوبي ذريعي زمينن جي ولار خلاف جماعت اسلامي سمورن سياسي، مذهبي ۽ قومپرست ڌرين سان تاريخي جدوجهد ۾ گڏ آهي ۽ آئنده به هر فورم تي گڏيل جدوجهد جاري رکنداسين.

### بقايا 34

زيادتين خلاف ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري يونيورسٽي جي مک گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جتي هنن سخت نعربازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي شاگردن حمز پيرزادو، عاشق حسين مگريو، عبدالستار سهتو، جمن مهر ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام لڳايو ته يونيورسٽي جو پاڻي ڪوڙو ٿي پيو آهي پر يونيورسٽي اندر فلٽر پلانٽ نه پيو لڳايو وڃي جنهن ڪري شاگرد زهريلو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن شاگردن کي سهولتون فراهم ڪرڻ بجاءِ وائيس چانسلر پروفيسر محمد عثمان ڪيريو ڪينٽين کي ختم ڪري آفيس قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي جڏهن ته يونيورسٽي انتظاميه طرفان سپلي جا امتحان نه پيا ورتا وڃن جنهن ڪري شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳي ويو آهي. هنن چيو ته يونيورسٽي انتظاميه طرفان استدي ٽوئر لاءِ شاگردن جي رجسٽريشن ڪرڻ بعد اسان کي پوائنٽ بس نه پئي ڏني وڃي

### بقايا 35

مهمان خاص صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه هو ڪشمور سٽي پارڪ لگ هينڊس انجوز طرفان سنڌ سولر انرجي سسٽم پروگرام جو افتتاح ڪيو ويو جنهن ۾ مهمانن خاص صوبائي وزير ذوالفقار علي شاهه ايم اين اي سردار علي جان خان مزاري ڪشمور ايم پي اي حاجي عبدالر رئوف ڪوسو ڪشمور ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور ايٽ ڪندڪوٽ امير افضل اويسي صاحب سميت ڊسٽرڪٽ مينيجر هينڊس ويريان دلريجا ڊسٽرڪٽ پروجيڪٽر منيجر آفتاب احمد سومرو ۽ تعلقه ڪشمور جي انچارج طلعت نظير دايو موجود هيا ان موقعي شهرين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪيي ان افتتاحي تقريب ۾ 12 ماڻهن ۾ هڪ سولر پليٽ هڪ پکو هڪ وڏي لائيٽ هڪ بينٽري في ماڻهون ڏني وئي ميڊيا سان ڳالهيندي انهن جو چوڻ هو ته سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ ٽوٽل ٽارگيٽ 6666 آهي جنهن پهرين حصي ۾ 1600 ماڻهن کي ڏنا ويندا ۽ ٻين حصي ۾ 1600 ۽ آخري ۾ 1600 شامل هوندا سماجي اداري هينڊس انجوز ورلڊ بئنڪ ۽ سنڌ حڪومت جي گڏيل سهڪار سان ٻوڏ متاثر گهرن جي اڏاوت جو ڪم جلد پورو ڪيون آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا طوفا پڻ ڏنا ويا

### بقايا 36

ثقافت سيد ذوالفقار شاهه، ايم اين اي سردار علي جان مزاري، ايم پي اي حاجي عبدالرئوف ڪوسا، ڊپٽي ڪمشنر امير افضل اويسي، چيئرمين ضلعي ڪائونسل ڪشمور مير گل محمد جکراڻي ۽ علائقي جي معززن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪشمور ۾ نئين تعمير ٿيل سٽي پارڪ جو افتتاح صوبائي ثقافت ۽ سياحت واري وزير سيد ذوالفقار شاهه ڪيو تقريب کي خطاب ڪندي سيد ذوالفقار شاهه چيو ته ڪشمور سٽي پارڪ جي اڏاوت عوام کي صحتمند ۽ خوشگوار ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي. سنڌ حڪومت عوام جي ڀلائي وارن منصوبن تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي ۽ وڌيڪ تفريحي ماڳن جي تعمير لاءِ رٿابندي ڪري رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڪشمور ۾ رهندڙ پڙهيل لکيل ماڻهن لاءِ عيد کان پوءِ پبلڪ لائبريري کولڻ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي. عيد ڪانپوءِ ڪشمور جي عوام لاءِ پبلڪ لائبريري جو افتتاح ڪيو ويندو. سنتو درياهه جي ڪنارن کي خوبصورت بڻايو وڃي. ڊي سي ڪشمور ۽ پ پ جي سهڪار سان سٽي پارڪ اڄ مڪمل ڪيو ويو آهي. ٻين مقررين حاجي عبدالرئوف ڪوسا مير گل محمد جکراڻي پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته هي پارڪ ٻارن، نوجوانن ۽ بزرگن لاءِ تفريح جو هڪ بهترين هنڌ هوندو. پارڪ جي تعمير ۾ حصو وٺندڙ ڪارڪنن ۾ انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا.

### بقايا 37

ڳوٺ محمد صوفن جاڪرو جي ڪيترن ئي متاثر رهواسين محمد رمضان جاڪرو ۽ ٻين ڏانهيندي چيو آهي ته ڪوهستان جي سموري زمينن تي بااثر ماڻهن قبضا ڪري باقي سنڌن ڳوٺ، مال جي چراگاهه وارين جايون وڃي ڇڏيون آهن. جن تي به بااثر قبضا مافيا جون نظرون کتل آهن. جيڪي اسانجي ڳوٺ وارين زمينن تي به قبضا ڪري اسانکي پنهنجي ئي ڳوٺ مان بيدخل ڪرڻ چاهين ٿا، محمد رمضان جاڪرو انڪشاف ڪندي چيو ته سنڌن ڳوٺ پرسان بااثر قبضا مافيا بلوچستان کان پڳتي برادري جي هٿيارٻندن کي سنڌن ڳوٺ پرسان زمين تي قبضو ڪري ويهاري ڇڏيو آهي، جن سنڌن رستا ۽ مال جا چراهه گاهه بند ڪري ڪالهه اسانجي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري منهنجي معصوم پٽ تي تشدد ڪري ڳوٺ ۾ هراس پکيڙڻ سميت اسانکي پنهنجي ئي گهرن مان بيدخل ڪرڻ چاهين ٿا، جنهن ڪري ڪوهستان واسين ۾ خوف طاري ٿي ويو آهي ۽ نقصان جو انديشو پڻ برقرار آهي، محمد رمضان جاڪرو ۽ ٻين چيو ته سنڌن بااثر ماڻهن جي ويهاريل هٿياربندن ماڻهن جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو آهي، جنهن جون دانهون علائقي جي معززين، ڊي سي ٺٽو حد جي پوليس سميت چونڊيل نمائندن کي به ڏنيون آهن، پر اسانجي ڪير به ٻڌڻيواري ڪرڻ وارو ناهي، جنهن ڪري ڪين پنهنجي ئي ملڪيتن توڙي زمينن سميت ڳوٺ مان بيدخل ٿيڻ جو انديشو آهي، جنهن ڪري هو پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪري به نٿا سگهن. سنڌن چوپايو مال به بکن وگهي مرڻ تي مجبور بڻيل آهي، هن وزير اعلي سنڌ، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٺٽو ڊي سي ٺٽو روينيو کاتي جي صوبائي وزير سميت چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي ته ڪوهستان واسين جي مالڪي ڪري ڪين بااثر قبضاگيرن جي زيادتين مان نجات ڏياري ڪوهستاني زمينن تي ٿيندڙ قبضا توڙي والارون ختم ڪرائي بااثر ماڻهن پاران ويهاريل سنڌن ڌارين هٿياربند ماڻهن کي هٽائي سنڌن بند ٿيل رستا توڙي مال جا چراهه گاهه ڪولرائي سنڌن ڳوٺ پڪا ڪري ڪوهستان واسين کي پيئڻ جي صاف پاڻي، روزگار، روڊ، رستو بجلي، اسڪول، صحت مرڪز سميت سمورليون بنيادي سهولتون مهيا ڪري ڪين پريشاني توڙي امڪاني نقصان کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪرڻ سان گڏ انصاف نه ملڻ جي صورت ۾ عدالت جو در کڙڪائينداسين.

### بقايا 38

کان متياري ضلعي جي خوشحالي ۽ ترقيءَ لاءِ صوبائي وزير بحالي مخدوم محبوب الزمان پاران منظور ڪرايل اسڪيمن تحت نيوسعيدآباد تعلقي ۾ ڀپور بلاڪ سميت مختلف اسڪيمن جا ڪم ڪرايا پيا وڃن، صوبائي وزير جي حڪم تحت ڪو آرڊينيٽر رئيس شوڪت علي انڙ سروري جماعت تعلق نيوسعيدآباد جي صدر حاجي محمد لقمان راجپوت نيوسعيدآباد جي ڳوٺ پيربخش ڪوسو يونين ڪائونسل اولڊ سعيدآباد جو دورو ڪري هلندڙ ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو صوبائي وزير بحالي جي ڪوآرڊينيٽر رئيس شوڪت انڙ ڳالهائيندي چيو ته اليڪشن دوران قبلا مخدوم محبوب الزمان جيڪي عوام سان واعدا ڪيا هئا اڄ اهي پورا ڪري رهيا آهيون، ان موقعي تي پ پ جي سينيئر نائب صدر رئيس عطامحمد ڪوسو، چيئرمين اولڊ سعيدآباد رئيس ممتاز ڪوسو علائقي ۾ هلندڙ ترقياتي اسڪيمن بابت بريفنگ ڏني ۽ علائقي جي معززين سان پڻ ملاقاتون ڪيون. جڏهن ته ڳوٺاڻن پاران پڻ ڪرايل ترقياتي ڪمن تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته هميشه وانگر قبلا مخدوم محبوب الزمان ۽ سندس خاندان سروري جماعت سميت علائقي جي خدمت ۾ اڳيرا رهندا.

### بقايا 39

کي ڪوڙي خبر قرار ڏئي ڇڏيو پرڏيهي خابرو اداري موجب، ڪانگريس ڪيرالا دعويٰ ڪئي هئي ته پريتي زنتا پنهنجا سوشل ميڊيا اڪائونٽس حڪمران جماعت بي جي پي حوالي ڪري ڇڏيا آهن ۽ حڪومت طرفان هن جو 18 ڪروڙ روپين جو قرض معاف ڪيو ويو آهي. پريتي زنتا ان بيان تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ايڪس تي لکيو ته نه هوءَ پنهنجا سوشل ميڊيا اڪائونٽس پاڻ هلائي ٿي. هن چيو ته سنڌس نالو ۽ تصويرون استعمال ڪندي بي بنياد ڳالهيون ڪيون پيون وڃن. ڪوڙيون خبرون پکيڙڻ وارن کي شرم اچڻ گهرجي. اداڪارا جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڪنهن به سندس قرض معاف ناهي ڪيو ۽ نه ئي ڪنهن هن جو قرض ادا ڪيو آهي. پنهنجي ٽوئيٽ ۾ هن واضح ڪيو ته هوءَ 10 سال اڳ ورتل قرض اڳ ئي ادا ڪري چڪي آهي.

### بقايا 40

پراڻي هجڻ ڪري هنڌا هنڌا ٽٽل هجڻ ڪري ان مک لائين ۾ ڊرينيج نالي جي گٽرن جو گندو پاڻي پرڃڻ سبب گئس بحالي سخت متاثر ٿيڻ ڪري علائقي واسي احتجاج ڪندي سوئي گئس سب زونل آفيس جامشورو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي ڌرڻو هنيو ويو سوئي گئس بحالي لاءِ شديد نعربازي ڪئي وئي ان حوالي سان احتجاج ڪندڙن سلطان پنهيار ولي محمد جويو علي رضا پنهيار برڪت پلائي ذولفقار علي چانڊيو ۽ ٻين چيو آهي ته اسان جي علائقي جي سوئي گئس جي لائن ڪافي سالن کان پراڻي هجڻ ڪري هاڻي ته سڄي زبون حال آهي اها هنڌا هنڌا ٽٽل هجڻ ڪري ان ۾ ڊرينيج نالي جي گٽرن جو پاڻي داخل ٿيڻ سبب گئس جي جاءِ تي گندو پاڻي اچي رهيو آهي ڪافي مهينن کان سپلاءِ مڪمل طور بند پيل آهي هن جيو ته اسان اهڙي بندش خلاف احتجاج ڪيا آهن لکت ۾ ڪمپني انتظاميا ۽ زونل آفيس حيدرآباد کي درخواستون ڏنيون آهن انهن ان مامري جو نوٽيس ورتو آهي ۽ اسان کي لائين تبديل ڪرڻ لاءِ پائپ لائين موڪليا آهن پر هتي سب ڊويزن وارا لائين مٽائڻ لاءِ نٿا آسرا ڏئي رهيا آهن هنن سوئي گئس ڪمپني انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان کي نيون لائيون لڳائي مسئلو حل ڪيو وڃي

### بقايا 41

جي شهرن ۽ ڳوٺن جا مريض وڏي انگ ۾ پهتا.ڪئمپ جو افتتاح بابڙه ٽرسٽ فورم جي صدر ذوالفقار علي بابڙهي ۽ چيئرمين ٽائون ڪاميٽي بابڙه بدرالدين ساريو ۽ ٻين ڪيو. بابڙه جي سرڪاري اسپتال ۾ لڳايل ڪئمپ ۾ اکين جي مشهور ڊاڪٽر ۽ سنڌ رائيٽرز جي چيئرمين ڊاڪٽر خان محمد شيخ جي سربراهي ۾ ماهر ڊاڪٽرن جي ٽيم پهرين ڏينهن 600 مريضن جي تپاس ڪئي وئي،جنهن مان 180مريضن جو اکين جي اکين جو آپريشن ڪري لينس وڌا ويا جڏهن ته باقي مريضن کي چشما ۽ دوائون ڏنيون ويون.ان موقعي تي مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي ڪارڪنن رضاڪارانا طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. ياد رهي ته مفت اکين جي ڪيمپ وڌيڪ هڪ ڏينهن جاري رهندي.

### بقايا 42

ناپرڪوٽ ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي مان ٻه هفتا اڳ نامعلوم هٿياربندن پاران اغوا ڪيل ڪرمپور واسي 9 پورهيتن کي شڪارپور ضلعي جي پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي پورهيتن جا وارث سخت پريشان سنڌس جا ٻچا فاقاڪشي تي مجبور آهن 9 پورهيتن جي بازيابي لاءِ مرد عورتن ۽ ٻارڙن هٿن ۾ پاڪ ڪتاب کڻي وس وارن کي قرآن پاڪ جا واسطا ڏيندي مغوين پورهيتن کي ترت بازياب ڪرائڻ جي اپيل ڪندي چيو ته اسان جا پورهيت خوشي مان ڪچي طرف ڪون ويندا هئا پنهنجي ۽ ٻچن جي پيٽ گذر لاءِ ڪائيون ڪرڻ ڪچي طرف ويندا هئا ڪائيون ڪرڻ دوران هٿياربندن يرغمال بڻائي ڪيس باندي بڻائي رکيو آهي ضلعي شڪارپور توڙي حد جي ناپرڪوٽ پوليس مغوين جي بازيابي لاءِ تحرڪ ناهي ورتو هنن آخرايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته اسانجي پورهيتن کي بازياب ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

### بقايا 43

محمد خان جکراڻي جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو اجلاس ۾ وائس چيئرمين الطاف احمد ڪوسو ۽ ضلع ڪائونسل جي ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ ۽ ضلع اندر امن امان جي خراب صورتحال خلاف گڏيل طور تي قرارداد پاس ڪئي وئي اجلاس جي موقعي تي ڳالهائيندي مير گل محمد خان جکراڻي چيو ته شهيد بينظير ڀٽو ڪالا باغ ڊيم جي اڏاوت خلاف ڪمون شهيد وٽ تاريخي ڌرڻو هنيو هو ۽ هينئر به پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو واضح طور تي ڪئنالن کي رد ڪندي ايتري قدر چيو آهي ته جيڪڏهن وفاقي حڪومت پنهنجي هوڏ تان نه لٿي ته حڪومت کان ڌار ٿي وينداسين جنهن ڪري پ پ ڪنهن به صورت ۾ هن سنڌ دشمن فيصلي کي قبول نه ڪندي ۽ هر فورم تان آواز اٿاريو ويندو ان موقعي تي ضلع ڪائونسل ڪشمور جو ميمبرن پاران سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ ۽ ضلع اندر امان امان جي خراب صورتحال خلاف متفقہ طور تي قرارداد پاس ڪئي وئي

### بقايا 44

پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پورهيت نوجوان غوث بخش ڪوسو پنهنجي پيرسن والد جڙيل، گهر واري ساجده، سس حليمان، ڀيڻ نسيم خاتون ڪوسو سان گڏجي ڏانهيندي چيو ته منهنجو نصيرآباد شهر جي سنڌ بئنڪ پرسان سبزين ۽ لنڊا ڪپڙن جو دڪان آهي جتي مان پورهيو ڪري گهر ڀاتين جو پيٽ پاليندو آهيان. هن الزام لڳايو ته ماروٽ ستار ڪوسو جو به ساڳي ئي علائقي ۾ لنڊي جو دڪان آهي جيڪو پنهنجي والد گلزار احمد ڪوسو، ڀائرن وحيد ڪوسو، شاهنواز ڪوسو ۽ جبار ڪوسو سان گڏجي زبردستي دڪان بند ڪرائي نصيرآباد مان لڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جن ڪجھ ڏينهن اڳ منهنجي دڪان ۾ گهڙي مون سان جهيڙو ڪرڻ بعد گهر اچي منهنجي پيرسن والد جڙيل ۽ امڙ ڪوڙي خاتون کي تشدد جو نشانو بڻائي ڌمڪيون ڏنيون

### بقايا 45

سماجي اڳواڻ لالا شمس پناڻ، ڊاڪٽر شاهد خان، امين خان پناڻ جي تعاون سان 3 ڏينهن فري آئي ميڊيڪل ڪيمپ لڳايو ويو ڪيمپ ۾ پهرين ڏينهن 120 مريضن جو آپريشن ڪيو ويو، ٻئي ڏينهن تي 140 مريضن جو جديد مشينري سان آپريشن ڪيو ويو ۽ ڪيمپ تي 1500 کان وڌيڪ مريضن جو معائنو پڻ ڪيو ويو، جن مان ڪيترن کي نظر جي ڪمزوري سبب چشما به ڏنا ويا. ڊاڪٽرن شاهد اچڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته "اسان جو مقصد انهن ماڻهن تائين طبي سهولتون پهچائڻ آهي. جيڪي معاشي مسئلن سبب علاج نٿا ڪرائي سگهن اکين جون بيماريون جيڪڏهن وقت تي علاج نه ٿين ته ماڻهو نظر وڃائي سگهن ٿا، تنهنڪري اهڙن ڪيمپن جو جاري رهڻ ضروري آهي."اسان جديد اوزارن سان مريضن جو علاج ڪيو. مفت دوائون به ڏنيون. ڪوشش آهي ته علاج لاءِ آيل هر مريض کي سهولت ڏيون." بي پاسي علاج لاءِ آئي مريضن جو چوڻ هومون کي نظر ڏسڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي هئي، پر دوائن جي اگهن سبب علاج نه ڪرائي سگهيس.

### بقايا 46

تفصيل موجب ڪراچي جي ضلعي اولڊ جي سرجاني، منگهوپير ۽ ٻين علائقن ۾ پوليس جي سرپرستي هيٺ زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن. افغاني، برمي ۽ ٻيا غيرملڪي توڙي ڏاريا حد جي پوليس ، روينيو کاتي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي ملي ڀڳت سان قبضن ۾ ملوث آهن. منگهوپير جي قديم محمود عالم ڳوٺ جي رهواسين کي لينڊ گريبر ۽ پوليس پنهنجا گهر نه ٿي ناهڻ ڏي ڳوٺاڻن رمضان جمالي اظهر بروهي مسمات زينب بلوچ ياسمين ۽ ٻين ڏانهيندي چيو ته لينڊ گريبرن طرفان حد جي پوليس سان ملي اسانجي ڳوٺ تي ڪاهه ڪري ڪيترا ئي گهر خالي ڪرائي پٽ ڪيا ويا هئا اسانکي پنهنجا گهر ٺهرائي ڏنا وڃن هوڏانهن منگهو پير، نوراني هوٽل، همدرد يونيورسٽي ۽ ناردرن بائي پاس سميت سموري اولاهين ڪراچيءَ اندر ڌرتي ڏٽين جي سون جهڙين قيمتي زمينن تي پوليس ۽ ٻين سرڪاري ادارن جي مدد سان غير ملڪي افغانين جون رات جي پيٽ ۾ ڪالونيون ٺهنديون پيون وڃن جڏهن ته ڪراچي جي قديم ڳوٺن محمود عالم ڳوٺ عبدالرحيم ڳوٺ ۽ ٻين سنڌي وسندين جي ٻنين، گهرن ۽ پلن تي پڻ لينڊ گريبرن جون حريص نظرون کتل آهن

### بقايا 47

ڊويزن گهوٽڪي ايٽ ميرپور ماٿيلو پاران سول ڪورٽ ڪمپليڪس ميرپور ماٿيلو ۾ ٻوٽا پوکڻ واري تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج گهوٽڪي منو مل عدالت جي احاطي ۾ ٻوٽو لڳايو. ان موقعي تي ٻين جج صاحبان ۽ تعلقي بار ايسوسي ايشن ميرپور جي وڪيلن پڻ ٻوٽا لڳايا. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج گهوٽڪي منو مل چيو ته ٻوٽا پوکڻ صدقو جاري آهي. بار ۽ بينچ ٻوٽا لڳائڻ جي مهم ۾ ڀرپور حصو وٺن ته جيئن ماحولياتي آلودگي کي ختم ڪري سگهجي. هن چيو ته ايندڙ نسلن جي مستقبل کي محفوظ بڻائڻ لاءِ وڌ کان وڌ وڻ پوکيا وڃن. هن وڌيڪ چيو ته وڻ نه رڳو ماحولياتي بهتري ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا پر آلودگي کي گهٽائڻ، آڪسيجن فراهم ڪرڻ ۽ گرمي پد کي متوازن رکڻ ۾ پڻ مدد ڪن ٿا. ان موقعي تي ٻيلي کاتي جا آفيسر پڻ موجود هئا.

### بقايا 48

عظيم جانوري) پيپلزيوٿ ضلع دادو جو اڳوڻو صدر، ايم آر ڊي ۾ قيد ڪاٽيندڙ اڳواڻ اقبال احمد چنه لاڙڪاڻي جي ترااما سينٽر ۾ لاڏاڻو ڪري ويو سندس تدفين ميهڙ ۾ ڪئي وئي، ميهڙ پريس ڪلب جي صدر بدر سهول، جنرل سيڪريٽري اڪبر ڪانڌڙو، فقير عظيم جانوري، آزاد انور ڪانڌڙو، ظهيرعباس پنهور، عرفان بدر، آصف بدر سهول، سهيل عباسي ۽ ٻين مرحوم اقبال چني جي پونيرن سان تعزيت ڪئي.

### بقايا 49

پوليس کي هٿ آيو جن کي اسپتال منتقل ڪيو صالح پٽ اسپتال م سندس وارثن لاش وصول ڪيو بظاهر سندس جسم تي ڪو به نشان نه هو پوليس موجب فوتي آئيس جو نشو واپرائيندو هيو وڌيڪ پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد اصل موت جو ڪارڻ معلوم ٿي سگهيو صالح پٽ ۽ ڀرپاسي جي علائقن م منشيات عام هلڻ لڳي سماجي تنظيمن پاران ڪاروائي جو مطالبو ڪيو آهيد

### بقايا 50

جي بلڊنگ اڳيان کليل آسمان هيٺ سردي توڙي گرمي ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن شاگردن صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو ته اسڪول جي بلڊنگ جا ڪمرا ۽ حال مڪمل طور ختم ٿي چڪا آهن ۽ ڇت ڪري پئي آهي تعليم کاتي پاران عدم توجه سبب ڪجھ عرصي کان اسڪول براءِ نام آهي ۽ اسين اسڪول ۾ بنيادي سهولتن کان محروم آهيون جڏهن ته اسڪول اندر فرنيچر، چار ديواري ، واش روم ۽ ڪلاس روم سان گڏ ٻين بنيادي سهولتن جي پڻ سخت ضرورت آهي اسڪول ۾ تقريبن 100 جي لڳ ڀڳ ٻارڙا تعليم پرائي رهيا آهن پر استاد ۽ سهولتون نه هجڻ ڪري ٻار معيوسي جو شڪار آهن وڌيڪ ٻڌايو ته تعليم کاتي جا اعلي آفيسر وزٽ به نٿا ڪن ڪيترائي ڀيرا اطلاع ڏيڻ باوجود تعليم کاتي پاران اسڪول اندر ڪابه سهولت مهيا نه ڪئي وئي آهي شاگردن تعليم کاتي جي اعلي آفيسرن کان مطالبو ڪيو ته اسڪول ۾ بنيادي سهولتون مهيا ڪيون وڃن ته جيئن تعليم جي زيور سان آراسته ٿي اڳتي وڏي ملڪ و قوم جي خدمت ۽ ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيون

### بقايا 51

شادي ڪرڻ بعد موتمار ڌمڪيون ملڻ ۽ گهر ڀاتين تي تشدد ڪرڻ خلاف ڪراچي ڊسٽرڪٽ ايسٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاج پوليس اختيارين کان تحفظ ڏيارڻ جي گهر خبرموجب گمبٽ کهڙا جي رهواسي جوڙي طرفان شادي ڪرڻ بعد موتمار ڌمڪيون ملڻ خلاف ڪراچي ڊسٽرڪٽ ايسٽ پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو ان موقعي تي ارم منگي صحافين کي ٻڌايو ته وقار علي اچڻ سان 2022 ۾ پنهنجي رضامندي سان نڪاح ڪيو هو جنهن بعد هاڻي وقار جا چاچا اسان جي جان جا دشمن بڻجي ويا آهن وقار علي اچڻ صحافين آڏو ڏانهيندي ٻڌايو ته ارم منگي سان پيار جو پرڻو ڪرڻ بعد منهنجا چاچا ۽ سوٽ دائم علي اچڻ، ارشاد علي، ايوب اچڻ، بدرالدين اچڻ اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته منهنجي ماءُ ۽ پاءُ کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو هن ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان تحفظ ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو آهي

## چوٽياريون پرسان لونگهڻو ڍنڍ کي سوين فٽ گهارو، ڳوٺن ڏانهن ويندڙ رستا ۽ زمينون تَر

لونگهڻو ڍنڍ کي گهارو لڳڻ سبب دڙي تي ويٺل ڳوٺ جاني جوڻيجو جي گهرن ڏانهن ويندڙ رستو ٻڏي ويو

پاڻي پنهيل ڍنڍ مان گذرندي اچڙو ترروڊ ٽوڙي ڪوريءَ واري گهٽي مان ٿيندي سانگهراڙو ڍنڍ ۾ داخل ٿي ويو

ڍنڍ مان به پاڻي ڪراس ڪري مختلف ڳوٺن ۽ فصلن ڏانهن وڌڻ لڳو، ڊي سي فوري طور نوٽيس وٺي: ڳوٺاڻا

چوٽياريون (رپورٽ: سيد لعل خان شاھ) چوٽياريون /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

چوٽياريون: لونگهڻو ڍنڍ کي ڳري مشينري ذريعي بند ڪيو پيو وڃي

### بدين ۾ بدامني عروج تي، ڏينهن ڏٺي جو سٽي ٿاڻي اڳيان موٽر سائيڪل چوري

بدين(ڊر) بدين بدين شهر ۾ گذريل ستن سالن کان /ڏسو صفحو 2 بقايا 2

### جيالي جي اعليٰ اختيارين کان مدد جي اپيل واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل

سکر( بيورو رپورٽ) هڪ بي وس پيءُ ۽ پيپلز پارٽي سکر جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 3

### قاضي احمد جي مختلف اسڪولن ۾ پوزيشن ڪٽندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ايوارڊ ڏنا ويا

قاضي احمد ( ربوٽ غلام حسين راهو) قاضي /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

### الشهباز ڪرڪيٽ ڪلب لاڙڪاڻي ڪرڪيٽ جو فائنل کٽي ورتو

لاڙڪاڻو(بيورو /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

## ڪڪڙ ويجهو ٻيرڙ ۽ جوڻيجن ۾ پلاٽ تان جهيڙو، 10 ماڻهو زخمي

پلاٽ معاملي تان اسماعيل ٻيرڙ ۽ نورحسين جوڻيجو جي ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو

ڪهاڙين ۽ ڏنڊا لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين مان هڪ عورت سميت 10 ڄڻا زخمي ٿي پيا

ڪڪڙ (ن پاڪ) ڪڪڙ لڳ رکڻ ٿاڻي جي حد ڳوٺ غلام محمد ٻيرڙ ۾ پلاٽ جي مسئلي تان محمد اسماعيل ٻيرڙ ۽ نورحسين جوڻيجو جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 6

ڪڪڙ: پلاٽ جي مالڪي تان ٿيل جهيڙي ۾ زخمي ٿيلن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

## مها شِوَ راتڙي جو ٻن ڏينهن وارو ميلو شروع

گادينشين ارم داس شولنگ شو ميلي جو افتتاح ڪيو

ڀڳت سونو ڪمار ۽ ساٿين ستسنگ ۽ ڀڳت مرلي ڌر ستسنگ ڪيو

نوشهرو فيروز( ڊر) نوشهرو فيروز ۾ مها شِوَ راتڙيءَ جو ٻن ڏهاڙن وارو ميلو وڏي ڌام ڌوم سان نوشهرو فيروز جي شِو مندر ۽ دربار صاحب /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

## بلڙي شاهه ڪريم ۾ پاڻي واري اسڪيم رولڙي جو شڪار، ٺيڪيدار پائيپ رستن تي ڦٽو ڪري غائب

انتظامي لاپرواهي سبب ڪروڙين روپين واري اسڪيم مڪمل نه ٿي، نه ئي ٺيڪيدار خلاف ايڪشن ٿيو

پائيپ مختلف هنڌن تي پيل، خراب ٿيڻ لڳا، اسڪيم مڪمل نه ٿيڻ تي شهري صاف پاڻي لاءِ پريشان

اسان جي ارباب اختيارين کي اپيل آهي معاملي جو نوٽيس وٺي فورن اسڪيم جو ڪم ڪرايو وڃي: شهري

بلڙي شاهه ڪريم( علي ڏنو رند) بلڙي شاهه ڪريم ۾ شهرين کي صاف پاڻي مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ ڪروڙين روپين جي اسڪيم رولڙي جو شڪار /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

## کهڙا جي جوڙي جو تحفظ جي لاءِ احتجاجي مظاهرو

پرٽي ڪان اسان کي ڌمڪيون ملي رهيون آهن: ارم منگي / وقار علي

اسان کي ڌمڪيون ملي رهيون آهن، تحفظ فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

ڪراچي اوير ( ن پاڪ) کهڙا جي رهواسي جوڙي طرفان /ڏسو صفحو 3 بقايا 51

بلڙي شاهه ڪريم: واٽر سپلاءِ جي ڪروڙين روپين جي اسڪيم رولڙي جو شڪار نظر اچي رهي آهي

### ڪشمور ۾ سنڌ سولر انرجي سسٽم جو افتتاح، مستحقن ۾ سولر جو سامان ورهايو ويو

## سولر انرجي پروجيڪٽ جو ٽارگيٽ ڇهه هزار 6 سئو 66 آهي: صوبائي وزير

پهرين حصي ۾ 1600 ماڻهن کي سولر جو سامان تقسيم ڪيو ويندو: سيد ذوالفقار شاهه

ڪشمور ( رپوٽ: ذوالفقار علي سومرو) ڪشمور ۾ هينڊس انجوز طرفان سنڌ سولر انرجي سسٽم جي افتتاح تقريب ٿي گذري جنهن جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

## لاڙڪاڻي ۾ شاگردن پاران وائيس چانسلر خلاف احتجاجي ڌرڻو

شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري يونيورسٽي گيٽ اڳيان نعريبازي ڪئي

اسان کي ڪي به سهولتون ميسر ناهن، مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهيون: شاگرد

لاڙڪاڻو( بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ دي يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو جي شاگردن بنيادي سهولتن فراهم نه ڪرڻ تي وائيس چانسلر جي مبينا /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

## بوائز ماڊل هاءِ اسڪول نصير آباد جي استاد کي رٽائر ٿيڻ تي الوداعي آجياڻو

تقريب ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر لاڙڪاڻو سرائي گل محمد کهاوڙ ۽ ٻين جي شرڪت

تعليم کاتي عملدارن ۽ ٻين معززن پاران استاد نصر الله جلباڻي جي خدمتن جي واکاڻ

نصيرآباد (رپورٽ اعظم ٽگڙ) تعليم دوست استاد کي سندس جي رٽائرمينٽ واري ڏهاڙي تي پروقار تقريب ڪوٺائي الوداعي آجياڻو ڏنو ويو /ڏسو صفحو 2 بقايا 35

نصيرآباد: نشات پاران ڪوٺايل آل سنڌ ٽئلينٽ اسپيچ ڪامپيٽيشن پروگرام جو ڏيک

## لاڙڪاڻي ۾ مختلف سرڪاري کاتن ۾ ٽيسٽ ڏيندڙن پاران جوائننگ لاءِ ريلي

محمد شريف ڇهواڻ، محمد اسلم سيال جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب نعريبازي ٿي

بيروزگار هجڻ ڪري پريشان آهيون، اسان کي فورن پنهنجو حق فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو( بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ مختلف سرڪاري کاتن اندر سال 2023ع دوران هڪ کان چار گريڊ تائين آفر آرڊر وصول ڪندڙ اميدوارن /ڏسو صفحو 2 بقايا 34

## رمضان مبارڪ مهيني جو احترام ڪرڻو پوندو: گهارو ۾ سيمينار

گهارو( ن پاڪ) گهارو چيئرمين هوٽل ۾ رمضان /ڏسو صفحو 2 بقايا 33

## نيوسعيدآباد جي تعلقي اسپتال عوام لاءِ بي لاپ بڻيل

اسپتال ۾ دوائن، ڊاڪٽرن ۽ ٻئي عملي جي کوٽ سبب مريض سڄو ڏينهن انتظار ڪرڻ بعد بنا دوا واپس موٽي وڃڻ تي مجبور

اسپتال اندر سهولتن جي اڻهوند جي ڪري حادثن جا ڪيترائي زخمي زندگي جي جنگ هارائي ويا

اسپتال ۾ 53 ميل ڊاڪٽر ۽ فيميل ڊاڪٽرن جون جايون آهن، رڳو ٻه ميل ۽ ٻه في ميل ڊاڪٽر ڊيوٽي تي موجود

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا ) نيوسعيدآباد هڪ لک پنجاسي هزار جي آبادي رکندڙ تعلقي جي سرڪاري اسپتال ڪافي عرصي کان عوام لاءِ بي لاپ بڻيل اسپتال ۾ دعوائن، ڊاڪٽرن ۽ ٻئي عملي جي کوٽ سبب /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

## گذريل سال روڊ حادثن جا 3 هزار 241 مريض اسپتال آندا ويا: ايم ايس

ٽي هزار 241 مان رڳو هڪ سئو مريض سهولتن جي کوٽ ڪارڻ فوت ٿيا

3 ٽي هزار 141 زخمين کي طبي امداد بعد حيدرآباد، ڪراچي ۽ نوابشاهه ريفر ڪيو ويو

نيوسعيدآباد: تعلقا اسپتال جي ايم ايس سيد اسدالله شاهه بخاري موجب ته گذريل سال 2024 ۾ قومي شاهراهه تي روڊ حادثن سبب 3241 زخمي /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

### اسپتال 1963 ۾ قائم ٿي، 2005ع ۾ تعلقي اسپتال جو درجو مليو

نيوسعيدآباد: سن 1963 ڌاري صحت جو بنيادي /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

### سالياني بجيٽ مريضن جي حساب سان گهٽ آهي: ڊاڪٽر اسدالله بخاري

نيوسعيدآباد: ڊاڪٽر اسدالله شاهه بخاري موجب ته تعلقا /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

### صوبائي وزير ثقافت پاران ڪشمور ۾ نئين سر تعمير ٿيل سٽي پارڪ جو افتتاح

## سنڌ حڪومت عوامي ڀلائي وارن منصوبن تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي: ذوالفقار شاهه

سٽي پارڪ جي اڏاوت عوام کي صحتمند ۽ خوشگوار ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ اهم قدم آهي

عيد ڪانپوءِ ڪشمور جي عوام لاءِ پبلڪ لائبريري جو افتتاح ڪيو ويندو: تقريب کي خطاب

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) پ پ ايم اين اي ڪشمور ۽ پي پي ايل جي سهڪار سان ڪشمور ۾ نئين سر تعمير ٿيل سٽي پارڪ جي شاندار افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جا مهمان خاص صوبائي وزير سياحت ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

ڪنڌڪوٽ: سٽي پارڪ جي شاندار افتتاحي تقريب جو ڏيک، تقريب ۾ صوبائي وزير ذوالفقار علي شاهه ۽ ٻيا ويٺل آهن

## ڪوهستان ۾ ڌارين توڙي پنهنجن ظالمن جا قبضا، رستا ۽ چراهه گاهه بند، ڳوٺاڻا بي دخل

ڳوٺ محمد صوفن جاکرو پرسان ظالمن زمين تي قبضو ڪري ٻاهران گهرايل هٿياربند ويهاري ڇڏيا

ٻاهرين طرفان ويهاريل هٿياربند هر روز مقامي ماڻهن کي حراسان ڪندي ڪين مبينا تشدد جو نشانو پڻ بڻائي رهيا آهن

اهڙي ظلم خلاف ڊي سي سميت علائقي جي معززين ۽ پوليس ڪامورن کي پڻ اطلاع ڏني، پر تدارڪ نه ٿيو

ڪوهستانين جي مالڪي ڪري ڪين ظلم مان نجات ڏياري ۽ زمينن تي ٿيل قبضا پڻ ختم ڪرايا وڃن: مقامي ماڻهو

ٺٽو (ڊر) تعلقي ٺٽي يوسي جهمپير ڪوهستان ست پاڳي هڪ فتوحي ۽ ٻوٻان مڪان جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 37



### نيوسعيدآباد ۾ هلندڙ ڪمن جو پ پ اڳواڻ پاران دورو، بريفنگ

## محبوب الزمان جيڪي واعدا ڪيا اهي پاڙيا: شوڪت علي انڙ

صوبائي وزير جي ڪوآرڊينيٽر مختلف ڳوٺن جي معززين سان به ملاقات ڪئي

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا )سنڌ حڪومت /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

## ڪنهن جو به قرض ناهي، ڪوڙيون خبرون ڦهلايون پيون وڃن: پريتي زنٽا

ڪانگريس ڪيرالا جي دعويٰ من گهڙت آهي، بي بنياد ڳالهيون ٿين پيون

سوشل ميڊيا اڪائونٽس مان پاڻ هلائي رهي آهيان: ڀارتي اداڪاره جو ٽوئيٽ

ممبئي (م ڊ) بالي ووڊ جي مشهور اداڪارا پريتي زنٽا سياسي جماعت ڪانگريس ڪيرالا جي دعويٰ کي سخت تنقيد جو نشانو بڻائيندي ان /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

## ڄامشورو جي ريلوي اسٽيشن واري آبادي کي مهينن کان گئس جي سپلاءِ بند، رهواسين جو ڌرڻو

رهواسين سلطان پنهيار، ولي محمد جويو جي اڳواڻي ۾ سوئي گئس سب زونل آفيس اڳيان مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي نعريبازي

گئس جي لائن زبون حال ۽ هنڌا هنڌا ٽٽل هئڻ ڪري لائن ۾ گئس بجاءِ گندو پاڻي ايندو آهي: سلطان پنهيار

ڪمپني انتظاميا ۽ زونل آفيس حيدرآباد کي درخواستون ڏنيون آهن، ڪرتيل ناهي نڪتو، بنيادي مسئلو جلد حل ڪيو وڃي: ولي محمد جويو

ڄامشورو( ڊ ر) ڄامشورو شهر جي ريلوي اسٽيشن واري علائقي ۾ سوئي گئس جي مک لائين /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

ڄامشورو: ريلوي اسٽيشن گئس جي بندش خلاف شهري سئي گئس آفيس اڳيان ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

### باڍهه ٽرسٽ فورم پاران سنڌ رائيزنگ جي تعاون سان ٻن ڏينهن واري اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي

باڍهه (رپورٽر) باڍهه ٽرسٽ فورم پاران سنڌ رائيزنگ جي تعاون سان ٻيون 2 روزه مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي، جنهن ۾ باڍهه ۽ آسپاس /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

## ڪشمور مان اغوا ٿيل رائيس مل مالڪ جي تشدد واري وڊيو وائرل، ڀنگ طلب

وڊيو ۾ ڌاڙيل راجيش ڪمار کي زنجيرن سان ٻڌي سخت تشدد جو نشانو بڻائي رهيا آهن

رائيس مل مالڪ راجيش ڪمار جي وڊيو وائرل ٿيڻ کان پوءِ سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

ايس ايس پي کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي اسان جو نوجوان بازياب ڪرائين: وارث

ڪنڌڪوٽ ( رپورٽ ذوالفقار علي سومرو ) ڪشمور جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 9

### ميهڙ ۾ پ پ سنڌ ڪائونسل جي ميمبر پاران وڻڪاري مهم جو افتتاح، جاڳرتا ريلي

ميهڙ( رپورٽ عظيم جانوري) ميهڙ ۾ بهار جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

## نصيرآباد ۾ هارڊ بال ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ، فائنل سنڌو ڪلب نالي

سنڌو ڪرڪيٽ ڪلب پهرين بيٽنگ ڪندي 20 اوورن ۾ 219 رنسون ناهيون

جواب ۾ سنڌڙي ڪرڪيٽ ڪلب جي ٽيم 16 اوورن ۾ 163 رنسون ناهي ڍير ٿي وئي

نصيرآباد (رپورٽر اعظم ٽگڙ) مرحوم سرائي غلام مصطفى ڍهرجي ياد ۾ ٿيل هارڊ بال ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو فائنل اڄ اناج منڊي گرائونڊ نصيرآباد /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

## اسٽيل ٽائون پوليس پاران عارف اوٽيرو جي مک قاتل کي پڪڙڻ جي دعويٰ

جوابدار سڪندر ڪوسو سميت ٻٽين جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي: ڊي ايس پي بن قاسم

ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪري جوابدار جي گرفتاري عمل ۾ آندي آهي: ايس ايڇ او

ملير(ڊ ر) اسٽيل ٽائون پوليس جي گهگهر ۾ ڏيڍ مهينو اڳ قتل ٿيل عارف اوٽيرو ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي، قتل ۾ ملوث مک جوابدار کي گرفتار /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

ملير: ڊي ايس پي بن قاسم پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

## ميهڙ جي رهواسڻ پراسرار نموني لاپتا، ڳولا باوجود پتو نه پيو، وارثن جو احتجاج

بخاري هوٽل واري علائقي مان اٺن ورهين جي مائره ڏيءِ معشوق پيٽي پراسرار طور لاپتا

نينگري جي ماسي سلمه، ناني درناز، مامي عامره ۽ ٻين بازيابي جي لاءِ احتجاج پڻ ڪيو

وڏي ڳولا باوجود مائره جو ڪو پتو ناهي پئجي سگهيو، اسان جي مدد ڪئي وڃي: وارث

ميهڙ (رپورٽ عظيم جانوري) ميهڙ جي بخاري /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

## شاهپور دريپور پوليس پائيٽي تي حملو ڪندڙ گرفتار نه ٿي ڪري: ڄام خان ڀوڙ

حملي جو ڪيس داخل ڪرڻ وياسين ته پوليس ٽال مٽول ڪري واپس ڪري ڇڏيو

پوليس مخالفن سان هٿ ٺوڪيل آهي، ڪيس داخل ڪري تدارڪ ڪيو وڃي: ڳوٺاڻو

مٽياري (رپورٽ شهمير ميمڻ) مٽياري ويجهو ڳوٺ لال خان /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

PRESS CLUB MATIARI

مٽياري: ڳوٺاڻو معزز سان گڏ پوليس خلاف دانهي رهيو آهي

## مٽياري پرسان روڊ حادثي ۾ نينگري فوت، پنج ڄڻا زخمي

سکر کان ڪراچي ويندڙ وين جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر

زخمين جو تعلق ڳوٺ سليم مري سان آهي، اسپتال منتقل

مٽياري (شهمير ميمڻ) مٽياري لڳ ڳوٺ ماڪن شاهه /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

### ننڊو ۾ هائر سيڪنڊري اسڪول لاءِ پلاٽ وقف ڪندڙ زميندار کي ڀيٽا

بدين ( ڊر) ننڊو ۾ هائر سيڪينڊري اسڪول لاءِ پلاٽ وقف/ڏسو صفحو 2 بقايا 16

## دادو ۾ سنڌ سمال انڊسٽريز ملازمن جو پگهار نه ملڻ تي گاهه کائي احتجاج

ست مهينن کان پگهار نه ملڻ ڪري مالي ڏکيائين کي منهن ڏيون پيا: سرفراز چنا

پگهارون بند هجڻ سبب خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون: ملازم

دادو(ڊ ر) سنڌ حڪومت ملازمن کي گاهه کائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو دادو ۾ سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن جي ملازمن 7 مهينن کان پگهارون ۽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

دادو: سنڌ سمال انڊسٽريز ملازم پگهار نه ٿيڻ تي گاهه کائي احتجاج ڪري رهيا آهن

### شهدادپور لڳ تازي چاول چيلي جي ڪن تي ٻنهي جهانن جي سردار جو اسم مبارڪ لکيل، علائقي واسي ڏسڻ لاءِ پهتا

شهدادپور ( ن پاڪ) قدرت جو ڪرشمو ڳوٺ ڳوڙر ڪوڪر /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

### بدين ۾ پيپلزپارٽي جو سرگرم ڪارڪن دماغ جي رڳ ڦاٽڻ سبب فوت

بدين (ڊر) بدين جي وارڊ 7 پير ملوڪ شاهه ڪوٽ پاڙي جو رهواسي پيپلزپارٽي جو سرگرم ڪارڪن ڄام عرف ڏاڏا ملاح جنهن کي به ڏينهن پهرين دماغ جي رڳ ڦاٽڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

## پٽافي ڪولاچي تڪرار: فيصلي تي عمل ڪرائڻ لاءِ ڌرين وٽ منٿ ميڙ قافلو پهچي ويو

قومپرست اڳواڻ ۽ ڪارڪنن ڌرين کي پرامن رهڻ لاءِ ٻنهي ڌرين وٽ پهتا

ڌرين کي اپيل آهي تڪرار وڌائڻ کان پاسو ڪن: قومپرست اڳواڻ

ڏهرڪي ميرپورماٿيلو ( رپورٽ وجي ڪمارچاولا ۽ راجيش ڪمارسنڌي )جسقم ۽ ٻين قومپرست پارٽين جي سڏ تي قومپرست پارٽين جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 28

## لاڙڪاڻي ۾ پورهيت جو پٽ جي خون سان انصاف لاءِ احتجاج

9 مهينن کان پوليس صرف هڪ جوابدار کي پڪڙيو آهي: والد

ملوث جوابدار عامر جاگيراڻي کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي لهر باءِ پاس جي رهواسي پورهيت 9 مهينا اڳ مبينا قتل ٿي ويل 13 سالن جي پٽ جي قتل ڪيس /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

## راٽيپور ۾ بودلا شهنشاهه جو عرس شروع، هزارين عقيد تمند پهتل

گادي نشين فدا پيرزادو روايتي طور مهندي کڻي عرس جي شروعات ڪئي

صوفياڻي محفل، قديمي قلندري ڌمال ۽ مهندي سميت غسل جي رسم ادا ٿي

راٽيپور (رپورٽر) راٽيپور جي قديمي درگاهه حضرت سيد حاجنا شاهه المعروف سخي بودلا شهنشاهه بخاري راٽي پور جو ساليانو ٽي روز (ٽل) عرس /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

راٽيپور: بودلا شهنشاهه جي عرس تي گادي نشين مهندي جي رسم ادا ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهي

### بودلا شهنشاهه جو عرس: سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا

راٽي پور: عرس جي تقريبن جي حوالي سان سيڪورٽي جا /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

### گادينشن فدا پيرزادو روايتي ويس پائي ميهندي کڻي ٻاهر نڪتو ۽ رسم ادا ڪئي

راٽي پور: عرس جي حوالي سان درگاهه جو گادينشن ميان /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

## سکر ۾ پاڪستان ورڪرز فيڊريشن جي مطالبن جي مڃتا لاءِ ريلي

سن ڪوٽا، گروپ انشورنس، الائونس بند ڪري زيادتي ڪئي وئي آهي: ميهر علي جتوئي

حقن لاءِ اسلام آباد ۽ سي ايم هائوس آڏو ڌرڻا هڻڻا پيا ته ضرور هڻنداسين: خادم حسين

سکر ( رپورٽ: شڪيل عاجز ) پاڪستان ورڪرز فيڊريشن سنڌ جي سوين ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ بئراج ڪالوني آفيس کان /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

## ٽنڊوآدم ۾ بروهي اتحاد جو اجلاس، برادري لاءِ اهم فيصلا

سنڌ بروهي اتحاد جا اڳواڻ سياست کان پاسو ڪندي برادري لاءِ سوچن: يوسف بروهي

برادري جي غريب ماڻهن جي ڀلائي لاءِ هر ممڪن مدد ڪئي ويندي: اڳواڻن جو عظم

ٽنڊوآدم (رپورٽر) ٽنڊوآدم ڳوٺ حاجي عيد محمد /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

### مادر علمي ۾ وي سي پاران انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن ۾ نئين لڳايل واٽر فلٽريشن پلانٽ جو افتتاح

## واٽر فلٽريشن پلانٽ جي ضرورت هئي: وائيس چانسلر

فلٽريشن پلانٽ پاڻيءَ سان لاڳاپيل بيمارين جي روڪٿام لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو: امداد حسين

ڄامشورو( ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي وائيس چانسلر /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

## نصيرآباد لڳ نشات پاران "آل سنڌ ٽئلينٽ اسپيچ ڪامپيٽيشن" تقريب

نصيرآباد (رپورٽر اعظم ٽگڙ ) ناجيه شاگرد تنظيم "نشات" جماعت لواري شريف ضلع قمبر شهدادڪوٽ طرفان شاگردن وچ ۾ "آل سنڌ /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

## ڪرمپور جا 9 پورهيت بازياب نه ٿي سگهيا، وارثن جو پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

شڪارپور پوليس ناپرڪوٽ ٿاڻي جي حد مان به هفتا اڳ اغوا ٿيل 9 پورهيتن بازياب نه ڪرائي سگهي آهي

اسان جا پورهيت خوشي مان نه پر ٻچن جي پيٽ گذر لاءِ ڪچي مان ڪاٺيون ڪرڻ ويندا هئا: مغوين جا وارث

ايس ايس پي شاهزيب چاچڙ ۽ ٻيون ڌريون پورهيتن کي بازياب ڪرائڻ ۾ عملي ڪردار ادا ڪن: مطالبو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: ذوالفقار علي سومرو) ڪرمپور /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

### ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ جو اجلاس

## درياهه تي ڌاڙو هڻڻ جي اجازت نه ڏينداسين: گل محمد جکراڻي

حڪومت هوڏ تان نه لٿي ته اتحاد ختم ڪري ڇڏينداسين: چيئرمين

ڪنڌڪوٽ ( رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ جو اجلاس گذريل ڏينهن چيئرمين مير گل /ڏسو صفحو 3 بقايا 43

ڪنڌڪوٽ: ضلعي چيئرمين گل محمد جکراڻي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

## لاڙڪاڻي واسين جو باثرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

برادري جا ماڻهو زبردستي دڪان بند ڪرائڻ چاهين ٿا: غوث بخش ڪوسو

خاموش رهڻ لاءِ ڌمڪيون ملي رهيون آهن، تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ نصيرآباد شهر جي ڪاڻيا محلا جي رهواسين باثر مائٽن جي مبينا زيادتين خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي /ڏسو صفحو 3 بقايا 44

### گڏو جي شاهد پبلڪ اسڪول ۾ ٽن ڏينهن واري اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي

ڪنڌڪوٽ ( ڊ ر) گڏو جي شاهد پبلڪ اسڪول ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 45

## قديمي ڳوٺ محمود عالم تي لينڊ گريبرن جي اک، ڳوٺاڻن کي لڏائڻ لاءِ ڌرتي تنگ ڪري ڇڏي

ضلعي اولہ جي سرجاني، منگهو پير ۽ ٻين علائقن ۾ پوليس جي سرپرستي ۾ زمينن تي قبضا ٿيڻ لڳا

سرڪاري ادارن جي مدد سان غير ملڪي افغانين جون رات پيٽ ۾ ڪالونيون ٺهنديون پيون وڃن: ڳوٺاڻا

پوليس اسان جا ڪيترائي گهر ڊاهي ڇڏيا آهن، اسان کي بي گهر ٿيڻ کان بچايو وڃي: رمضان جمالي/ اظهر بروهي

ڪراچي اوير (ن پاڪ) ضلعي اولہ جون قيمتي زمينون پوليس جي مدد سان ڦٻايون پيون وڃن لينڊ گريبرن عام ڳوٺاڻن جو جيئڻ محال ڪري ڇڏيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 46

ميهڙ: پ پ سنڌ ڪائونسل جو ميمبر ٻوٽو پوکي وڻڪاري مهم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

## ميرپور ماٿيلو عدالت ۾ ٻوٽا پوکڻ واري تقريب، سيشن جج ٻوٽو لڳايو

ماحولياتي آلودگي جي خاتمي لاءِ هر طبقو ٻوٽا لڳائڻ ۾ حصو وٺي: سيشن جج

تقريب ۾ ٻيلي کاتي جي آفيسرن سميت وڪيلن به ٻوٽا لڳائي فرض پورو ڪيو

گهوٽڪي (رپورٽ: حاجي محمدمهر) شوشل فاريسٽري /ڏسو صفحو 3 بقايا 47

## صالح پٽ پرسان نوجوان جو واٽر مان لاش هٿ، پوليس نشئي قرار ڇڏيو

درگاهه مينهل پير پرسان عفار مگسي جو لاش پوليس کي هٿ آيو

صالح پٽ (رپورٽر) صالح پٽ شهر جي درگاهه مينهل پير پرسان وهندڙ واٽر ڪورس مان نوجوان غفار ولد مبارڪ مگسي جو لاش هٿ صالح پٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 49

### پيپلز يوٿ ضلعي دادو جو اڳوڻو صدر لاڏاڻو ڪري ويو

ميهڙ ( رپورٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 48

## ڏهرڪي پرسان اسڪول ڀُتو هجڻ سبب ٻارڙا کليل آسمان هيٺ پڙهڻ تي مجبور، احتجاج

بگو دڙو جي ڳوٺ الهوسايو لغاري جو اسڪول مڪمل طور زبون حالي جو شڪار ٿي ويو آهي: شاگرد/ ڳوٺاڻا

اسڪولي عمارت، ڪلاس روم ۽ هال مڪمل طور ڀتو ٿي چڪو آهي، جيڪو ڪنهن به وقت ڪري سگهي ٿو

ٻارڙن لاءِ فرنيچر، اسڪول، واش روم ۽ چوديواري جي سهولت به ناهي، اعليٰ اختياريون فوري طور نوٽيس وٺن: مطالبو

ڏهرڪي (رپورٽ: وجي ڪمارچاولا) ڏهرڪي لڳ بگو دڙو جي ڳوٺ الهوسايو لغاري ۾ گورنمنٽ پرائمري اسڪول جي بلڊنگ مڪمل طور زبون حال جو شڪار، معصوم ٻارڙا اسڪول ۾ بنيادي سهولتن کان محروم ۽ بنا ڇت /ڏسو صفحو 3 بقايا 50

گورنمنٽ پرائمري اسڪول

ڏهرڪي: سهولتن کان وانجهيل ۽ زبون بڻيل پرائمري اسڪول الهوسايو بگودڙو جا منظر، ننڍي تصوير ۾ شاگرد احتجاج ڪري رهيا آهن

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي-آر- آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي